هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪارونجهر

ڇهه ماهي

[تحقيقي جرنل]

ISSN# 2222-2375

جلد– 14، شمارو، 26 ڊسمبر 2022ع

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**

**سنڌي شعبو**

وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي،

عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي، سنڌ، پاڪستان.

## ماهرن جي ڪاميٽي


- **پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**
  اڳوڻو ڊين،
  آرٽس فيڪلٽي،
  سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

- **پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم(ادل سومرو)**
  اڳوڻو چيئرمين،
  سنڌي شعبو،
  شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

- **ڊاڪٽر رشد الله شاهه (مخمور بخاري)**
  اسسٽنٽ پروفيسر،
  سنڌي شعبو،
  سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

- **ڊاڪٽر محمد عابد شاهه (عابد مظهر)**
  اڳوڻو چيئرمين،
  سنڌي شعبو،
  ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي

- **ڊاڪٽر شير محمد (شير مهراڻي)**
  اسسٽنٽ پروفيسر،
  سنڌي شعبو،
  ڪراچييونيورسٽي، ڪراچي

- **ڊاڪٽر منظور علي ويسريو**
  ايسوسيئيٽ پروفيسر،
  نيشنل انسٽيوٽ آف پاڪستان اسٽڊيز،
  قائد عوام يونيورسٽي، اسلام آباد

- **ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو**
  اسسٽنٽ پروفيسر،
  سنڌي شعبو، پاڪستاني ٻوليون،
  علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

- **ڊاڪٽر رحيم بخش مهر(مهر خادم)**
  ايسوسيئيٽ پروفيسر،
  سنڌي شعبو،
  شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

# Editorial Board’s Policies

**Review Process:**

All manuscripts are reviewed by an editor and members of the editorialboard or qualified outside reviewers. Decision will be made as rapidly as possible, and the journal strives to return reviewer’s comments to authors within two weeks.

**Articles:**

The paper must be typed for Sindhi (in MB Lateefi Font size 13),Urdu (in Noori Nastaleeq fontsize 14) and English (in Times New Roman fontsize 12) with double spaced on A-4 size paper.

The title should be brief phrase describing the contents of the paper. The title pages should include the author’sfull names and affiliations. All manuscripts to be send in hard copy along with the text in CD to mailing address of Department of Sindhi, FUUAST, and also through email to karoonjhar.rj@gmail.com, ihussain.laghari@fuuast.edu.pk

**Abstract:**

The abstract should be informative and completely self-explanatory, briefly present the topic and state the scope of work. The abstract should be 100 to 200 words in length.

**Tables and Figures:**

Tables should be kept to a minimum and be designed to be as simple aspossible. Figure legends should be typed in numerical order on a separate sheet. Graphics should be prepared using applications capable of generating high resolution GIF, TIFF, JPEG or Power Point before pasting in Microsoft Word manuscript file. Tables should be prepared in Microsoft Word or Mic - rosoft Publisher.

**Acknowledgement:**

The acknowledgement of people, grants, funds etc should be brief.

**References:**

In the text, a reference identified by means of an author’s name should be followed by the year of the reference in parentheses. Patterns are as following:

سنڌي:

خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر، ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز ڪراچي، 2010ع، ص: 404

اردو:

سید، مظہر جمیل، ”جدید سندھی ادب، (میلانات. رجحانات. امکانات)“، اکادمی بازیافت، (دوسری اشاعت)، 2007ع، ص: 686

**English:**

Deuze, M., “Professional identity and ideology of journalists Reco - nsidered”, Journalism, Vol. 6, No. 4, 2005, Page No. 422-464

You can follow the given other patterns in this journal also.

**Copyright:**

All the statements of fact and opinion expressed in this journal are the sole responsibility of the authors, and do not imply and endorsement on part or whole in any form/shape what so ever by the editors or publishers.

## فهرست


- ايڊيٽوريل — ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري — 07


## مقالا


1. ڊاڪٽر نور افروز خواجہ جي تحقيقي ۽ ادبي خدمتن جو تجزياتي مطالعو — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 09
2. سسئيءَ جي جدوجهد: من اندر جو سفر — ڊاڪٽر عصمت فاطمہ ويسر — 20
3. حسن درس جي شاعريءَ جو مختصر تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو — ڊاڪٽر عابده گهانگرو — 30
4. قديم هندي ۽ سنڌي عالمن پاران سنسڪر تي علمن جي سامي ٻولين ۾ منتقليءَ جو تاريخ جائزو — عبدالڪريم آزاد سميجو — 37
5. مرزا قليچ بيگ جي سنڌي شاعري جون سماجي خدمتون — ناهيد شاهہ نقوي — 49
6. نوابشاهہ جي ادبي تاريخ جو مختصر تعارف (1947ع- 1965ع) — ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي — 58
7. حيدر بخش جتوئي جي نظمن جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو (1920ع کان 1950ع تائين) — مشتاق گبول ۽ انور پرديسي — 68
8. غلام رباني آگري جي سفرنامي ”هنگلاج ۾ چانهہ“ جو تنقيدي جائزو — ام هاني سنتو — 79
9. آغا سليم جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو — ڊاڪٽر اختر علي گهنيو — 89
10. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس — عبدالفتاح سپرو — 97
11. ڪهاڻيءَ جو فن ۽ رزاق مهر جي ڪهاڻي، ”سڪون ڪٿي آهي“ جو تنقيدي جائزو — حرا جان — 108
12. نورالهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين ۾عورتزاد جو تصور — بيبي فاطمہ ابڙو — 117

# ايڊيٽوريل

وفاقي اردو يونيورسٽي جي سنڌي شعبي مان نڪرندڙ ريسرچ جرنل ڪارونجهر جو ڊسمبر 2022ع جو شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي. ريسرچ جرنل جي ايڊيٽنگ، پروف ريڊنگ ۽ مقالا نگارن سان رابطي ۾ رهڻ هڪ ٽيم ورڪ آهي، جنهن ۾ مون سان گڏ شعبي جي ٻن استادن ڊاڪٽر سيما ابڙو ۽ ڊاڪٽر عابده گهانگرو جو ڀرپور سهڪارحاصل آهي ۽ ان کان علاوه شعبي جو ڪمپيوٽر آپريٽر مختيار احمد ٻگهيو به اسان جو ٻانهن ٻيلي ۽ ٽيم جو حصو آهي. اسان مقالا نگارن کي هميشہ اها گذارش ڪندا آهيون تہ ريسرچ جرنل جي پاليسي، درست حوالن ۽ مقالن جي فارميٽ کي مدنظر رکي مقالا موڪلين. پر پوءِ بہ اڪثر مقالا ان معيار جا نہ هوندا آهن، جنهن جي ڪري ڪي مقالا رد ٿي ويندا آهن ۽ ڪن مقالن ۾ تمام گهڻي ايڊيٽنگ ڪرڻي پوندي آهي ۽ ڪڏهن وري مقالن جي حوالن جا مسئلا درپيش ايندا آهن. ان ڪري هڪ دفعو ٻيهر گذارش آهي تہ مقالا موڪلڻ وقت انهن سڀني ڳالهين جو خيال رکيو وڃي.

سنڌي شعبو ڪارونجهر جرنل جاري ڪرڻ ۽ شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ سان گڏ اڪثر ٻيا ادبي پروگرام پڻ ڪرائيندو رهي ٿو. گذريل ڏينهن ۾ سنڌي ثقافت جي ڏينهن جي مناسبت سان ادبي سيمينار ۽ لطيفي راڳ جو پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ مختلف اسڪالرن ۽ ٻولي جي ماهرن شرڪت ڪئي. لطيفي درگاه جي راڳي فقير حاجن نظاماڻي ۽ سندن ساٿين لطيفي راڳ پنهنجي مخصوص انداز ۾ تنبوري تي پيش ڪيو. ريسرچ جي حوالي سان سنڌي شعبي ۾ ايم. فل ۽ پي ايچ. ڊي جا سيمينار منعقد ڪيا ويا. سنڌي شعبي جي اها ڪوشش رهي آهي تہ علمي ۽ ادبي حوالي؛ خاص طور تي تحقيقي حوالي سان پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو ڪري. اڳتي پڻ ان روايت کي برقرار رکيو ويندو.

**ڊاڪٽرعنايت حسين لغاري**

ايڊيٽر

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# ڊاڪٽر نور افروز خواجہ جي تحقيقي ۽ ادبي خدمتن جو تجزياتي مطالعو

## An analytical study of Dr. Noor Afroz Khawaja's Research and Literary works

**Abstract**:

Dr. Noor Afroz Khawaja is a well-known Researcher, Educationist, Writer and a reputed Scholar of Sindh. She is author of six books. Dr. Noor Afroz had been served as Professor at Sindh University, Jamshoro, where she had been Chairperson of Sindhi Department and DeanFaculty of Arts. She had remained the Director Shaims-ul-Ulma Mirza Qaleech Baig Chair as well.

She is member of Board of Studies in various Universitiesand expert for different programs i.e M.Phil and Ph.D., at different Universities including Sindhi Department, Federal Urdu University, Karachi. She has a remarkable academic record in her educational career. She availed gold medal on achieving 1st class 1st position in M.A (Sindhi).

It is, pertinent to point that Dr. Noor Afroz is persuading and completing the reviewing research work of Dr. Ghulam Ali Allana after his sad disease.

Dr. Noor's research work is mostly focused on history of Sindhi Literature, Fiction, Criticism and Latifyat. In this paper, I have analyzed her research and literary work.

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ سنڌ توڙي هند جي علمي ۽ ادبي ماحول ۾ چڱيءَ پر سڃاتي وڃي ٿي. سندس علمي ۽ ادبي خدمتون وسيع پئماني تي آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ هڪ معزز استاد طور درس و تدريس سان لاڳاپيل ڊاڪٽر نور افروز ڊين (Dean) جي حيثيت ۾ ريٽائرڊ ٿي ۽ اڄ ڏينهن تائين هوءَ پنهنجي علمي ۽ ادبي ڪم سان لاڳاپيل آهي.

ڊاڪٽر نور افروز جو جنم 5 جولاءِ 1953ع تي احمد علي خان خواجہ جي گهر ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد ۾ ٿيو. هوءَ ننڍپڻ کان محنتي، ذهين ۽ پڙهائيءَ جي شوقين هئي ۽ سندس خاندان علمي ۽ ادبي هئڻ ڪري کيس تعليم ۾ ڪي ڏکيائيون پيش نہ آيون. سڄي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان 1976ع ۾ ايم.اي سنڌيءَ ۾ ڪرڻ

بعد ساڳئي سال ۾ سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿي، جتي شاگردن لاءِ هڪ آدرشي استاد طور هن جو رويو محبت ۽ پيار وارو رهيو. 1977ع ۾ علامه غلام مصطفىٰ قاسميءَ جي رهبريءَ ۾ ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“ عنوان سان مقالو لکي پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. انهيءَ دوران ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکندي رهي، جن جو ڳاڻيٽو هڪ سئو کان مٿي آهي. پاڻ ترقي ڪندي اسسٽنٽ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ پروفيسر طور ڪم ڪيائين. سنڌي شعبي جي چيئر پرسن ۽ فئڪلٽي آف آرٽس جي ڊين طور ذمه داريون نڀايائين. شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر طور ذميواريون انجام ڏيئي چڪي آهي. جتي مرزا صاحب جا ويهارو کن ڪتاب شايع ڪرايائين. ڊاڪٽر نور افروز جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جو وڏو حلقو سندن مداح آهي، پاڻ HEC طرفان تحقيقي ڪم جي نگران مقرر آهي، سندن نگرانيءَ ۾ شاگردن ايم.اي جا مونوگراف لکيا آهن جن ۾ روپلو جويو، ڪاشف، سارنگ جويو ۽ ٻيا آهن ته ايم.فل مڪمل ڪندڙ شاگردن ۾ علي اصغر، الاهي بخش اجڻ، گلشن ۽ ٻيا آهن. پي.ايڇ.ڊي جي ڊگري لاءِ ڊاڪٽر نور افروز وٽ تقريباً ويهن کان مٿي شاگرد رجسٽر ٿيا آهن. جن ۾ سڀ کان پهرين مون (راقم الحروف)، ”سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ عورتن جو حصو تحقيقي اڀياس 1985ع تائين“ جي موضوع تي تحقيقي ڪم 2012ع ۾ مڪمل ڪري ڊگري حاصل ڪئي ان کان پوءِ ڊاڪٽر الهوسايو سومرو، ڊاڪٽر نور محمد شاهه، ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، ڊاڪٽر جيئڻ خان ڪيريو، ڊاڪٽر محمود ڏاهري، ڊاڪٽر فريد ڏاهري، ڊاڪٽر عائشه الاهي بخش، ڊاڪٽر آدم ٻٽ، ڊاڪٽر حسين مسرت ۽ ٻين ڪم مڪمل ڪري ڊگريون حاصل ڪيون آهن. وٽن ڏهه ايم.فل جا شاگرد پڻ رجسٽرڊ آهن، جن جو ڪم جاري آهي.

ڊاڪٽر نور افروز هڪ سپروائيزر جي حيثيت ۾ مهربان ۽ محنتي استاد طور پنهنجي اسڪالرس کي محنت لاءِ همٿائيندي ۽ ڪم جي معيار طرف توجهه ڏيارائيندڙ رهي آهي. ڪڏهن به سندس گهر جا دروازا پنهنجي شاگردن لاءِ بند نه رهيا آهن ۽ روبرو ۽ ٽيليفون تي پڻ ڪين مدد ڪندي رهي آهي.

سندس مٺي ۽ نرم زبان ۽ سهڻي ورتاءُ جي ڪري هر شاگرد وٽن رجسٽرڊ ٿيڻ پسند ڪندو آهي. علي نواز آريسر موجب، ”ڊاڪٽر نور افروز گهڻ پاسائين شخصيت جي مالڪ آهي سندس شخصيت کي جيڪڏهن ادبي

حلقي کان هٽائي جي اُن جي پرک ڪجي ته به هوءَ هڪ وڻندڙ سياڻ ۽ محبت جو پندار نظرايندي نهايت ئي معصوم ۽ فهميدو نانءُ نور افروز سچ ته سنڌوءَ جي پاٽيءَ جيان امرت آهي پاڻ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندي هئي ته وٽس چوڪرن توڙي چوڪرين جا انبوهه نظر ايندا هئا، بعد ۾ جڏهن ڊين جي ڪرسيءَ تي ويٺي، تڏهن به شاگردن جو اهو ئي هجوم سندس آفيس ۾ نظر ايندو هو“. (1)

ڊاڪٽر نور افروز مختلف ادارن جي گورننگ باڊي، سينيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل، بورڊ آف اسٽڊيز جي حوالي سان ميمبر رهي آهي. سماجي خدمتن ۾ خاص طور پنهنجي ڪميونٽيءَ جي ڪمن ۾ اڳڀرائي ۽ تعاون ڪندڙ رهي آهي. آغا خان تعليمي بورڊ، ان جي اسٽڊي سينٽر، الزهره هاسٽل ۽ آغا خان هيلٿ سروس پاڪستان ۽ ٻين جڳهين تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي چڪي آهي. آغا خان ڪميونٽيءَ جي سنڌ ۾ هيءُ پهرين پي.ايڇ.ڊي ڪندڙ عورت شمار ٿيئي ٿي. کين سندن خدمتن تي ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

ڊاڪٽر نور افروز جي ڇپيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي، 1.”پرڏيهي آکاڻيون“ (ترجمو 1978ع)، 2.”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“ (ڀاڱو پهريون، 1999ع)، 3.”پائي پٽ کٽا“ (2005)، 4.”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“ (وڌايل ۽ سنواريل، مڪمل مقالو، 2010ع)، 5.”مشڪ ڪٿوري مڻ“ (2010)، 6.”آگم ڪيو اچن“ (2019ع) ۽ ترتيب ڏنل به ڪتاب ”اگهياسُٺ سندا“ (2007ع)، ”لوچيان ٿي لاحد ۾“ (2010ع) آهن. سندن پي.ايڇ.ڊي جي مقالي ۽ ڪتاب ”مشڪ ڪٿوري مڻ“ کي سنڌي لئنگيئج اٿارٽيءَ پاران 2010ع ۾ ادب ۽ تنقيد جي ڪتابن جا ايوارڊ مليا آهن.

ڊاڪٽر نور افروز تعليمي ماهر آهي ته مضمون نگار ۽ محقق پڻ. سندس ڇپيل ڪم نثر ۾ آهي ۽ خاص طور مضمون، سوانح، تنقيد ۽ تحقيق متعلق آهي جن جا موضوع، علمي ۽ ادبي آهن. ادبي تاريخ سندن پسنديده موضوع آهي. هن مقالي معرفت سندن علمي ۽ ادبي خدمتن جو مطالعو پيش ڪجي ٿو.

پائي پٽ کٽا: گنج بخش پبليڪيشن، 2015ع ۾ شايع ڪيو آهي. 630 صفحن جي هن ڪتاب جا 8 ڀاڱا آهن ماهرن جي راءِ ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، حميد سنڌي، ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ، شوڪت حسين شورو، تاج جويو ۽ ڊاڪٽر انور ”فگار“ هڪڙو جا رايا ڏنل آهن.

پهرين ڀاڱي ۾ سنڌي افساني جي ابتدا ۽ اوسر سان گڏ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ناول ”نورجهان“ تي روشني وڌل آهي. ٻيو ڀاڱو، ”گنان“ شاعريءَ بابت آهي. ٽيون ڀاڱو، تنقيدي مضمون ۽ مقالا آهن جن ۾ سنڌي ادب ۾ سنڌي سماج، سنڌي افساني ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي، سنڌي افساني ۾ عورت جا روپ، سنڌي ناول ۾ رومانيت، سنڌي ناولن ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي، سنڌي ناولن جي موضوعن جو اڀياس، ”سائو پن يا ڪارو پنو“ (سوانح حيات) سامي جي ڪلام ۾ عورت، ”سُرها گل سنڌ جا“، ”ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌي اديبن جو ڪردار“، ”چوڏهين چنڊ آڪاش“. چوٿون حصو، لطيف شناسيءَ متعلق آهي، جنهن ۾ پنج مقالا ڏنل آهن. ”عورت، شاهه لطيف جي نظر ۾“، ”پير حسام الدين ۽ شاهه لطيف“، ”شاهه ڪريم جو شاهه لطيف تي اثر“، ”سورٺ جو ڪردار“، ”سر مومل راڻي جي تمثيل“ ڪتاب جو پنجون ڀاڱو، سوانحي مقالن بابت آهي جنهن ۾ سنڌي ادب جي ڀاوِيهن وڏين شخصيتن جي باري ۾ مقالا آهن، گڏ سنڌن اهم ڪتابن جي به اوک ڊوک ڪيل آهي جن لاءِ لکيو ويو آهي انهن ۾ مرزا قليچ بيگ، علامہ آءِ.آءِ قاضي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، سائين جي.ايم سيد، شيخ اياز، گوبند مالهي، رام پنجواڻي، خليق مورائي، محمد عثمان ڏيپلائي، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نجم عباسي، امر جليل، نسيم احمد کرل، سندري اُتم چنداڻي، خيرالنساءِ جعفري، آغا سليم، ڪلا پرڪاش، وليرام ولڀ، شوڪت حسين شورو، ڊاڪٽر انور ”فگار“ هڪڙو آهن. هن ناول ۾ آيل مضمون ادبي تاريخ جو هڪ اهم حصو شمار ٿين ٿا. ڇهون ڀاڱو، لسانيات جي عنوان سان آهي جنهن ۾ هڪ مضمون ”اصطلاح، چوٽيون ۽ پهاڪا“ ڏنل آهي. ”پائي پٽ ڪٽا“ جي ستين ڀاڱي جو عنوان تخليقي مضمون آهي جنهن جا مضمون ”امڙ“، ”صحت ۽ مناسب غذا“ آهن. اٺون حصو، ”لوڪ ادب“ آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لوڪ ڪهاڻين جي ستن جلدن جو جائزو ورتل آهي.

مضمونن ۽ مقالن جو هي ڪتاب تخليقي به آهي ته تحقيقي پڻ، جو پڙهندڙ جي ذهن جي گوشن کي مختلف ڏسائن کان روشني ڏئي ٿو. هڪ ئي وقت هن ۾ سوانح، لطيف شناسي، لوڪ ادب ۽ ادبي تاريخ جا موضوع ملن ٿا ڊاڪٽر غلام حسين پناهڙ لکي ٿو ته،

”هن ڪتاب ۾ گهڻو ڪري مقالا، افسانوي ادب تي لکيل آهن. باقي ڪجهه ٻين موضوعن تي به آهن. اهڙيءَ ريت هي ڪتاب هر پڙهندڙ جي

دلچسپيءَ جو باعث ٿيندو. جنهن جو اندازو خود پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا. انهيءَ مجموعي مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر نور افروز خواجہ نہ رڳو هڪ محنتي ۽ قابلِ قدر درس و تدريس ۾ پاڻ ملهايو آهي، پر هن ادب جي ميدان ۾ قابلِ تحسين جاڪوڙ ڪئي آهي جنهن کي ادبي دنيا وساري نہ سگهندي". (2)

"پائي پٽ ڪٽا" ڪتاب شخصي مطالعي ۽ افسانوي ادب جي تاريخ جي ڪٽ ڪري ٿو. شخصي مطالعي ۾ ڊاڪٽر نور شاعرن، ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن ۽ محققن بابت تفصيل سان لکيو آهي تہ انهن جي ڪيل ڪم جو تجزيو پڻ ڏنو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ناول "نورجهان" تي تبصرو ڪندي لکي ٿي تہ، "ڊاڪٽر گربخشاڻي سنڌي زبان جي اهڙن باڪمال نثر نويسن ۾ شمار ٿئي ٿو جن سنڌي نثر کي نئون روپ ڏنو. سندس اندازِ بيان نهايت ئي عمدو آهي. هن هندو توڙي مسمانن کي لکڻين مان فيضياب ڪيو. سندس سهڻي سوچ ۽ تحرير ادبي حلقن ۾ عام تي ۽ دلچسپيءَ جو باعث بڻي. ڊاڪٽر صاحب جي خاص طور تي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (رح) جي ڪلام جي مڪمل شرح ۾ ساڻس ڪوبرميچي نہ سگهيو آهي. انهيءَ ڪان علاوه ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب سنڌي زبان ۾ هڪ تاريخي ناول "نورجهان" بہ لکيو هو. اهو ناول فن ۽ فڪر ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان اعليٰ ناول آهي". (3)

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر: ڊاڪٽر نور افروز جي پي.ايچ.ڊي جي تحقيق آهي. جنهن جو پهريون جلد 1999ع ۾ گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد شايع ڪيو هو. پورو مقالو انهيءَ وقت شايع ٿي نہ سگهيو. هن مقالي جو وڌايل ۽ سنواريل ٻيو ڇاپو 2010ع ۾ شيخ شوڪت علي اينڊ سنز شايع ڪيو آهي. جنهن تي بهترين تحقيقي ڪتاب جو ايوارڊ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ليکڪا کي ڏنو ويو ۽ جنهن تي سنڌ جي ڪن ساڃهہ وندن اعتراض ڪندي اخبارن وسيلي ان جو اظهار بہ ڪيو حقيقت اها آهي تہ انهن ساڃهہ وندن هن تحقيق جا ٻئي ڇاپا گڏ رکي نظر مان نہ ڪڍيا هئا. جن ۾ هڪ وڏو فرق آهي. 1999ع ۾ ڇپيل پهريون جلد اڻ پورو آهي جو بہ ڪافي مشهور ٿيو ۽ شاگرد طبقي کي ڪم آيو ۽ 2010ع ۾ شايع ٿيل مڪمل مقالو آهي جو 711 صفحن تي آڌاريل آهي، اٺن بابن سان گڏ نائون ۽ ڏهون باب ضميمن تي آهن جن ۾ سنڌي ناولن جي فهرست، سنڌ ۾ ڇپيل ناول، پارت ۾ ڇپيل ناول ۽ علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارا ۽ ببليوگرافي ڏنل آهي. هن تحقيقي مقالي جي اهم اٺن بابن جا عنوان، 1.

سنڌي نثر جو جائزو. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي نثر جو جائزو ڏيندي محققا نثر ۾ افسانوي ادب جي اهميت ڄاڻائي آهي.

هن مقالي جي ٻولي عام فهم ۽ وڻندڙ آهي ناولن جي ڇپجڻ جا ادارا ۽ انهن جي ڇپجڻ جا سال ضميمي ۾ آهن جو اهم ڪم آهي هن مقالي معرفت ورهاڱي کان پوءِ جي ڇپيل سنڌي ناولن جي هڪ تاريخ تيار ٿي آهي جنهن مان انهن ناولن جي موضوعن، مواد، ادبي خاصيتن ۽ ٻولي، مقصديت ۽ ٻين خوبين جي خبر پئي ٿي. هيءُ هڪ ڪارائتو ڪتاب آهي.

مشڪ ڪٿوريءَ مڻ: ڪتاب جو عنوان شاهه صاحب جي هن بيت مان ورتل آهي.

ڪانگل ڦريٻن جا،اَڇي وائِيءَ وَڻ،
تو ۾ بُوءِ بهارَ جي، مُشِڪ ڪٿورِيءَ مَڻُ،
اَڇي عجيبَن جو،اورانگِهج اڱڻُ،
توکي پسي تَڻُ، سُورَ نئان صافُ ٿيئي. (4)

هن ڪتاب ۾ آيل تحقيقي مضمونن ۾ شهيد راڻي بينظير ڀٽو کان الطاف شيخ سنڌ جو سيلانيءَ تائين ليکڪا ڪيترين شخصيتن جي سوانحي احوال سان گڏ سندن علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن تي روشني وڌي آهي. جنهن ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي، شيخ اياز، ڊاڪٽر تنوير عباسي، سردار نواب ولي محمد خان لغاري، ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي، پروفيسر محرم خان، دادا ٽي ايل واسواڻي، چندو لعل جئسنگهاڻي، جمال ابڙو، طارق اشرف، تنوير جوڻيجو، نذير ناز، ج.ع منگهاڻي، قمر شهباز، امر جليل، ڊاڪٽر قاضي خادم، ڊاڪٽر رابعه، ڊاڪٽر فهميده ۽ ٻيا آهن. ڪجھ ڪتابن جيئن "گلوريئس پاسٽ"، "آديسين ادب آهي اڪڙين ۾"، "شاهه عبداللطيف سنڌي سماج جو ترجمان"، "دلير سلطانه"، "جهڙو پسڻ پرينءَ جو" تي ليکڪا، مهاڳ ۽ تبصرا لکيا آهن. ڊاڪٽر نور جي ادبي پورهئي کي مان ڏيندي حميد سنڌيءَ لکيو آهي ته،

"جن ٻه عورتن ليکڪائن جنهن نموني ۾ سنڌي ادب جو مانُ مٿانهون ڪيو آهي، عزيز نور افروز خواجه انهن مان هڪ آهي، ڪيس جَس آهي، جو هوءَ هڪ پورهيت وانگي اڄ ٻه پورهيو ڪري سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي نمايان ڪندي لکي رهي آهي، سندس لکڻين ۾ گهڻي قدر هڪ (Creativity) آهي". (5)

حميد صاحب جنهن (Creativity) تخليقي قوت جي باري ۾ لکيو آهي. انهيءَ جو هڪ رُخ ڊاڪٽر نور افروز جي سوانحي مضمونن ۾ اُتم

ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ڊاڪٽر نور جڏهن بہ ڪنهن شخص جي فن ۽ ذات جي باري ۾ لکيو آهي، تڏهن انهيءَ جي ڪرداري خوبين کي اهڙيءَ ريت اُجاگر ڪيو اٿس. جو آئون سمجهان ٿي تہ خود انهيءَ فرد کي پاڻ پڻ پنهنجي انهيءَ خوبيءَ / خاميءَ جي مڪمل طور جاڻ نٿي هجي، هوءَ نہ فقط خوبين جي کوجنا ڪرڻ جاڻي ٿي پر خاميون پڻ رومال ۾ ويڙهي سهڻائيءَ سان پيش ڪري ٿي. جيڪو تنقيد نگاريءَ جو اهم اصول آهي، انهيءَ مان سندن مشاهدي جي مضبوطي ظاهر ٿئي ٿي. هن مَدَ ۾ چند حوالا "مُشڪ ڪتوريءَ مَڻ" مان پيش ڪريان ٿي، جنهن مان پڙهندڙن کي ليکڪا جي شخصي مطالعي جي پروڙ پوندي. قاضي خادم لاءِ لکي ٿي تہ:

"قاضي خادم صاحب وٽ علم جو دريا آهي، پاڻ جڏهن بہ ڪچهريءَ ۾ ويهندو يا ڪورٽس ويندو آهي يا ڪنهن مسئلي تي ڪائنہ پڇبو آهي تہ هميشہ مختلف ليکڪن جي لکڻين، ناولن، ڊرامن ۽ افسانن مان مثال ڏيئي، ڪهاڻي ٻڌائي، مثال بيان ڪري ٻڌائيندو، جيڪا انهيءَ وقت ان موضوع سان ٺهڪي ايندي آهي ۽ رهنمائي ملندي آهي. سندس چيل جملا اهڙا تہ دلچسپ ۽ ڏاهپ ڀريا هوندا آهن، جو ڪڏهن بہ وسري نٿا سگهن". (6)

آزاد قاضي لاءِ لکيو اٿس تہ:

"آزاد قاضي مطالعي جو شوقين آهي، ان ڪري هو هر وقت ڪونہ ڪو ڪتاب پڙهندو رهندو آهي، ڪتابن سان گهري لڳاءُ سبب هونئين شايع ٿيندڙ مواد جي سلسلي ۾ پڻ مڪمل جاڻ رکندو آهي. ڪيس تقريباً هر ڪتاب جي ليکڪ، پبلشر ويندي سال جي خبر هوندي اٿس". (7)

مٿين سٽن کي جڏهن مون هن ڪتاب ۾ پڙهيو تڏهن ذاتي طور آئون انهيءَ سان بلڪل متفق ٿيس، ڊاڪٽر قاضي خادم وٽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مون ڪلاس اٽينڊ ڪيا هئا ۽ ليکڪا جي راءِ سئو سيڪڙو صحيح لڳم. ڊاڪٽر قاضي خادم ايم.فل جي دوران ۾ پڙهائڻ جي وچ ۾ اسان کي هميشہ مثالن ۽ سمجهاڻين سان پنهنجو مؤقف پيش ڪندو هو ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي راءِ اسان مٿي مڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪيائين، ظاهري طور استاد جي حيثيت ۾ سندس رويو سخت هوندي بہ شاگردن سان دوستاڻو هو. ساڳيءَ ريت آزاد قاضيءَ سان بہ جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ ملاقات ٿي اٿم تہ سندن کلهي ۾ ڪتابن جو بيگ تہ ڊگ ڪتاب هٿ ۾ بہ هوندا آهن ۽ هڪ بہ دفعا ڪجهہ ڪتابن جي باري ۾ سوال جواب ڪيوسين تہ قاضي صاحب جي مطالعي جو متعرف ٿيڻو پيو. ٻيو تہ ٺهيو پر خود منهنجي نالي جڏهن ڊاڪٽر نور افروز اهو لکيو تہ، "آئون پروين کي

چوندي آهيان ته، تون تڪڙي آهين، پر هوءَ واقعي تڙ تڪڙ ۾ سنا ڪم ڪري ٿي وڃي. هن ڪي شابس آهي جو هن وقت تائين ايترا ڪتاب لکيا اٿس" (8) ته يقين ڪريو مونکي پنهنجي انهيءَ جلد بازيءَ جي خوبيءَ يا خامي جي گهٽي سُڌ نه هئي، پر سندن انهن جملن مونکي پنهنجو پاڻ سان متعارف ڪرايو. آئون سمجهان ٿي ته ڪتابن جو مطالعو ته هر ڪو ڪري ٿو، پر ماڻهن جو مطالعو هر هڪ جي وَسَ جي ڳالهه نه آهي ۽ اهو مطالعو ۽ پرک ۽ پروڙ اهو ڪري سگهندو آهي، جنهن جي طبيعت ۾ خلوص هجي جيڪي ٻين سان ٿڌائيءَ ۽ پيار سان پيش ايندا هجن وڏي ڳالهه ته ڪيس شخصي مطالعي ۽ مشاهدي تي عبور هجي.

هن ڪتاب معرفت ڊاڪٽر نور افروز ڪيترين شخصيتن جي خوبين ۽ فن کي ظاهر ڪيو آهي ته گڏ سندن پنهنجيءَ ذات ۽ علميت جو عڪس پڻ "مُشڪ ڪٿوريءَ مڻ" مان چٽيءَ پَرِ پسجي پيو. "مُشڪ ڪٿوريءَ مَڻ" ڪتاب جي شروع ۾ ڊاڪٽر نور ڪان گلبدن جاويد جو ورتل انٽرويو پڻ شامل آهي 367 صفحن جي هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو، قاضي خادم، موهن مدهوش، ڊاڪٽر قمر مرزا ۽ ٻين جا رايا ڏنل آهن. ڪتاب تخليقي، تحقيقي ۽ تنقيدي مضمونن ۽ مقالن تي مبني آهي آخر ۾ ڇهن ڪتابن تي تبصرا ۽ چند شخصيتن بابت احوال آهي.

آگم ڪيو اچن: 2019ع جي مارچ ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو اڪيڊميءَ جي مدد سان پيڪاڪ پرنٽرز شايع ڪيو آهي. ڪتاب جو عنوان شاهه عبداللطيف جي رسالي مان ورتل آهي.

آگم ڪيو اَچن، سَجَڻَ سانوَڻَ جيئن،
پاسي ٿَنِ وَسن، جي سَيُ جَماندرُسِڪِيا. (9)

هي ڪتاب تحقيقي، تنقيدي ۽ سوانحي مقالن تي مشتمل آهي. پهرين حصي ۾ 24 تحقيقي مضمون ۽ ٻئي حصي ۾ ادبي ڪتابن تي تبصرا ۽ هند جي ليکڪن جي فن جو اڀياس ڏنل آهي.

پهرين حصي ۾ آيل مضمون شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انسان شناسي، شاهه لطيف جي ڪلام ۾ وطن پرستي، صبر جنين جو سير. سر سلطان محمد شاهه آغا خان، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني آگرو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي شاعريءَ ۾ وٽج واپار، سنڌي نثر جي بقا جو مسئلو، بيگم نصرت ڀٽو ۽ ٻيا ليک آهن. ٻئي حصي ۾ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي، ڊاڪٽر ٽيڪچند گرداساڻي، رام جوهراڻي جي ڪتاب "سنڌي سرويچ"، ڊاڪٽر جگديش جي ڪتاب، 'آچيندي لڄ مران' ۽

ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جي تحقيقي مقالي سان گڏ سندس ٻين ٽن ڪتابن "سنڌي ادبي اخبار نويسي"، "ادبي تبصرا" ۽ "مهاڳ" ڪتابن جو مطالعو ڏنل آهي. 296 صفحن جي هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي ۽ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ جا ڊاڪٽر نور افروز جي ڪم بابت رايا آهن. آگم ڪيو اچن، ﻫ هڪ لحاظ کان ڊاڪٽر نور جي مٿين ٻن ڪتابن وانگر مضمونن، مقالن ۽ ڪتابن جي تبصرن تي مشتمل آهي.

هن ڪتاب ۾ علم ادب جي اهم شخصيتن جي بابت لکيو ويو آهي تہ هند جي ڇپيل مواد جي ڪمائتي معلومات ڏنل آهي. سندن لکڻ جو نوع وڻندڙ ۽ ڪتاب ديده زيب ڇپيل آهي. "آگم ڪيو اچن" جو مطالعو ڄاڻائي ٿو تہ ڊاڪٽر نور جو اڀياس ڳوڙهو ۽ مشاهدو گهرو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ، "هن مجموعي ۾ شامل مقالن مان ڪي لطيفيات واري موضوع تي لکيل آهن، ڪي تنقيدي، ترقي پسند، جديد ادب جي باري ۾ لکيل آهن تہ ڪي سنڌ جي سياسي تاريخ تي روشني وجهن ٿا ۽ وري ڪي سوانحي خاڪن ۽ ساروڻين تي مشتمل آهن". (10)

ڊاڪٽر نور جا لکيل مضمون ۽ مقالا موضوع طور معلوماتي ۽ ادبي تاريخ جو احاطو ڪندڙ ۽ شاگردن، اسڪالرن ۽ استادن لاءِ مفيد ثابت ٿيل آهن. سندس تحرير نويسيءَ جا چند مثال هيٺ پيش ڪريان ٿي تہ جيئن پڙهندڙن وٽ موضوع جي چٽائي ٿيئي شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ انسان شناسيءَ تي ليکڪا لکي ٿي تہ، "شاهہ سائين انسان شناسيءَ ۽ زندگيءَ جي فلسفي جو شاعر هو. سندس شاعريءَ جا موضوع هر دور جي انسانن ۽ انهن جي زندگيءَ جي فلسفي سان واسطو رکندڙ آهن. لطيف انسان شناسيءَ جو شاعر آهي، سندس ڪلام جي هرمصرع، هر بيت ۾ انسان شناسيءَ جي پهلوءَ، سڪ، اُڪير ۽ انتظار جو پيغام پيش ڪيل آهي". (11)

طارق اشرف جي باري ۾ لکيو اٿس تہ:

"طارق اشرف هڪ اديب هو. اديب تمام گهڻو حساس ٿيندو آهي، هو امن پسند هوندو آهي، هو چاهيندو آهي تہ سندس پيغام ذريعي قومن ۾ انقلاب اچي ۽ قوم پنهنجا حق حاصل ڪري. طارق جڏهن سنڌين ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين تان جهيڙا ڪري، هڪ ٻئي جا خون ڪندا رهن ٿا، ڏسي ٿو، تڏهن تمام گهڻو پريشان ٿئي ٿو. جنهن جو اظهار هو هنن لفظن ۾ ڪري ٿو تہ: "ﻫ ڪونڌر ڪُسجي ويا، ﻫ جوڌا، سنڌي جوڌا مارجي ويا، ٻن مظلومن جو قتل ٿي ويو، ﻫ گهر اجڙي ويا، ﻫ خاندان برباد ٿي ويا، سنڌ جا ﻫ هوشيار شاگرد مري ويا، انهن کي ڪنهن ماريو؟ سنڌين، ڇا جيئي سنڌ جو مقصد اسان جي آڏو اهو آهي تہ اسين پنهنجي ڪونڌرن کي پاڻ ماريون"؟ (12)

ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جي ڊاڪٽر چيتو لالواڻيءَ جي لوڪ ساهت بابت ٿيل کوجنا جي پي.ايچ.ڊي مقالي تي راءِ ڏيندي ڊاڪٽر نور لکيو آهي ته،

”ڊاڪٽر روشن جي هيءَ ٿيسز لوڪ ادب جي بهترين ٿيسز آهي. هن ڪتاب ۾ لوڪ ادب جي تاريخ تي جن جن عالمن ڪم ڪيو آهي انهن جو تفصيل ۽ سنڌ ۾ جيڪا تحقيق ٿي آهي ان جو به ذڪر ڪيل آهي. ڊاڪٽر روشن اهو هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي جو ڊاڪٽر لالواڻي جهڙي گهڻ رخي شخصيت ۽ هر فن مولي تي ريسرچ ڪري پي.ايچ.ڊي جو مقالو لکي، چيرائي سنڌي ادب تي هڪ وڏو احسان ڪيو آهي. هيءُ هڪ زبردست تحقيق آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر لالواڻيءَ جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي اجاگر ڪيو ويو آهي“. (13)

ڊاڪٽر نور افروز جو ڪم تخليقي، سوانحي، تحقيقي ۽ تنقيدي مضمونن ۽ مقالن ۽ سنڌي ناول نويسيءَ تي آهي. سندس ڪتابن جي مطالعي بعد اها چٽائي ٿئي ٿي ته بنيادي طور هوءَ مضمون نگار آهي. اڳيان هلي سندن ڪم تحقيق ۽ تنقيد ڏي مڙي ويو آهي. تخليقي ادب ۾ مضمون اهميت جوڳي صنف آهي. شبنم گل انهيءَ لاءِ لکيو آهي ته،”مضمون نويسي نثري ادب جي اُها صنف آهي جنهن ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. بنيادي طور تي مضمون هڪ مختصر پر موضوع جي لحاظ کان هڪ جامع تحرير آهي جنهن ۾ موضوع جي مختلف رُخن تي روشني وڌي وڃي ٿي. جڏهن ته تنقيدي، تحقيقي ۽ جزياتي مضمونن جي چيچڻ سبب ادب نه فقط اصلاحي مرحلن مان گذري ٿو، بلڪ ان ۾ هر لحاظ کان نواڻ ۽ بهتري اچي ٿي. اهم ڳالهه اها آهي ته مضمون لکڻ لاءِ فني مهارت جي ضرورت ٿئي ٿي ۽ اها مهارت مسلسل مشق وسيلي حاصل ٿي سگهي ٿي“. (14)

ڊاڪٽر نور افروز جا مضمون بياني، سوانحي، ادبي ۽ اخلاقي آهن. جي موضوع مواد ۽ ٻوليءَ جي استعمال سان گڏ سندن مطالعي جي ساک ڏين ٿا. مقالاتي ادب ۾ ڊاڪٽر نور جا مقالا تحقيقي ادب جو اهم حصو آهن. جن ۾ سندن ڄاڻ، ڏاهپ، موضوع جي ڇنڊڇاڻ علمي ۽ فني اصطلاح گنيير ۽ نوس اسلوب ساراهه جوڳا آهن.

**نتيجو:**

هن مقالي جي عنوان جي حوالي سان آخر ۾ آئون اهو چوندس ته، ڊاڪٽر نور افروز خواجه ڪيترائي علمي، ادبي ۽ تحقيقي ليک مختلف

موضوعن تي لکي سنڌي ادب جي تاريخ ۽ تحقيق ۾ اضافو ڪيو آهي. هن سوانح کي وڏي اهميت ڏني آهي ڪنهن بہ ليکڪ يا سندس فن تي لکڻ سان گڏ سندس شخصي تاثر کي مڪمل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس جو تحرير جو هڪ هاڪاري انداز آهي جنهن سان فن ۽ فنڪار بابت پيرائتي معلومات ملي ٿي. سندس ڇپيل ٿي مضمونن ۽ مقالن جا ڪتاب سنڌي ادب ۾ اهم اضافو شمار ٿين ٿا ۽ پي.ايچ.ڊي جو تحقيقي مقالو سنڌي ناول جي ورهاڱي کان پوءِ جي اوسر بابت معلومات آسان ۽ عام فهم ٻوليءَ وسيلي ڏئي ٿو. ڊاڪٽر نور جي تحريرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال شانائتو آهي. هوءَ پنهنجي پڙهندڙن کي سگهاري انداز سان علمي ۽ ادبي ڄاڻ ڏيندڙ ليکڪا شمار ٿئي ٿي.

## حوالا:


1. آريسر، علي نواز، ”سنڌي ادب ۾ عورتن جو حصو“، سنڌي ساهت گهر، 2016ع، ص:475
2. پناڻ، غلام حسين ڊاڪٽر/خواجہ، نور افروز ڊاڪٽر، ”پائي پٽ ڪٽا“، گنج بخش پبليڪيشن، 2005ع، ص: 24
3. ساڳيو-ص: 43
4. شاهواڻي، غلام محمد (مرتب)، ”شاه جو رسالو“، سُر پورب، داستان پهريون، بيت نمبر 19، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2005ع، ص: 841
5. حميد سنڌي/خواجہ نور افروز، ڊاڪٽر، ”پائي پٽ ڪٽا“، گنج بخش پبليڪيشن، حيدرآباد، 2005ع، ص: 20
6. خواجہ، نور افروز ڊاڪٽر، ”مُشڪ ڪٿوريءَ مڻ“، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، 2010ع، ص: 340
7. ساڳيو، ص: 354
8. ساڳيو، ص-350
9. شاهواڻي، غلام محمد (مرتب)، ”شاه جو رسالو“، سُر سارنگ، داستان ٽيون، بيت نمبر-8، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2005ع، ص: 696
10. الانا، غلام علي ڊاڪٽر/خواجہ، نور افروز ڊاڪٽر، ”آگم ڪيو اچن“، ڊاڪٽر سنديلو اڪيڊمي/پيڪاڪ پرنٽرز، 2019ع، ص: 29
11. ساڳيو، ص: 42
12. ساڳيو، ص: 156
13. ساڳيو، ص: 285
14. شبنم گل، ”مضمون نويسيءَ جو فن: مختصر جائزو“، ”سنڌي ٻولي“، ريسرچ جرنل، جلد ٻارهون، شمارو پهريون، جون 2019ع، ص: 103

ڊاڪٽر عصمت فاطمہ ويسر

# سسئيءَ جي جدوجهد: من اندر جو سفر

## Struggle of Sassuee: Devotional Journey of Inner self

**Abstract:**

The character of Sassuee is very important character of 'Shah Jo Risalo'. She is symbol of courage and hope for depressed class of the society; particularly for women folk of fearful feudal society. Some mystic poets have described her struggle and efforts as a devotional and spiritual journey towards destination of her beloved one.

This paper is focuses on philosophical aspect of struggle of Sassuee and her inner satisfaction. Because of her commitment with her eternal love the struggle which was source of spiritual satisfaction, Character of Punhon is inspiration of that struggle. The way from Bhanbhor to Kech Makran is marag of survival of her love. Sassuee inspires us for her endless struggle and sincerity.

سُر سسئي شاهہ لطيف جي عشق جو داستان آهي، جنهن ۾ شاهہ لطيف پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ کي بيان ڪيو آهي. شاهہ لطيف سسئيءَ جي پنجن ئي سُرن ۾ پنهنجي عشق جي اُڪير ۽ ويراڳ بيان ڪيو آهي. شاهہ لطيف پورا پنج سُر سسئيءَ بابت ڏنا آهن، سسئي آبري، سُر معذوري، سُر ڪوهياري، سُر ديسي ۽ حسيني مڙيئي سسئي پنهونءَ جي وڇوڙي جا آهن. شاهہ لطيف سسئيءَ جو مڪمل داستان ناهي بيان ڪيو، بلڪ پنجن ئي سُرن ۾ سسئيءَ جو وڇوڙو، ويراڳ ڳايو آهي. اهو ويراڳي ڪلام دل کي جهوريندڙ آهي. شاهہ لطيف سُر سسئيءَ کي پنهنجي مخصوص طريقي سان پنهنجي اندر جي سِڪ سُورن جي ذڪر سميت بيان ڪيو آهي ۽ پنهونءَ جي تلاش ۾ جهر جهنگ سسئيءَ جي تڪليفن کي اهڙي تہ درديلي انداز سان ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي اڳيان بيان ڪيو آهي، جو سيني جي دلين ۾ سسئيءَ لاءِ همدردي ۽ پيار تہ پيدا ٿي پوي. شاهہ لطيف ٻہ اڍائي صديون پهرين ڪيترو روشن خيال هو، جنهن عورت جي آزادي ۽ پنهنجي پرين پسڻ لاءِ سندس جرئت ۽ دليريءَ کي علامتي طور پيش ڪيو آهي.

شاهہ لطيف سسئيءَ کي پنهونءَ سان گڏ ڏسڻ جو خواهشمند هو. شاهہ لطيف سسئي تہ پاڻ هو، ان ۾ پنهنجو عڪس ڏسڻ پئي چاهيو. پنهنجي اندر جي ويراڳ کي سسئيءَ واتان بيان پئي ڪيو. انسان پنهنجي

دل جي ڳالهه صاف نه ڪڏهن ٻڌائي نه سگهندو آهي. درد کي بيان ڪرڻ لاءِ به اهڃاڻ ۽ علامتون ڪپنديون آهن. ائين شاهه لطيف سسئيءَ جي سُورن ۽ سِڪ کي بيان ڪيو آهي. شاهه لطيف جي هيءَ ويراڳي سورمي پنهونءَ جي تلاش ۾ جهر جهنگ، جبل، ڏونگرن کي ڏاريندي پير اگهاڙي پنڌ ڏوريندي ٿي ڪيچ ڏي وڃي. سسئيءَ جو اهو ويراڳي روپ ئي شاهه کي پسند آيو. سسئي اُڃ، بُک تي عشق کي پنهنجي طاقت ٻڌائي پنهنجي ديس پنهور کي ڇڏي، پنهونءَ جي پويان اڪيلي نڪري پوي ٿي. عشق جي راهه ۾ عاشق هونئن به اڪيلا ئي نڪرندا آهن، منزلون مالڪ عطا ڪندو آهي. عاشق جي لڄ الله پاڻ رکندو آهي، الله ان جي دل جو حال ڄاڻندو آهي. عشق انسان کان اڻانگا پنڌ پيچرا ڪرائيندو آهي، جنهن جي عاشق کي ڪا خبر ناهي هوندي، پر اهي سڀ ڏکيون منزلون عاشق خوشيءَ سان ڪندو آهي. ايڏي تڪليف جو طالب کي ڪو ڏک يا افسوس ناهي ٿيندو. گرمي سردي، رات ڏينهن، اُڃ بُک، زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن جي عاشق کي ڪا به پرواهه ناهي هوندي. عاشق جي اندر ۾ نه عشق جو ويراڳ هوندو آهي، جيڪو هن کي پنهنجي منزل ڏانهن ڇڪيندو رهندو آهي. اندر جي اُڻ تُڻ طالب کي ويهڻ ناهي ڏيندي. عاشق ڪڏهن هار ناهي مڃيندو. عشق ۾ سِر جو سودو به سستو لڳندو آهي، پر پرينءَ وٽ سِرَ جي ڪهڙي قيمت، سو سِر قربان محبوب تان. اهي ڪيفيتون شاهه لطيف ۽ ٻين سنڌي ويراڳي شاعرن بيان ڪيون آهن.

شاهه لطيف يا ان کان اڳ وارن ويراڳي شاعرن ڪنهن به سورميءَ يا سورمي جو پورو داستان ناهي بيان ڪيو، بلڪ انهن جي فڪر ۽ فلسفي کي کولي بيان ڪيو آهي. ويراڳي شاعرن وٽ سورمن يا سورمين جي طبقات جي ڪا به ڳالهه ناهي ڪيل، پر انهن جي ڪردار جي پختگي بيان ٿيل آهي. ويراڳي شاعرن جيڪو پيغام داستانن جي ذريعي ڏنو آهي، ان ۾ سهپ، رواداري، ڏک درد کي صبر سان سهڻ جو درس ڏنو آهي. شاهه لطيف ۽ ٻين ويراڳي شاعرن پاران ڪردارن کي عاشق ۽ معشوق جي روپ ۾ پيش ڪرڻ جو مقصد هو ته مجاز جي ذريعي ئي طالب پنهنجي حقيقت جي منزل تي رسائي حاصل ڪري سگهندو. انهن داستانن ۾ سورما ۽ سورميون مجاز ۾ موهيل ڏيکاريل آهن، جيڪي جدائي ۽ وڇوڙي کان پوءِ ويراڳي ٿي حقيقت کي رسن ٿا. جي.ايم. سيد لکي ٿو ته:

”مومل راڻو، سسئي پنهون، ليلان چنيسر، عمر مارئي، دودي چنيسر وغيره جا قصا جي شاعرن ڳايا آهن، ۽ اسان جي قومي شاعر شاهه

لطيف ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن انهن قصن جو پنهنجي شعر ۾ ذڪر ڪيو آهي، مارئيءَ جي قصي ۾ مارن لاءِ حُب ۽ مارن لاءِ سِڪ ۽ محبت، ليلا جو چنيسر سان چاڳ ڪرڻ ۽ ڪونئروءَ جي دام ۾ ڦاسي غلطي ڪري ڏهاڳ ۾ اچي پڇتائڻ، مومل جي راڻي جي عشق ۾ راتيون وهامي ڏينهن ڪرڻ، سهڻيءَ جو ميهار خاطر ڪاريءَ رات جو درياهه ۾ ڪچڙي ٻڏڻ ڪان نه ڊڄڻ، سسئيءَ جو پنهون جي ڳولا ۾ جبل جهاڳي رُج ۾ تباهه ٿيڻ، راءِ ڏياچ جو آواز جي تنوار تان سر قربان ڪري سخا جو بيمثال نمونو ڇڏڻ". (1)

شاعرن انهن قصن جي روحاني رازن کي پرکڻ لاءِ انهن قصن کي ويراڳي ڪردارن جي نسبت سان ڪنيو آهي، جنهن ۾ سورمين ۽ سورمن جي ڪردارن کي انهن جي جدوجهد جي مقصد جي حوالي سان بيان ڪيو آهي. داستانن ۾ سورميون بهادر ۽ اٽل ارادي سان منزل ڏي گامزن ڏيکاريون ويون آهن. درد، ڏک، تڪليف جي پرواهه ڪرڻ ڪان بغير پنهنجي ڏک کي رهبر ناهي پرين يا حق پنيان هڪ سالڪ طور جاکوڙيندي بيان ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ هر قسم جو موضوع اچي وڃي ٿو. سيني ۾ ويراڳ جو گهڻو حصو آهي. جڏهن اهي سڀ ڪردار مجازي محبت مان نڪري، حقيت ۽ پاڻ سڃاڻڻ واري واٽ تي پهچن ٿا ته اهي ڪردار مثال ڪردار بڻجي وڃن ٿا. عشق جو مقصد طالب کي راهه ڏيکارڻ آهي. شاهه لطيف جيئن سُر سسئيءَ ۾ پنهنجو عڪس بيان ڪيو آهي ۽ ان ۾ سسئيءَ کي گهڻو بيان ڪيو آهي. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پي پيالو اُڃ جو، اُڃ سي اُڃ اتيار،
پنهون پاڻ پيار، ته اُڃ سين اُڃ اجهايان.(2)

شاهه لطيف هتي سسئيءَ جي بي لوث سِڪ جو بيان ڪيو آهي. عشق جنهن جي اندر ۾ ديرو ڪري ٿو وڃي ته پوءِ ان جي تن کي هر وقت تشنگي ۽ بيچيني رهندي آهي. اندر ۾ وڇوڙي جي باهه ٻرندي آهي. پرينءَ جي ملڻ سان اندر جي اُڃ ناهي اجهامندي. سِڪ تيئن وڌي ويندي آهي. پوءِ ته پرينءَ سان ملڻ جي اڱ اندر ۾ گهٽجڻ بدران وڌي ويندي آهي. ان سِڪ ۽ پيار جي پياس ويتر ويندي وڌندي ۽ ان سِڪ جي ڪا حد ئي ناهي، ماڻهو پنهنجي هوش ۾ ناهي رهندو. وڇوڙي ۾ ويراڳي ٿي ويندو آهي. شايد شاهه لطيف تن تشنگي تار جو درد سَنو هو جو ان ذاتي تجربي کي بيان ڪيو اٿس. عشق ئي ويراڳ کي طاقت ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. ڏکن ڏوجهرن کي منهن ڏيڻ جي سگهه صرف عاشق ۾ ئي آهي. شاهه لطيف جون

سورميون عشق جي ميدان ۾ ويراڳڻيون بڻجي عشق جي منزل ماڻين ٿيون. شاهه لطيف سُر سسئيءَ ۾ اهڙا ته اثر انگيز منظر پيش ڪيا آهن، جن مان سسئيءَ جي سچائي ۽ سونهن وجاڻ جي حقيقت معلوم ٿي وڃي ٿي. عشق، عاشق کي آزمائش ۾ وجهي ڇڏي ٿو. جنهن کي عشق لڳو، اهو سسئيءَ وانگر سُورن ۾ پيو سڙندو، ڪنهن پل به سڪون نصيب نه هوندس. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

جي سجهائي سڪ، ته پڻ سڪي سسئي،
پيتائين پنهونءَ کي، هڏ نه پڳيس هڪ،
ان تڙ منجهان تِڪ، ڏني پاڻ اُڃ ٿئي.(3)

هتي شاهه لطيف اهڃاڻن ۾ بيان ٿو ڪري ته جيڪو سِڪ جي دعويٰ ڪندو، اهو عشق جي آڳ ۾ پچي ڪباب ٿيندو. پنهنجو پاڻ کي مچ ۽ سيڪ ۾ ساڙي ڇڏيندو. جنهن نينهن جي درياهه مان ڏُڪ به پيتو، ان جي ڪڏهن به اُڃ نه لهندي. عشق جي آڳ انسان جي اندر ۾ اهڙي پياس پيدا ڪري ٿي ڇڏي جو هر گهڙي طلب وڌندي ويندي، ڪُتندي ڪانه. هي جام ئي اهڙو آهي، جنهن جيترو پيتو، اهو اوترو اُڃيو رهجي ويندو، اُڃ لهڻ جي ئي ناهي. هنن اهڃاڻن ۾ شاهه لطيف، سسئيءَ جي اندر ۾ جيڪا پنهونءَ لاءِ پياس آهي، اها بيان ڪئي آهي. عشق ۾ هوندن به بيچيني، بي آرامي گهٽي هوندي آهي، جتي عاشق ڌاپندو ناهي. سسئي به ائين پنهونءَ لاءِ پياسي آهي ۽ پنهون سندس پياس آهي. هيءَ ظاهري اُڃ ناهي، هيءَ اندر جي اُڃ آهي، جنهن ۾ ويراڳي، پريءَ سان ملڻ کان پوءِ به اُجارو رهجي ٿو وڃي. شاهه لطيف سسئيءَ کي سُور سختيون حجتون ڇڏڻ لاءِ ٿو چوي: جيڪي پريءَ جي سڪ جي چڪي پيتي اٿئي، ان سِڪ کي ئي منزل تي پهچاءِ. پنهونءَ جو پيچ پاتو اٿئي، ان کي ئي پاڙ، ان کي نباءِ، سچي سِڪ دل ۾ هنداءِ، سِڪ سان ئي سفر سولو ٿيندو. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

واقف نه وڻڪار جي، پاڻي ڪنيم نه پاءِ،
جبل جلدايون ڪري، تک ڏيکاري تاءِ،
اتي اوڏو آءُ، جت هوت هيڪلي آهيان.(4)

شاهه لطيف، سسئيءَ جو اهو عڪس پيش ڪيو آهي، جتي هوءَ واقف به ناهي، نه ئي سسئيءَ وٽ پاڻيءَ جو ڦڙو آهي. شاهه لطيف سسئيءَ کي اُڃ ۾ به پريءَ ڏي، يعني حق جي منزل ڏي وڌڻ لاءِ ٿو چوي. اُڃ بُک ته به پرين پويان ڪاهه، پلي جبل ڪيترين به جلدايون تکايون ڏيکاري، پر

توکي اڳتي وڌڻو آهي. اتي پنهون (پرين) تنهنجي مدد لاءِ ايندو، ان کي ئي پُڪار. عشق ۾ ماڻهو اهڙو مست هوندو آهي، جو ان کي ڪنهن جاءِ يا ماڻهو يا اُس گرميءَ جي ڪا پرواهه ناهي هوندي. بس هڪڙي ئي وائي پرينءَ ملڻ جي هوندي اٿس. شاهه لطيف فرمائي ٿو:

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سُجهن نيلا،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جت ڪڙم نه قبيلا، اُت رسيج رهبر راهه ۾.(5)

سسئي ويراڳڻ کي شاهه لطيف چوي ٿو ته جيڪو پنهونءَ جو پيچرو آهي، اتي وڻڪار (ماڳ جو هنڌ) وڻ به آهن، پر اُتي نيرا نانگ به آهن، اُتي توکي اڪيلو هلڻو آهي، جتي تنهنجو ڪو به مٽ مائٽ ناهي. اتي پنهونءَ ئي تنهنجي راهه ۾ رهبر ٿيندو. هونئن به اهو ئي راهه جو رهبر ٿيندو آهي، جنهن جي پويان سڀ لڳ لاڳاپا لاهي نڪربو آهي. شاهه لطيف، سسئيءَ کي ڪنهن به شئي کان ڊڄڻ ۽ ڪنهن جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ منزل ڏي نڪرڻ لاءِ ٿو چوي. عشق جي آتش سيني نيرن نانگن کي ساڙي پسم ڪري ڇڏيندي اندر مان. اهي سڀ خطرا اندر ۾ هوندا آهن. نانگ پاڻ ماڻهوءَ کان ڊڄندا آهن. ويراڳين کي نانگن جو ڪهڙو خوف. ويراڳيءَ کي ته رڳو پرينءَ جي پسڻ جي تات هوندي آهي، نه مٽن مائٽن جو سهارو، نه ڪنهن جبل يا وڻڪار جو. اتي ماڻهوءَ کي اڪيلو ئي حيلا هلائڻا پوندا آهن. عاشق ڏکيو يا سکيو منزل تي پهچي ويندو آهي. ڀلي ڪيتري به رستي روڪ ٿئي، عاشق کي ڪا به رڪاوٽ روڪي ناهي سگهندي. بس پرينءَ جي عڪس تي ئي منزل سونهي ٿي ويندي آهي. عشق سچو آهي ته رستي جون رڪاوٽون ختم ٿي وينديون آهن، سُور سونهان هوندا آهن، پرينءَ جي پار جا.شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

هتان ڪٿي هُتِ، جن رکيو، سي رسيون،
ساجن سونهن سرت، وکان ئي ويجهو گهڻو.(6)

شاهه لطيف هتي ٻن قسمن جو پيغام ڏنو آهي ته جيڪڏهن پنهنجي سوچ کي دنياوي ڳالهين تان ڪٿي آخرت تي رکندا ته منزل جلدي ملي ويندي. سسئيءَ کي شاهه لطيف اڳتي وڌڻ لاءِ چوي ٿو، ويهڻ سان ڪجهه به حاصل ٿيڻو ناهي. جيترو ٿي سگهي اڳتي وڌڻ جي جستجو ڪجي. تنهنجو ساجن، تنهنجو پنهون وک جي فاصلي تي به ناهي. اهو توکي گهڻو ويجهو آهي. هونئن به عاشق جڏهن محبوب جي ملڻ لاءِ نڪرندو آهي ته سون ميلن

جو فاصلو بہ وک پنڌ جو لڳندو آهي، ڇو جو محبوب سان ڪيل قول پيو ياد ايندو آهي. دنيا جي ڪا خبر ئي ناهي هوندي. عاشق جي رهبري، معشوق ڪندو ايندو آهي. گهڙيءَ ۾ منزل اچي ويندي آهي. شاهہ لطيف پنهنجي ويراڳڻ سسئيءَ کي بہ اهي صلاحون پيو ڏئي تہ جيڪي پرينءَ لاءِ نڪري پوندا آهن، انهن کي ئي پرين ملندو آهي. ساجن گهر ويني ناهي ملندو. پرين پسڻ لاءِ پنڌ ڪرڻا پوندا آهن. سفر جي تڪليفن جي ڪا بہ پرواهہ ناهي ڪرڻي پوندي. عشق جي منزل مشڪل ضرور آهي، پر طئہ ڪرڻ ناممڪن ناهي. منزل تي اهي ئي رسندا، جيڪي ارادي جا اٽل هوندا. جن کي پاڻ تي ۽ پرينءَ تي پورو يقين هوندو. عشق ۾ ڏک بہ آهن تہ سُک بہ. جيستائين عاشق ڏکن سان ناتو نہ جوڙيندو، تيسين عشق جي اڙانگي منزل ماڻي نہ سگهندو. عشق ۾ عاشق کي هر پل باهہ ۾ پچڻو پوندو آهي. پل پل پچرڻو پوندو آهي. گهڙي گهڙي گهاءُ لڳندي آهي. شاهہ لطيف سسئيءَ کي پنهونءَ سان ڪيل واعدا ٿو ياد ڏياري. شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

پهرين تون پاڙيج، پارڻ پوءِ پنهونءَ تي،
ٻول مَ وساريج، هو جو ڳَيءِ هوت سين،

تو سين ٻول ٻهون، سهسين ساجن جي ڪري،
ڪندينءَ توءِ ڪهون، جي نالو ڳيڙءِ نينهن جو.(7)

هتي شاهہ لطيف سسئيءَ کي پنهنجو ٻول يعني قول (واعدو) پورو ڪرڻ لاءِ ٿو چوي. شاهہ لطيف ويراڳڻ کي ٻول نڀائڻ لاءِ سمجهائي ٿو. عاشق تون آهي، واعدو بہ توکي پاڙڻو آهي. اهي واعدا نہ وسار، جيڪي تو پنهونءَ سان ڪيا هئا. شاهہ لطيف هتي پنهنجي قول جي ڳالهہ ڪئي آهي، نہ تہ سسئي تہ ويچاري هڪ مجبور ۽ بيوس عورت هئي. ان ۾ ايتري جرئت ڪٿان آئي. شاهہ لطيف ئي اها جرئت ان ۾ پيدا ڪئي. شاهہ لطيف جا بہ کي ٻول ٿيل هوندا محبوب سان، سو هُن سسئيءَ کي بہ اها صلاح ڏني آهي. هتي ٿورو غور طلب ڳالهہ آهي تہ پهرين سسئي ٻول پورا ڪري، پوءِ پنهون تہ مرد آهي، ڪشالا تہ ان کي ڪرڻ کپندا هئا، پر شاهہ لطيف اهي سپ گڻ سسئيءَ ۾ ئي ڏٺا. انڪري، مرد پلي هزار واعدا ڪري، پر پورا وري بہ عورت ئي ڪندي آهي. شاهہ لطيف شايد انڪري ئي عورت جي روپ ۾ سمورو ويراڳي ڪلام چيو آهي. سسئيءَ کي شاهہ لطيف بار بار ياد ٿو ڏياري تہ پهرين پنهونءَ جي پويان تون نڪر، ڇو جو تو پنهونءَ سان نينهنجو ناتو ڳنڍيو آ هي. عشق تہ پنهونءَ جو بہ هو، پر شاهہ لطيف سسئيءَ

ڪي ئي عاشق پيو قرار ڏئي. مرد جي شايد فطرت هوندي آهي. سوين واعدا ڪرڻ جي، پر لوچيندي عورت آهي. عورت جو قول ٻه ساڳيو ته فعل ٻه اهو ئي. مرد جي قول ۽ فعل ۾ فرق هوندو آهي. عورت هر هر ٻول ۾ ٻڌل آهي، پنهنجي پرينءَ سان، ان ٻول کي پورو ڪرڻ لاءِ سندس حالت تمام گهڻي تڪليف واري ٿي ويندي آهي. واعدي جو پاڙڻ ڪو سولو ته ناهي. ڪوريءَ ۾ پڇڻو پوندو آهي، جهر جهنگ پرينءَ جي ڳولا ڪرڻي پوندي آهي، هر عڪس ۾ پرين نظر ايندو آهي. قول تي پڪي رهڻ لاءِ ويراڳي ٿيڻو پوندو آهي. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا.(8)

هتي شاهه لطيف طالب کي پنهنجي پنهنجي اندر ۾ پرين تلاش ڪرڻ لاءِ ٿو چوي. پنهنجي اندر ۾ روح رهاڻ ڪري ڏس، ته دلبر تنهنجي اندر موجود آهي. پوءِ توکي ڪو ٻه جبل، ڏونگر نظر ئي نه ايندو. هي ويراڳ واري ڪيفيت آهي، جي سسئي، پرين پنهنجي اندر تلاش ڪري ها ته پنهون ته اتي موجود هو. پنهون (معنيٰ خدا کي ڳولڻ) لاءِ اشارو ڏنل آهي. ماڻهو ويراڳ ۾ وڪوڙجي ويندو آهي ته پوءِ ڪنهن جي ڪاڻ نه رهندي آهي. هن جون سڀ خواهشون ختم ٿي وينديون آهن. ظاهري طرح پنهونءَ کي پسڻ لاءِ رڳو سسئيءَ وٽ سُور هئا. اتي ڪيچن جي ڪاڻ ٻه هئي، جبلن، ڏونگرن جا پنڌ ٻه هئا، لوڪ جو ڀؤ ٻه هو، پر جڏهن اندر ۾ ويراڳ اچي واسو ڪيو ته پرين ٻه لڀي ويو. پرينءَ جو پتو ٻه پئجي ويو، اندر جي دنيا آباد ٿي وئي ۽ ٻاهر سڀ ڪجهه ويران ٿي ويو. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

پنهون ٿيس پاڻهين، ويو سسئيءَ جو شرم،
هيڪليون هلن جي، پجي تن پرم،
جو وندر ۾ ورم، سو سودو وسريس هتهين.(9)

جڏهن عاشق، عشق ۾ پچي لال ٿي وڃي ٿو ته ڪيس شرم حيا جو اونو نٿو رهي ۽ هو دنيا جي مهڻن طعنن جي ڪا ٻه پرواهه ڪونه ٿو ڪري، جو ان جي اندر ۾ محبوب جو ديرو ٿي وڃي ٿو. پوءِ ته محبوب ئي من ۾ هوندو آهي. سسئي پنهنجو شرم وڃايو، پوءِ ئي پرينءَ کي پسڻ جي لائق ٿي. هونئن ٻه اسان جي سنڌي سماج ۾ عورت جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ غلط سمجهيو ويندو آهي، پر شاهه لطيف ته سسئيءَ کي پرينءَ پويان نڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. دنيا جي ڳالهين کي ڇڏي محبوب کي ملڻ جي

ڪوشش ۾ تہ سرخرو ٿي. عورت وارا پردا، سڀ حجاب ختم ڪري ٿي ڇڏي. سسئي پاڻ تي ندامت بہ ڪري ٿي تہ جيڪي عورتون اڪيليون گھمنديون آهن، انهن جي ڪا بہ اهميت نہ هوندي آهي، ائين ئي منهنجو پرم بہ پورا ٿي ويو آهي. هوئنئن بہ پلي ڪٿي عورت ڪيتري بہ باڪردار ۽ سٺي هجي، ان کي سماج جيئڻ نہ ڏيندو آهي. ڪا بہ عورت ڪنهن بہ سبب جي ڪري اڪيلي آهي تہ ان کي طرح طرح سان تنگ ڪيو ويندو آهي. پنهنجا رت جا رشتا ئي ان کي تڪليف ڏيڻ شروع ڪندا آهن. سماج جو وارو پوءِ ٿو اچي. پنهنجا ئي صليب تي ٽنگي رڪندا آهن. ڇا عورت ڄائي ڄم ڪان شادي شده آهي، نہ اُها شادي بہ مائٽ ان عمر ۾ ڪرائيندا آهن، جڏهن ان کي پنهنجي ئي خبر نہ هوندو آهي، تہ پوءِ هُن جو ڪهڙو ڏوهہ ٿيو. جڏهن عورت سمجهہ لائق ٿيندي آهي، تہ هوءَ اڪيلي هوندي آهي، نہ ڪير بُرو پلو سمجهائڻ وارو هوندو آهي ۽ نہ ڪو پيار ڏيڻ وارو هوندو آهي. بس لوڪ جا مهڻا هوندا آهن. انهن لاءِ شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

اسان اڏارا، آٽي آونگ چاڙهيا،
مُنهن ڏيئي مون آئيا، سمهان سيارا،
اُپرن سيڪارا، پسو وَرَ ٻين جا.(10)

جيڪڏهن ڪنهن ڪان اُڏار بہ ونڻ، اڪيلي عورت وڃي تہ ڪو اهڙو سماج ساڃاهہ وند ناهي، جو ڪنهن جي حال تي رحم ڪري. هر ڪو پنهنجو مطلب جي ڳالهہ ڪندو. پوءِ تہ صبر ڪان سواءِ ٻيو چارو ڪونهي. رات جي جڏهن تات شروع ٿئي تہ فطري ضرورتون تنگ ڪن. اڪيلي ڪم ڪرڻ لاءِ نڪري تہ سڀ پرم پورا ڪرڻا پونس. اڪيلي عورت لاءِ هتي مندون ڪا بہ معنيٰ ڪونہ ٿيون رکن. هتي ٻوڙو سماج، انڌو آسمان، ڪاري رات هوندي آهي، انڪري ئي شاهہ لطيف سسئيءَ کي چوي ٿو تہ سڀ حجاب پردا ختم ڪر. جيڪو تون هيڏي هوڏي وڃي ڳولين ٿي، اها وندر تنهنجي اندر ۾ ئي موجود آهي. اهو توکي هتي ئي ملي ويندو، پر سيني جا پاڳ اهڙا تہ ناهن جو هيڏي هوڏي دربدر ٿيڻ ڪان سواءِ انهن کي محبوب ملي وڃن. سسئي وانگر ئي پنهنجي اندر جي درسني پروڙي تہ ملي وڃي. اها ڳالهہ نصيب جي آهي، پر پرينءَ لاءِ ويراڳي تہ سيني کي ٽيٽو پوندو. شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

پنهون ٽيس پاٽهين، ويئي سسئيءَ جي سونهن،
خلق آدم عليٰ صورتهُ، اِئن وٽن منجهہ ورونهہ،
چريءَ منجهان چونهہ، ڪٿي هوت هنج ڪيو.(11)

جڏهن معشوق، عاشق واري درجي تي پهچي ٿو ته ان جي سونهن ڪا به معنيٰ نٿي رکي. عاشق پاڻ ئي انمول آهي ته پوءِ ظاهر شڪل شبيهه ۾ ان جي ڪا دلچسپي نٿي رهي. جڏهن پاڻ سڃاڻڻ واري ڏاڪي تي پهچي وڃي ٿو ته ديوانا عاشق پاڻ ئي پرينءَ کي ڳولي هٿ ڪري ٿا وڃن. عاشق کي محبوب جا سڀ ٿاڪ سُجهن ٿا. محبوب جي ويراڳيءَ کي الله جي هر خلقيل صورت وڻي ٿي. عاشق، مالڪ جي هر تخليق ۾ پرين پسي ٿو. ويراڳ وٺي ويو ته پوءِ سڀ خواهشون ختم، پوءِ دنياجي ڪا به شئي هن کي پاڻ ڏي ڪشش نٿي ڪري سگهي، جيڪا هن جي عشق ۾ رخنو وجهي سگهي. الله پنهنجي ديوانن ويراڳين ۾ پنهنجي عشق جو اهڙو شعلو پڙڪائي ٿو انهن جي اندر ۾، جو هو رڳو سندس سونهن پيا پسن. هتي ئي هوت کي هينئين ۾ هندائي ٿا چڙين. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

جدائيءَ جو جام ڏنائون ڏُکيءَ کي،
منگل منهنجي من ۾، ٻاريو هوت حمام،
ارک ٿيو آرام، ڪاڪل پسي ڪانڌ جو.(12)

شاهه لطيف سسئيءَ جي حالت تي ڏک جو اظهار ٿو ڪري ۽ سسئيءَ جي روپ ۾ پنهنجي من جي ڳالهه ڪري ٿو. سسئي ويچاريءَ کي درد، تڪليف ۽ جدائيءَ جو جام به ڏيئي ويا آهن، پر سسئيءَ کي پنهونءَ جي سونهن ۽ سهڻن وارن موهي وڌو آهي. سندس اندر ۾ ورونهن جي جوت جڳائي ويا آهن. سسئيءَ جي من ۾ هاڻي اُڻ تڻ متل آهي، جيڪا پنهون ڏسڻ کان سواءِ ماٺ ۾ نه ايندي. انسان جون ڪيفيتون به عجيب آهن، جيڪا شئي وڻي ويئي، پوءِ ان کي پسڻ کان سواءِ آرام نه ايندو آهي. محبوب ئي درد جو پيالو پُر ڪري پياريندا آهن. اهي ئي جذبن کي جوش ۾ آڻيندا آهن. اوستائين آرام نه ايندو، جيسين انهن جو ديدار نه ٿيندو. شاهه لطيف سسئيءَ کي پرينءَ پويان دل جي حضور سان منزل تي پهچڻ جي صلاح ٿو ڏئي. شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

ڏور مَ تون ڏوريج، صبر ڪر مَ سسئي،
پرڻ چڏ پيرن سين، وهڻ وساريج،
سُکن جا سيد چئي، لاڳاپا لاهيج،
هنئين ساڻ هليج، ته پنڌ پاسي پر نبري.(13)

سسئيءَ کي شاهه لطيف چوي ٿو ته ڏور نه وڃ، پرينءَ کي پر پنڌ نه ڳولج، اهو ته تنهنجي دل ۾ وينو آهي، پري وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. تو ۾ محبوب موجود آهي، صبر به نه ڪر، متان ائين سمجهن ته بس پرين

ملي ويو، پر اندر ۾ اهڙي دونهين دُکاءِ جو دلبر تو وٽ حاضر رهي. ويهڻ ۽ وساري ڇڏ، سڀ سک ٻه وساري ڇڏ. لاطمع ٿي وڃ. سچا عاشق اهڙي منزل تي پهچي ويندا آهن، جتي ڪاڏي ڏورڻ جي ضرورت نه پوندي آهي ۽ صبر ڪندي پرينءَ جي ياد ڪي روان دوان رکڻو هوندو آهي. سُکن جا سڀ سانگ ڇڏڻا پوندا آهن. بس ويراڳيءَ ڪي دل جي حضور سان هلڻو پوندو آهي. اها ٻه پيار ۽ ويراڳ جي هڪڙي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ صرف روح ئي سڀ ڪجهه هوندو آهي، باقي سڀ فنا ٿي ويندو آهي. الله کي اهڙن بندن جو ويراڳ پسند آهي. هر شئي کي صبر سان سهن ۽ هينئين سان پنڌ نبيرين.

**نتيجو:**

سسئي سنڌ جي رومانڊي داستانن مان هڪ اهڙي ڪردار آهي جنهن کي مختلف شاعن عزم، جدوجهد برداشت ۽ حوصلي جي علامت ۾ ڳايو آهي. شاهه عبداللطيف جي پيغام مان ٻه سسئيءَ جي انهن خوبين ۽ خاصيتن جي اپٽار ملي ٿي. سنڌ ۾ اڄ ٻه همت ۽ حوصلي جي اهڃاڻ طور سسئيءَ جو مثال ڏنو وڃي ٿو.

**حوالا:**


1. سيد، جي.ايم.، "سنڌوءَ جي ساجاهه"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2009ع، ص: 69
2. آڏواڻي، ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 153
3. دائودپوٽو، عبدالغفار گوهر، "الف — ب" وار شاهه جو رسالو ۽ رسالي جي ڏسٽي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2009، ص: 81
4. سورلي، ايڇ.ٽي. "ڀٽ جو شاهه"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2005ع، ص: 506
5. ساڳيو، ص: 507
6. آڏواڻي، ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 156
7. دائودپوٽو، عبدالغفار گوهر، "الف — ب" وار شاهه جو رسالو ۽ رسالي جي ڏسٽي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2009، ص: 50
8. ساڳيو، ص: 66
9. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2012ع، ص: 181
10. ميمڻ، فهميده حسين، ڊاڪٽر، "شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد، 1993ع، ص: 431
11. آڏواڻي، ڪلياڻ، "شاهه جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 163
12. ميمڻ، فهميده حسين، ڊاڪٽر، "شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد، 1993ع، ص: 290
13. دائودپوٽو، عبدالغفار گوهر، "الف — ب" وار شاهه جو رسالو ۽ رسالي جي ڏسٽي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2009، ص: 103

ڊاڪٽر عابده گهانگهرو

# حسن درس جي شاعريءَ جو مختصر تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

## A short Critical and Research Analysis of poetry of Hasan Dars

**Abstract:**

Hasan Dars (1966-2011) was a renowned modern poet of Sindh. He was inspired of all Sufi poets of Sindh, Hind and almost subcontinent, hence, the same spirit reveals in his poetry as well. In lot of his poetry he expresses himself as decendent of Sufi poets like Sarmad, Shah Abdul Kareem Bulri waro, Shah Latif and others. His poetry is compiled by his wife Irum Mehboob with the name of "Hasan Dars jo Risalo", after his sudden sad demise. The poetry of Hasan Dars is full with his poetic art and thoughts. He is amongst few poets of modern age whose thoughts are both the modern and classical and full with Sufism as well as progressivism at the same time. In this article a few main aspects/ characteristics of his poetry have been analyzed.

مشائخ هوتيءَ جو حسن درس نئين ٽهيءَ جي شاعرن ۾ هڪ نمايان نالو آهي بلڪِ نوجوان شاعرن جي سرواڻن مان هڪ آهي. حسن درس 5 سيپٽمبر 1966ع تي حاجي غُلام رسول درس جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس وڏا ذات جا لاڪا آهن پر حسن جي ڏاڏي مشائخ هوتي لاڪي (1408) کي سُهروردي سلسلي جي ملتاني بزرگ هٿان خلافت ۽ درس جي خطاب ملڻ کان پوءِ هي درس سڏجڻ لڳا. حسن درس جو ڏاڏو محمد حسن درس (جنهن جو نالو هن تي رکيل آهي) بہ مدح ۽ مولود جو شاعر هو ۽ سندس شاعري درگاھ مشائخ هوتيءَ سميت تر جي ميلن ۽ محفلن ۾ ڳائي ويندي هئي.

حسن کي نہ رڳو پنهنجي وڏن کان شاعري خانداني وراثت ۾ ملي بلڪ سندس صوفي نظريو، سوچ ۽ مزاج پڻ اِن خانداني اثر جو نتيجو آهي. حسن درس سنڌ جي نامياري ليکڪا جي ڌيءُ اِرم حسن سان 1993ع ۾ شادي ڪئي جيڪا پڻ هڪ شاعره آهي ۽ سندس شاعريءَ جو مجموعو ڇپيل آهي. حسن درس جي شاعري سنڌ جي تقريبن سمورن ميگزينن، اخبارن وغيره ۾ ڇپبي رهي آهي. سندس ڪجھ نظم ڳاتا ويا آهن. حسن درس 2011ع ۾ هڪ روڊ حادثي جو شڪار ٿي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس ڪُمَهلي جُدائي نہ رڳو سندس خاندان لاءِ بلڪ سنڌي ادب لاءِ پڻ هڪ وڏو هاڃو آهي.

جڏهن جهمپير ۾ منهنجي جواني موٽ ڪائيندي
ڪلي چونڊينءَ ڪجهءَ ڪي تون، تِڪو تلوار وانگي هو

حسن جي دوست ۽ اديب مسعود لوهار حسن درس جي رسالي جي مهاڳ ۾ حسن سان ملاقات جو ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ حسن ڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏرتيءَ لاءِ ڪو ڏاڍو ڪارائتو ڪم ڪرڻ جي خواهش ۽ سنڌ جي آئيندي جي ڳڻتي هئي. مسعود لوهارلکي ٿو ته هن ڪيس بيان العارفين پڙهڻ لاءِ ڏنو ته جيئن هو اُن مان انسان جي بنيادي شعور ۽ فڪر ڪي تلاش ڪري سگهي. بيان العارفين پڙهڻ کان پوءِ حسن جي ڪيفيت متعلق مسعود لوهار لکي ٿو ته ”هو مون سان ملڻ آيو. ڪيس ڪاري چادر ويڙهيل هئي، اکيون ڳاڙهيون ۽ منهن سڄيل هو. مون سان ياڪر پائي ننڍن ٻارن وانگر اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. چيائين ته بيان العارفين پڙهڻ کان پوءِ هن جي ڪيفيت تبديل ٿي وئي آهي ۽ هن شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي منقبت پڻ لکي آهي.“(1)

حسن درس شاهه ڪريم تي منقبت کان سواءِ ٻيو ڪلام به چيو آهي. انهن مان هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو.

پٻ تو جت ڪوڙيا، سيني پٽن ڪي مان چمان
تو ورهايا جي وڏو ٿي، تن وٽن ڪي مان چمان
تنهنجي چوٽيءَ جو به چوٿو، مون فقر ماني ملي
جي پريئي بلڙي هٽن سان، تن متن ڪي مان چمان
تنهنجي چادر ڪي چمان، تنهنجي جتي چڪ ۾ ڪٽان
تنهنجي لِيڙن ڏِڱڙين، تنهنجي لٽن ڪي مان چمان
دين محمد دوستن جو، خيال رکندو آ گهڻو
عبداللطيف جا اَبا، تنهنجي گهٽن ڪي مان چمان (2)

مٿي ذڪر ڪيوسين ته حسن تي تصوف جو اثر پنهنجي وڏن کان ورثي هو. ان نظرئي جو اثر سندس ذات، مزاج ۽ شاعريءَ تي واضح نظر اچي ٿو. صوفي سرمد جي نالي کان واقف ناهي، آرمينيا جو فارسي شاعر، جيڪو پنهنجو يهودي مذهب مٽائي مسلمان ٿيو، پر هندو مذهب کان به متاثر هو. هو پنهنجي ملڪ مان سنڌ جي شهر ٺٽي ۾ واپار ڪرڻ آيو، پر هتي حقيقي عشق ۾ گم ٿي ملنگ فقير ٿي ويو. عشق جي آتش، توريت جي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ سرمد کان مذهبن جو فرق وسارائي ڇڏيو، پنهنجي شاعريءَ ۽ فڪر ۾ هو نه ته هندو آ، نه مسلمان نه ئي يهودي بس هڪ انسان آ. سرمد جو هڪ شاگرد يا ملازم ابي چند هو جيڪو ڪم ڪار

۾ به ڪيس مدد ڪندو هو پر خاص طور تي توريت جي فارسيءَ ۾ ترجمي ۾ سندس شاگرد هو ۽ سرمد جي ساڻس تمام گهڻي محبت هئي. ايي چند سان سرمد جي تعلق بابت ڪيئي سوال به آهن. پر ان انساني عشق ۾ لڪل سرمد جو حقيقي عشق هو جنهن ڪيس بعد ۾ مست ملنگ بڻائي ڇڏيو. حسن درس سرمد جي عقيدت ۽ عشق ۾ نظم ”ننگي سرمد جي حضور ۾!“ چيوآهي جنهن ۾ هو پاڻ کي ايي چند چوي ٿو. ان جون هي سٽون نهايت اثرائتيون آهن؛

گهڻگهَر اُونداهين گهٽين جي پوڳنا ۾
بخت جون سڀ لڪيرون
تخت جي هيٺان
اچي دٻجي ويون (ص:153)

اهو نظم هن ڊسمبر 1987ع ۾ شيخ اياز سان ملهايل هڪ شام ۾ پڙهيو هو. هن نظم ۾ حسن درس سرمد جي عقيدتمند ۽ پوئلڳ هجڻ جو اظهار ڪندي سندس مان ۾ عقيدت جو اظهار ڪري ٿو.نظم ڊگهو آهي انڪري ان جو هڪ حصو هت مثال طور پيش ڪجي ٿو؛

مان تنهنجو ساڳيو اَيي چند!
تهمتن جي ديس ۾
ڌُنڌلي شام جي هن شهر ۾
تنهنجي عُريانيءَ جي ڪُتب خاني اڳيان
درد جا پيالا پري ۽ ڏوڪِيان ٿو
پاڻ کي ئي ٺوڪيان ٿو
مان ته ڪنهن وِڪري ويل جهڙوئي مثل
تون وڏو طوفان، ڪوئي ٽرٽلو
ڪوئي زلزلو
جو هر گهر جي دل ڏُٻي
پوءِ به تنهنجي هن وڏي دنيا اندر
نانءِ تنهنجي جو ننڍو نذرانو ڏيان ٿو
درد جو تنهنجو بچيل
تنهنجي اوبر
مان پيان ٿو، پوڳيان ٿو
مان تنهنجو ساڳيو اَيي چند!
مان تنهنجو ساڳيو اَيي چند!(3)

حسن درس هڪ سنجيده مزاج شاعر آهي جڏهن ته نئين ٿهيءَ جا نوجوان آزاد نظم، هائيڪو ۽ ٻين جديد صنفن ۾ شاعري ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا. مختلف موضوعن ۾ نثر کي ٽڪرن ۾ ورهائي آزاد شاعريءَ جو نالو ڏيندڙ ۽ لفظن جي ٽڪبندي رَديف قافيا ملائي غزل جو رنگ ڏئي بنا ڪنهن فني فڪري بنياد جي شاعري ڪندڙ ڪيترا ئي ملندا. مصنوعيت جي اهڙيءَ يلغار ۾ چند نالا اهڙا آهن جن تي نئين نسل، ادب/شاعريءَ ۽ ڌرتيءَ کي فخر ٿئي ٿو. حسن درس جو شمار اهڙن باصلاحيت نوجوانن ۾ ٿئي ٿو. حسن درس 16 سالن جي عمر کان وني شاعري شروع ڪئي ۽ سندس شمار انهن ذهين شاعرن ۾ ٿئي ٿو جيڪي ذات ۽ ڏانءَ جي هر دور ۾پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي پنهنجي موجودگيءَ کي ثابت ڪن ٿا. حسن درس جي شاعريءَ ۾ جديد دور جي لاڙن ۽ رُجحانن جو واضح عڪس نظر اچي ٿو. هن وٽ نيون نيون تشبيهون آهن. سنڌ کي پرينءَ جو پاڇو چوندي ان پاڇي جي اوٽ کي جڙ ته حالتن جي اُونهاري جي ٽتل اُس ۾ ڇپر ڇانوَ ٿو سمجهي. سندس ان نظم تي ڪن ماڻهن سوال اٿاريا ته سنڌ پرينءَ جو پاڇو ڇالاءِ آ؟ اها ته پاڻ پرين آهي. حسن جيڪڏهن پاڻ موجود هجي ها ته انهن سوالن جا جواب ڏئي ها، پر هينئر هو ناهي، پر سندس پيغام آهي. ان پيغام کي هر ماڻهو پنهنجي حساب سان سمجهندو ته مطلب به ڪڍندو، اها ڪا نئين ڳالهه ناهي ائين دنيا ۾ هر هنڌ ٿيو آهي ۽ تقريبن هر شاعر، اڪابر سان ٿيڻ عام آهي. شاعريءَ جي اسمن تي مثبت رايا به ايندا آهن ته منفي به. پر هر قسم جي راين جي باوجود فنپاره موجود رهندا آهن، ايندڙ نسلن لاءِ ۽ پوءِ هر نسل جا ماڻهو ان کي پنهنجي پنهنجي نقط نظر سان ڏسندا، سمجهندا آهن. ساڳيءَ طرح سان حسن جو ڪلام به مڙني سوالن توڙي جوابن سميت موجود رهندو. منهنجو ان سلسلي ۾ اهو خيال آهي ته حسن ان نظم ۾ سنڌ کي ئي پرين سڏي ٿو ۽ سنڌ ۾ موجود هر شيءِ، جنهن ۾ جر، ٿر، ٿوهر، گلاب، ڪارونجهر، ساوڪ، سُڪَ، پاڻي، واري، اُس ڇانوَ، خوابن ۾ ڏسجندڙ مستقبل، صبح، شام، مور، واسينگ، شاعر، عشق، محبت ۽ محبوب سڀ شامل آهن اهي سندس پرينءَ جا پاڇا آهن. ۽ انهن سيني کي هو هڪ سٽ ۾ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو سڏي، ان سنڌ توڙي سندس پاڇي، سندس وجود ۽ وجود مان ڦٽندڙ، ان تي رهندڙ وسندڙ هر انسان ۽ جاندار، ان جي تهذيب ۽ ثقافت سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪري ٿو، باقي پرينءَ کي پرين چوڻ يا ساڻس لاڳاپيل هر شيءِ کي سندس پاڇو چوڻ ساڳي ڳالهه آهي، بلڪ پرينءَ سميت ان سان لاڳاپيل هر شيءِ

سان محبت جو اقرار ڪري اجان وڌيڪ محبت محسوس ڪرائي ٿي. پنهنجي ڌرتيءَ سان اِها اُنسيت شاعر جي فڪر جي عڪاسي ڪري ٿي. حسن درس پنهنجي سماج، ڌرتيءَ ۽ ان جي حال ۽ مستقبل تي فڪري نظر رکندڙ آهي. ڌرتيءَ متعلق ڪيترا ئي نظم چيا اٿس. مٿي ڄاڻايل نظم سنڌ جي مشهور راڳي مظهر حسين ڳايو آهي، سندس هيءُ نظم ته طويل آهي مثال لاءِ ان جون چند سٽون ڏجن ٿيون:

ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو
جيڪو جر تي جاڳي ٿو
ٿڌ وَسي ٿي واريءَ تي
ٿوهر ٿوهر نند ڪري ٿو
هڪڙو خواب سهانو جيڪو
روز اکين ۾ ڪيپ پري ٿو
ڪارو نانگ مٿان چاندوڪي
ڪارونجهر تي مور نچي ٿو!
مون ڪي هڪڙو خيال اچي ٿو
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!
جيڪو جر تي جاڳي ٿو......(4)

سنڌو درياهه سنڌ جي جياپي جو سهارو آهي. درياهه بادشاهه چاهي ٻوڙي چاهي لوڙهي ته به ماڻهو اِن سان عبادت جي حد تائين محبت ڪندا آهن. ڪيترن ئي سالن کان سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي سنڌ ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ ئي روڪيو وڃي ٿو ۽ پاڪستان جي موجوده ڊيمن کان سواءِ ڪالا باغ ڊيم جي مخالفت سنڌ ۽ سرحد (خيبر پختون خواهه) جا ماڻهو ڪن ٿا ڇاڪاڻ ته اِن ڊيم جي ٺهڻ کان پوءِ رَهيل سهيل پاڻيءَ کان به سنڌ صوبو محروم ٿي ويندو. ٻيو هڪ وڏو نقصان اِهو آهي ته ڊيلٽا وٽان پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ مهل هڪ طرح سان سمنڊ جي پاڻيءَ کي روڪيندو آهي. درياهه سڪل هئڻ ڪري ڊيلٽا تائين پاڻي گهٽ يا نه ٿو پهچي ۽ رُڪاوٽ نه هئڻ ڪري سمنڊ ڊيلٽا وٽان زمين ڏانهن وڌندو اچي ٿو. اِنهن سمورن مسئلن جو حل اِهو آهي ته سنڌوءَ کي پنهنجي موج سان وَهڻ ڏنو وڃي. اِهو درياهه جو به حق آهي ته درياهه سان وَسندڙ سنڌ واديءَ وارن جو به. سنڌوءَ کي معاملن توڙي ڪالا باغ ڊيم جي مخالفت ۾ سنڌ ۾ ڪيترا ئي ميڙاڪا ٿيندا رهندا آهن جن ذريعي عوام کي درياهه جي اهميت ۽ ڊيمن جي نقصانن بابت آگاهي ڏني ويندي آهي. اِن کان سواءِ سنڌ جا ماڻهون درياهه سان پنهنجي محبت ۽

عقيدت جو وَچن پڻ ورجائيندا آهن. هينيون نظم حسن درس سنڌ جي مشهور صحافي علي قاضيءَ جي سڏ تي 2009ع ۾ ملهايل درياهه ڏِي جي موقعي تي لکيو.

گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون!
آدرشي انجام بہ آهي
پنهنجي سونهن سپيتا صورت
اکڙين ۾ آرام بہ آهي
جيڪو آهي اهڙو سهڻو
تنهن سنڌوءَ کي سڀ ساراهيون
گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون(ص:283)

هن طويل نظم ۾ حسن درس سونهن، سڪ، ثقافت ۽ تهذيب توڙي تمدن سميت تمام خوبصورت ۽ نيون نيون تشبيهون بيان ڪيون آهن. هر سٽ ۽ هر بند هڪ نئين ادراڪ کي بيان ڪندڙ آهي. اِن نظم ۾ پنجاب جي مشهور صوفي شاعر خواجا غلام فريد جي مشهور ڪافي 'ميڏا عشق وي تون، ميڏا يار وي تون' جو اثر نظر اچي ٿو،

منهنجو سونهن، ساٿ ۽ گيت بہ تون
منهنجي رسم رواج ۽ رِيت بہ تون
منهنجو دوست تون، دلدار بہ تون
منهنجو من موهن ۽ ميت بہ تون
منهنجي جذبن جو اظهار بہ تون
منهنجو پيار بہ تون، منهنجي پريت بہ تون
منهنجي ننڊ بہ تون، منهنجي جاڳ بہ تون
منهنجي خوابن جي تعبير بہ تون
منهنجي چِڪ، تانگهہ ۽ تنئونس بہ تون
منهنجي سِڪ جو سوز سفير بہ تون
منهنجي عشق جو اڳ امام بہ تون
منهنجو حاڪم ۽ امير بہ تون
منهنجو 'حسن درس فقير' بہ تون
جڳ جڳ اهڙو جاني آهين
لاشڪ تون لاثاني آهين
تنهن سنڌوءَ کي سڀ ساراهيون
گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون!(5)

ڪراچي سنڌ جي دل، سنڌ جو قديم ڳوٺ ۽ جديد شهر آهي. ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ جون ڏڪيل سازشون ته ڪيتري ئي وقت کان هلنديون پئي آيون پر هاڻي علي الاعلان اِن کي جدا صوبو بڻائڻ، ان سان گڏ سنڌ جا ٻيا شهر به ساڻ ڪري سنڌ کي ورهائڻ وارو مسئلو شديد نوعيت اختيار ڪري ويو آهي. مستقبل ۾ ڇا ٿيندو؟ اِهو ته وقت ٻڌائيندو پر سنڌ جي ورهاڱي تي سنڌ جو ٻار، ٻچو، وڏو ننڍو ٿيو، سڄاڻ توڙي اَجاڻ سراپا احتجاج آهي. ڌرتيءَ سان محبت جو احساس ڪتاب يا علم نه ڏياريندو آهي. اِهو احساس هر اُن انسان ۾ فطري هوندو آهي جنهن جون پاڙون زمين ۾ کُتل هونديون آهن. ماڻهوءَ ۽ مِٽيءَ جو رِشتو اڄ جو ناهي. اِن رشتي ۽ مٽيءَ جي ماڻَ ئي انسان کي تهذيب سان رهڻ ۽ سماجي جوڙجڪ ناهڻ جو شعور ڏنو. اِن ڪري اِن جي اهميت به اُهو ئي سمجهي سگهي ٿو جيڪو پيڙهين کان ۽ صدين کان اِن مٽيءَ تي رهندڙ هوندو. اهو ڌرتيءَ ڏٽي نه رڳو پاڻ ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ هوندو بلڪِ ڪنهن ٻئي ڌرتيءَ ڏِڪاٽل جي درد کي به پنهنجو درد سمجهندو. اِهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ هميشه مختلف هنڌن تي ڌرتيءَ ڏِڪاٽن کي پناهون ملنديون رهيون آهن. اِها هِن مٽيءَ ۽ ماڻهن جي خوبي آهي جو هر ڏُکايل کي ائين پنهنجو ڪندا آهن جيئن هڪ ماءُ ڪنهن به ٻار کي ڏِڪو ڪائيندو ڏسي پنهنجي ٻار وانگر ڪٽي ڇاتيءَ سان لائيندي آهي. سنڌ جي ماڻهوءَ کي ان کي ڪمزوري / ڪمتري سمجهڻ بدران پنهنجي ان خوبيءَ تي فخر ڪرڻ گهرجي.

ڪراچي تون اسان جو سچ آهين!
ڪراچي تون اسان جو سـچ آهين!
۽ اسين سورج مٺڪي آهيون
اسان جي پوئين پيڙهيءَ جا
سمورا سوز ۽ آواز
زخمي مور جي رَڙين ۾ دَفنايا ويا
اَڌ صديءَ جو سور
۽ سجيل سنڌو سندس يادگيرين ۾
چاندنين ۽ سانوڻين ۾
اسان جي پرجي آيل آواز جي شاهدي آ
۽ ڀِڪندڙ پيلي ٻبر جو ٻُور
اسان جي درد جو پيو رَنگ بنجي
سدا ڇڻندو رهيو آهي

۽ اسان جي بيقراريءَ جو اُجارو سمنڊ
تو ڏانهن روز واجهائي وري ٿو
......
اسان پنهنجن ابن ڏاڏن
پنهنجي پيڙهين جي پيڙا جا سمورا سُور
پنهنجي رَڳن جي رَت ۾ روڪي رکيا آهن
۽ تنهنجي روئي پونڊڙ روشنيءَ ۾
درد جو احساس
اسان جي نوجوانيءَ کي نمايان ٿو ڪري
۽ اسين
پنهنجا چهرا ۽ چٽي ويل مُک مُنهاندا
تو ۾ پوکڻ ٿا گهرون
اسين تنهنجو اصل آهيون
اسين تنهنجو نسل آهيون
ڪراچي تون اسان جو سچ آهين
۽ اسين سورج مکي آهيون (6)

سنڌ جو هر سُجاڻ ليکڪ/اديب/شاعر دهشتگرديءَ کي نندي ٿو. سنڌي شاعريءَ ۾ صوفي نظريو سنئون سڌو امن، انسانيت ۽ برابريءَ وارن قدرن سانڍڻ ۽ ڦهلائڻ جو ڏَس ڏئي ٿو. حسن درس صوفي منش نوجوان شاعر هو. هن پڻ پنهنجي شاعريءَ وسيلي اهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ انسانيت ۽ ياڻپيءَ وارو رستو ئي اصل ترقيءَ ۽ امن جي بحاليءَ جو رستو آهي. دنيا ۾ محبت ۽ امن جي ڳالهہ ڪرڻ واري جي سوچ، سندس خيال ۽ آواز کي دٻائڻ وارو عمل هر جاءِ تي رهيو آهي.

سماج ۾ عورت جو فقيرياڻيءَ وارو ڪردار سندس مظلوميت جي انتها وارو ڪردار آهي بلڪ ڪردار ڪان وڌيڪ اها هڪ پوري ڪميونٽي ٿي وئي آهي . پنڻ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ ۽ پنهنجي انا کي انتهائي حد تائين مجروح ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. اسان جي سماج ۾ فقيراڻين جا باقاعده نسل ملندا روڊن رستن تي ڪنهن عياشيءَ يا ستم جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ٻاڙيون انهن ئي روڊن رستن تي پلجي وڏيون ٿين ٿيون ۽ پوءِ پنهنجي مائرن مان مريادا، عزت انهن عصمت، خواب، حال ، مستقبل ۽ هر جذبي کي روڊ تي پيرائن ٿيون . سنڌي شاعرن ۽ اديبن عورت جي ان ڪردار کي تمام چيندڙ انداز ۾ بيان ڪيو آهي حسن درس پڻ ساڳي روايت کي برقرار رکندي نظر اچي ٿو.

فقيرياڻي!
ڪنهن نماڻي نار جا ، هٿ ٻئي اڳيان ٻڌل،
فاتح جٽي جي ، گهوڙن جي ٽاپولين ۾،
سڏڪا ۽ ٻڙڪون ٻڌل،
ڪنهن نمرود ۽ مردود جي درٻار ۾،
هيسيل ۽ ڏاڍو ڊنل،
ڳلن جي ڳاڙهاڻ تي، لڙڪن جون لارون اجهل،
پر ازل جي اک ۾ ، ڏوڙ وجهي ،
موهه سان ٻه ڊوهه ڏيئي،
ڳوهه ڳهنڊڙ قوم جي ، هڪ فرد ڪي
جنهن سندن دل جي،
درد جو سامان ناهيو هو،
ڪل ۾ ڪرڙيون هٽائي،
خاموش ڪرائي،
پنهنجي عزت نفس جو قرض چڪايو،
ڇا مان پنهنجو قرض نہ چڪايان؟ (7)

قلندر جي ڌمال تي عورتن ۽ مردن جا وڏا ميڙا هوندا آهن قلندر جي ڌمال عبادت جو هڪ طريقو سمجهي ويندي آهي ڌمال هڻڻ واري تي هڪ واجدان طاري ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ هن کي دنيا جي خبر نہ پوندي آهي ڪيترا ماڻهو قلندر تي ڌمال هڻڻ جي باس باسيندا آهن ۽ ڪيترائي ماڻهو عقيدتمنديءَ مان هر سال اهو فرض سمجهي ادا ڪرڻ جي تصور سان باقاعده قلندر جي درٻار تي ايندا آهن. قلندر شهباز هڪ صوفي بزرگ آهي ۽ صوفي واجداني ۽ بخوديءَ جي عالم ۾ رقص ۽ غرق ٿي ويندا آهن قلندر جي ڌمال صوفي رقص جو ئي هڪ اظهار آهي جڏهن تہ اسلام ۾ رقص موسيقي ءَ جي منع ٿيل آهي سنڌي سماج ۾ ان کي معيوب سمجهيو ويندو آهي. حسن درس قلندر جي ڌمال ۾ غرق ٿي ويندڙ هڪ عورت جي رقص جو ذڪر ڪيو آهي رقص کي طوائف جي مجري واري تصور کان هٽي ڏسجي تہ اهو هڪ فن آهي ۽ سنڌي سماج ۾ بہ هاڻي ان فن متعلق بہ شعور اڇي رهيو آهي سنڌ جي وڏي شاعره ۽ اديبہ عطيہ دائود ۽ خدابخش ابڙي پنهنجي ڌيءَ سهائيءَ ابڙو کي نرت جي تربيت ڏياري سنڌي سماج ۾ نرت کي هڪ فن جي حيثيت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي سنڌي سماج ۾ بہ انکي هڪ سني موٽ ملي آهي

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن مثبت انداز ۾ ڪنهن به فن کي پيش ڪيو وڃي ته ان جو اثر سماج تي به مثبت ئي ٿئي ٿو.

رقاصہ!
رقاصہ قلندر تي بيٺي نچي،
چوان ڪيئن ته مُجرو ڪري ٿي پئي!
نڪو نازيہ جا نمونا نوان،
نڪو نازيہ جا اشارا نوان،
ندي آ پراڻي ، اُهي وهڪرا ،
لڪيءَ ۾ لڪايم بدن جو ذور!
جبل منجهہ جهاتي به پائي ڏٺم،
رڳو گرم چشمو به ڪافي نہ آ،
رڳو عورتن ۾ تلافي نہ آ،
گهُميس گهٽ سارا، گهمائي ڏٺم،
محبت جا مزدور وانگي ٽڪي،
محبت جا جهيڙي ٿئي پئي جهڪي،
ميان مروندي! توکي ڇا چوان!
وري سج ساڙي رکيو آ سڄو،
تڏهن به تتي تي اچان ٿو پيو.
سجائي رکان ٿو مان سيوهڻ سڄو،
رقاصہ قلندر تي بيٺي ڏسي،
آئون قلندر تي بيٺو نچان،
چوي ڪيئن ته مجرو ڪريان ٿو پيو!!(8)

ڀيل، ڪولهي، باگڙي ۽ ماڙيچا هندو ڌرم ۾ گهٽ ذات سڏائيندڙ طبقو آهي معاشي تنگدستيءَ جي ڪري اهو طبقو غربت ۽ بدحاليءَ جي علامت بڻيل آهي ڪولهي عورتون توڙي مرد محنت شقت ڪري گذران ڪندا آهن گهڻي قدر عورتون محنت ڪنديون آهن ۽ مرد ڏينهن جو مزدوري ڪري رات جو نشو ڪندا آهن . رئيس ۽ جاگيردار انهن جا خاندانن جا خاندان نجي جيلن ۾ بند ڪري رکندا آهن. جديد دور ۾ ڪولهين ذات جا ڪيترائي نوجوان پڙهي پيا آهن ۽ هنن پنهنجي طبقي جي ماڻهن کي سماج ۾ سک سان ساهہ کڻڻ لاءِ غير سرڪاري تنظيمن سان گڏجي ڪجهہ ترقيءَ وارا ڪم به ڪريا آهن تازو آسو ٻائي ڪولهڻ جي ڪردار سنڌي ميڊيا تائين پهچي نہ رڳو پنهنجي ڪردار ۽ ڪم کي

دنيا آڏو پيش ڪيو بلڪ ان ذريعي سندس قائم ڪيل اسڪول جي لاءِ بہ فنڊ ۽ سهولتون سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن پيش ڪيون .آسو ٻائي ڪولهڻ جو ڪردار ۽ سندس ڪم پنهنجي ڪميونٽيءَ جي فلاح بهود لاءِ هڪ انقلابي قدم آهي.

عمر هونئن تہ اچائي!!
سنجها جو هو سيئي ڪولهي
نري جا مٽ ڪولن ٽا
عمر هئونئن اَجائي آ
مگر سُرڪي سجائي آ
سيئي لمحا لٽائي هو
گهڙين جا گهٽ ڪولن ٽا
سچو ڏينهن هو ٻنيون ٻارا
وڏيرن جا ڦريل تارا
مگر پهچي پيالن وٽ
ٻچين مان ڳٽ ڪولن ٽا
صدين جا درد ڳائن ٽا
نشي ۾ سپ ٻڌائين ٽا
پراڻا عشق اوري هو
فراقيل ڦٽ ڪولن ٽا
۽ آڌيءَ جو سيئي سرندا
وچي پنهنجي ڪکن ۾ ڪرندا (9)

حسن درس پنهنجي شاعريءَ ۾ سماج جي اهم طبقي پورهيت جي ترجماني بہ ڪئي آهي ملاحن جون عورتون ۽ مرد گڏجي پورهيو ڪندا آهن. پورهيت ڪم ڪندو تہ سندس زندگي اڳتي هلي سگهندي ۽ جڏهن ڪنهن تڪليف يا بيماريءَ ڪري پورهيو نہ ٿو ڪري سگهي تہ ڪيس بيماري تڪليف نہ ٿي ڏئي بيماريءَ جي ڪري بي ڪاري وڏيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي. ملاحن جي اهڙي ڪيفيت کي حسن درس هن نظم ۾ بيان ڪيو آهي.

ملاح!
هن جي اندر ۾ ڪئين
ڦٽڪن مڇيون پيون
هو جو ملاح ويٺو گهوري زمين کي

هن جڻ اندر ۾ پنهنجو ڪو رَڇ آ هنيو
ڪوٺي زمين ڪي ۽ پوري زمين ڪي
۽ دور هوءَ مهاڻي گاريون بڪي پئي
هوءَ جنهن ڪالهه هڪڙو ٻار آ ڄڻيو!
هوءَ جا هنن ڏينهن ۾ ماري نہ ٿي مڇيون
ها پر هن مڇين لاءِ هڪ ڄار آ ڄڻيو!
پوڙهو اڪيلو وينو ٻيڙي ڇِڪي پيو
دونهين سان گڏ ڪائي
هن ڪي دعا اچي ٿي
درياءَ شاهہ تون ئي آهين سندم ڏٽي
هيءَ زندگي بہ آهي جادوگريءَ جيان
جنهن ڪي بہ ڇا ملي وئي
منهن تي وٽي وئي (10)

اسان جي سنڌ ۾ هارين ۽ مزدورن سان جيڪو ظلم ٿئي ٿو اُن تي هر حساس ماڻهوءَ جي دل تڙپي ٿي. شاعر خاص طور تي ان ظلم کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ سان گڏ نندي بہ ٿو. هارين تي گرميءَ ۽ سرديءَ جو اثر تمام گهڻو ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ هو ان اثرن کان بچاءَ جي سگهہ نہ رکندا آهن. وٽن ايترو پئسو نہ هوندو آهي جو پنهنجو جسم بہ پوري نموني ڍَڪي سگهن يا صحيح طور تي پيٽ ڀري سگهن. حسن درس اهڙي ئي هڪ هاريءَ جي وارتا پنهنجي هينئين نظم ۾ بيان ڪئي آهي.

ڪانڊيري نالي هو هاري
ڪالهہ مري ويو سيءَ تپ ۾!
ڪانڊيري جو ڏاندن جوڙو
پـرُ سياري ۾ چورن ڪاهيو
جنهن تي ڪـُتي ڪيڏو ٻاهيو!
ها پر رات بہ ڪاري آهي
جنهن کان توبهن زاري آهي
ڇا ڇا تي تاريخ ڦلهوري!
چورن جا ٿي پيرا ڊاهي!
هن ڪي رئيس وڏي وٺ وهندي
پورو سال هي نائون ٿيو هو
هيل فصل بہ تہ ڍِلو ٿيو هو

۽ ليڪو ٻہ لائون ٽيو هو!
هن ڪي ڪڏهن خط نہ آيو
هن ڪي ڪڏهن تار نہ آئي!
هو جو ڪنهن کي ياد نہ آيو
هن جي ڪنهن کي سار نہ آئي!
هن جي ڪا ائڊريس نہ هئي
هن جو ڪو گهر نمبر ناهي!
هن جو گهر آ واٽر ڪپ ۾
ڪالهہ مري ويو سيءَ تپ ۾!
ڪانڊيري نالي هئو هاري! (11)

حسن درس جا ڪيترائي نظم طويل آهن. ڪي تہ 3، 3، ۽ 4،4 صفحن تي ٻہ آهن. اختصار کي ذهن ۾ رکندي هن مقالي ۾ حوالي طور انهن نظمن جا ڪجھ حصا شامل ڪيا ويا آهن. مڪمل نظم سندس شعري مجموعي ”حسن درس جو رسالو“ مان ڄاڻايل صفحن تي پڙهي سگهجن ٿا. هتي صرف چند موضوعن کي مطالعي ۾ آندو ويو آهي، جڏهن تہ ان کان علاوه ٻہ سندس شاعريءَ ۾ وڏيڪ فڪري پاسا پسي سگهجن ٿا.

حسن درس پنهنجي زندگيءَ جي مختصر عرصي واريءَ شاعريءَ ۾ جهڙيءَ طرح زندگيءَ جي موضوعن، سماج جي مسئلن، معاملن کي گهري فڪر سان بيان ڪيو آهي تہ جيڪڏهن زندگي ڪيس مهلت ڏئي ها تہ ضرور سنڌي ادب ۽ شاعريءَ ۾ هئو سنڌ جي سرواڻ شاعرن تنوير عباسيءَ، تاجل بيوس، امداد حسينيءَ ۽ ٻين وانگر ڌرتيءَ جي هر طبقي سان واسطو رکندڙ عوام جو نمائندو ثابت ٿئي ها. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حسن درس جديد سنڌي شاعريءَ جي دور جو هڪ مک شاعر آهي.

## حوالا:


1. حسن درس جو رسالو سهيڙيندڙ: ارم محبوب - انڊس فائونڊيشن حيدرآباد 2011ع ص: 106)
2. ساڳيو، ص: (140)
3. ساڳيو ص:(153،152)
4. ساڳيو ص: (130، 131، 132)
5. ساڳيو ص: (283 کان 288 تائين)
6. ساڳيو ص: (159،158)
7. ساڳيو ص: (120)
8. ساڳيو ص: (121)
9. ساڳيو ص: (341)
10. ساڳيو ص: (233)
11. ساڳيو ص: (138،137)

عبدالڪريم آزاد سميجو

# قديم هنديءَ سنڌي عالمن پاران سنسڪرتي علمن جي سامي ٻولين ۾ منتقليءَ جو تاريخي جائزو

# A historical review of the transfer of Sanskrit knowledge to Saami languages by ancient Hindi and Sindhi scholars


## Abstract:

Sanskirt, Sindhi and Bhasha are the ancient languages of the Sub-continent. Sindhi is mother of all these local languages which has been gone through several scripts. Sanskirt language has enriched its lexical treasure from Sindhi. Sindhi has been remained the most old written language of this region. This research includes the master pieces of various academics translated from Sindhi, Sanskirt and Bhash to Arabic and other oriental languages. The research has been conducted through historical method in qualitative research method. The data has been collected from sources mentioned in bibliographical references .


سنسڪرت ۽ سنڌي نندي ڪنڌ جون قديم علمي ۽ تهذيبي ٻوليون آهن. گهڻو پوءِ امير خسروءَ جي زماني ۾ برج ڀاشا پڻ نندي  ڪنڌ جي سگهاري ٻوليءَ طور نظر اچي ٿي .سنڌي جيئن تہ انهن مان هڪ قديم ترين ٻولي آهي. ان ڪري ان جا آثار پڻ قبل از تاريخي دور جا آهن. سنسڪرت ٻئي مرحلي ۾ اچي ٿي، ان ڪري تاريخ ۾ ان جو علمي مقام وڏيڪ واضح ۽ چٽو آهي. اهڙي ريت ڀاشا ٽئين مرحلي جي ٻولي آهي. ڪي تاريخدان سنسڪرت جو سرچشمو بابل کي ڄاڻائن ٿا، پر چند ان کي حقيقت جي برخلاف بہ سمجهن ٿا. پوئين ڌر جو خيال آهي تہ: ”سن2907 ق.م يا 2447 ق.م ۾ بابل ۾ جڏهن قومي انتشار ۽ افراتفري پيدا ٿي هئي، تہ ان وقت سندن اصلي ٻولي سُرياني هُئي، نہ ڪي سنسڪرت. پهرئين نظريي وارا چون ٿا، تہ جڏهن آريا يا ايرين ايشيا ڪوچڪ، ان جي آسپاس وارن علائقن ۽ ايراني علائقن ۾ اچي آباد ٿيا، تہ ان وقت سندن ٻولي سنسڪرت ٿي ۽ جڏهن اهي اترئين علائقن کان هند ۽ سنڌ ۾ اچي وارد ٿيا، تہ وٽن مذهبي ڪتاب صرف رگ ويد هو (1)“.جيتوڻيڪ ڪي تاريخدان انهيءَ خيال سان اختلاف بہ رکن ٿا، مگر ان خيال ۾ سڀئي متفق آهن، تہ ٻين ٽنهي ويدن ۽ آرين جي ٻين مذهبي ڪتابن هند سنڌ جي ئي سرزمين ۾ جنم ورتو آهي.

سنسڪرت جون عام ۽ مشهور ٻہ شاخون آهن. هڪ الوڪڪ يعني مذهبي ۽ ٻي لوڪڪ يعني عوامي يا غير فصيحي ۽ ان جون ذيلي ڪيتريون ئي شاخون آهن، جيڪي وقت گذرڻ ڪانپوءِ بعد ۾ وجود ۾ آيون آهن. مثال طور، براهمي (پالي)، ڪروشتي، پاشا (ناگري) وغيره. ۽ ان ڪان علاوه چند علاقائي زبانون بہ آهن ۽ انهن ۾ ڪي هند سنڌ جون قديم ٻوليون بہ شامل آهن، جيڪي اسان جي بحث ڪان ٻاهر آهن.

سنسڪرت جي تعليم بابت برهمڻن اهڙيون تہ پابنديون وڌيون، جو ٻين مذهبن جا ماڻهو ۽ ڪي هندو فرقا بہ ان ڪان محروم رهجي ويا. پر ان جي باوجود هتان جي باشندن پنهنجي خداداد ذهانت سان سنسڪرت ۾ ڪافي مهارت پيدا ڪئي ۽ ان ڪي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

اهڙيءَ ريت مسلمانن بہ پنهنجي والاريل مُلڪن هند ۽ سنڌ جي ٻولي سنسڪرت ۽ ان جي شاخن جي واڌ ويجهہ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. هند ۽ سنڌ ڪان ٻاهر جي مسلمانن بہ ڪيترائي سنسڪرت جا ڪتاب گهرائي، ڪن مشهور عالمن ڪان انهن جا ترجما پڻ ڪرايا. سامي تهذيبن جي تاريخ ۾ اهڙن ڪتابن جو تذڪرو ”تراڪيب هندي يا ترجمہ از ڪتب هندي“ طور ڪيو اٿن، انهن ۾ ڪيترائي سنڌي ڪتاب بہ شامل آهن، پر جيئن تہ هو سنڌ کي هند ڪري اچاريندا هئا، تنهنڪري انهن سمورن شهپارن کي هندي ڪوٺيو اٿن.

اسلام ۾ بنو اُميہ جي زماني ۾ ئي علوم ۽ فنون جي ترجمن ۽ تصنيف جو بنياد پئجي چڪو هو. ان ۾خالد برمڪي (جعفر برمڪي جي ڏاڏي) جو بہ اهم ڪردار هو. اڳتي هلي اهو ڪم عباسي خليفن پڻ سرانجام ڏنو ۽ انهن پنهنجي دؤر ۾ هڪ باقاعده بيت الحڪمت قائم ڪيو. سن 136 ھ ۾ عبدالله ابو جعفر منصور عباسي (خليفہ هارون رشيد جو ڏاڏو) تخت نشين ٿيو ۽ ان دمشق ڪان دارالخلافت منتقل ڪري بغداد آندو. تنهن وقت هند ۽ سنڌ مان ڪيترائي عالم ۽ طبيب عباسي دربار ۾ پهتا، انهن ۾ نامور طبيب منڪا (ماڻڪ)، جيڪو رشيد عباسي جي ذاتي شفاخاني جو مهتمم هو، ان ڪيترن ئي طب جي ڪتابن جو سنسڪرت مان عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

شسرت سنگهٽا جو ترجمو عربي ۾ ٿيو، جيڪو بنارس جي مشهور ويد ديوداس جي شاگرد ڪيو، ان جو عربي نالو ”سسرو في طب“ رکيو. اهو ڪتاب شيخ بوعلي سينا جي جڳ مشهور طب جي ڪتاب ”القانون“ جي مقابلي جو ڪتاب هو. ان جا حڪيم زڪريا رازي بہ بيمارين

۽ انهن جي علاج بابت پنهنجي تصنيف ۾ ”الشرت“ جي نالي سان ڪيترن ئي هندن تي حوالا ڏنا آهن.

”ماٽڪ ويد جو ڪتاب، جيڪو ”اقاقير“ جي فن تي آهي، ان جو ترجمو پڻ عربيءَ ۾ ٿيو.ماٽڪ کان علاوه ٻاڪر، راجو، ڏاهر، آنڪو، اريڪل، جبر وغيره سنڌي عالمن جا نالا اچن ٿا، جن جا علمي شهپارا عربي ۾ ترجمو ڪيا ويا.“(2)

شاناق-چانگ يا سنگهه سنڌي ويدڪ جوڪتاب، جيڪو زهرن ۽ زهريلن نانگن جي علاج تي مشتمل هو، ان جو ترجمو پڻ عربيءَ ٻولي ۾ ٿيو. عطريات جي ڪتاب جو ترجمو پڻ سنسڪرت مان عربيءَ ۾ ڪيو ويو.چرڪ سنگهٽا جو ترجمو پڻ عربي ٻولي ۾ ٿيو.

”سنڌستان ۽ استانگر جو ترجمو آٻندن ويد سنڌي ڪيو. ڪيترن ئي هندن تي آٻندن کي ابن ڌن پڻ لکيو ويو آهي، مگر اها رسم الخط جي غلطي آهي.“(3)

ڪٽڪا ويد جا ڪتاب، جيڪي علم نجوم ۾ هئا، انهن جو ترجمو پڻ عربي ٻولي ۾ ٿيو ۽ هينيان نالا لکيا ويا:

0. ڪتاب النمودار في الاعمار (عمر جي بيان ۾)
1. ڪتاب اسرار المواليد (ڄم جي رازن بابت)
2. ڪتاب القيرانات الڪبير والصغير (ننڍي وڏي عشق جي بيان ۾)

مردن کان علاوه هند سنڌ ۾ ناليواريون عورتون پڻ ويدڪ تي گذريون آهن. ديوي روسا پنڊ تاڻي جو ڪتاب، جيڪو عورتن جي علاج بابت هو، ان جو ترجمو پڻ عربي ٻولي ۾ ٿيو.

آريہ ڀٽ سنڌي جوتشي جي ڪتاب ”آريہ ڀٽ“ جو عربي ٻولي ۾ ترجمو ٿيو ۽ ان عربي ترجمي جو نالو ”ارج بند“ رکيو ويو.

برهم گپت جي ڪتاب سڌانتا جو ترجمو پڻ عربي ٻولي ۾ ٿيو، جنهن جو نالو ”هند سند“ رکيو ويو. تاريخ ۾ هڪ واقعو مشهور آهي، تہ سن 156هہ ۾ خليفي منصور عباسي جي درٻار ۾ سنڌ مان عالمن جو هڪ وفد ويو هو، انهن مان هڪ سنڌي عالم سڌانتا جو نسخو خليفي جي نذر ڪيو ۽ ڪتاب جي مضمونن جو تفصيل کولي ٻُڌايو. خليفي جي حڪم سان ان جي ڪتاب جو عربي ترجمو ڪيو ويو. ابن القفطي پنهنجي ڪتاب ”تاريخ الحڪماء“ ۾ بہ انهيءَ ڪتاب جو ذڪر ڪيو ويو آهي، تہ هيءُ ڪتاب حقيقت ۾ هند سنڌ جو ”زيچ“ آهي ۽ ان کي برهم سڌانت بہ چوندا آهن.

سنسڪرت جا ٻيا پڻ ڪيترائي ڪتاب ترجما ٿيا، ليڪن سيني ڪتابن جو سرتاج ”ڪليلہ و دمنہ“ آهي. نوشيروان عادل جي حُڪم سان هڪ

حڪيم نالي ”برزويہ“ انهيءَ ڪتاب کي سنسڪرت مان پهلوي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو ۽ شاهہ جي حضور ۾ پيش ڪيو. عبدالله بن المقفع انهيءَ ڪتاب کي پهلوي مان عربي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو. ان کي اڪثر محقق ابن المقنع لکن ٿا، ليڪن اها سندن غلطي آهي، هيءُ ڪو ٻيو ماڻهو هو. اڳتي هلي انهيءَ ترجمي مان ستن ڪندن جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. اصل سنسڪرت ۽ پهلوي نسخا ناپيد ٿي چڪا آهن، ليڪن ان جو پهريون عربي ترجمو موجود آهي. جعفر برمڪي (خليفي هارون رشيد جي وزير) جي حڪم سان انهيءَ عربي ترجمي کي منظوم بڻايو ويو.

سن 170هہ ۾ خليفي هارون رشيد جي زماني ۾ ”صدي گنبہ ڪادڪ“ جا ترجما ٿيا. ڪرن سار ۽ تيشور جي رنگسازي جي فن تي لکيل ڪتابن جا پڻ عربي ۾ ترجما ٿيا. سن 1050هہ ۾ ابو صالح نالي هڪ عالم منو شاستر جو ترجمو ڪيو ۽ ڪتاب مجمع التواريخ ۾ انتظام سلطنت جي باب ۾ ان کي شامل ڪري اضافو ڪيو.

ورشن گرنتن: جهڙوڪ، سانگيہ يوگ ۽ ميمانسہ جا ترجما پڻ عربي ٻولي ۾ ڪيا ويا.

البيروبي 11 صدي عيسوي ۾ گيتا ۽ اپنشدن جو عربي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو. ان ڪان علاوه 101 ٻين ڪتابن جو ترجمو پڻ ڪيو، جن مان ڪي سنسڪرت ۾ تہ ڪي ڪن مقامي ٻولين ۾ پڻ هئا.

عمرورشيد قونصل ترڪيءَ پنهنجي جرمني ۾ قيام جي دوران اپنشدن جو انگريزيءَ ۽ ترڪيءَ ٻولي ۾ ترجمو ڪيو.

سن 1191ع ۾ سلطان شهاب الدين غوري جي زماني ۾ شاهي دفترن ۾ فارسي، پراڪرت ، پاشا ۽ سنڌي مروج ٻوليون لکيون ويون آهن.

سن 1350ع ۾ سلطان فيروز شاهہ تغلق جي قبضي ۾ جوالا مکي سنسڪرت جو مشهور ڪتب خانو آيو، تہ ان سنسڪرت جي مشهور مسلمان فاضل مولانا عزيز الدين قطب ڪان سنسڪرت جي ڪيترن ئي ڪتابن جا ترجما ڪرايا، اهڙي ريت هڪ ڪتاب فيروز شاهي، جيڪو فارسي ۾ علم هئيت جو مشهور ڪتاب آهي، سو پڻ انهيءَ زماني ۾ سنسڪرت مان ترجمو ٿيو. ان ڪان علاوه ”سلواسوتر“ جو ترجمو ڪري، ان جو نالو پڻ ”البطارڪ“ رکيو ويو. انهيءَ زماني ۾ فلسفي جي فن جا بہ ڪيترائي ڪتاب ترجمو ٿيا. ”سلطان فيروز شاهہ تغلق نہ فقط سنسڪرت جي علمي خزاني کي عربي سامي ٻولي ۾ منتقل ڪرايو، بلڪ هڪ محل تعمير ڪرايو، جنهن جو نالو پڻ ”سرگ دوار“ رکرايو.“(4)

خلجين ۽ تغلقن جي زماني ۾ حضرت امير خسرو (متوفي 725هہ، 1325ع) سنسڪرت ۽ ڀاشا جو وڏو عالم هو، جنهن پنهنجي ڪتاب "نه سپهر" ۾ هتان جي مقامي علمن جي تفصيل سان تشريح ۽ تعريف پيش ڪئي آهي.

سلطان زين العابدين والي ڪشمير (هو اڪبر اعظم کان پڻ اڳ جو هو) سنسڪرت جي ڪيترن ئي نادر ۽ ناياب ڪتابن جا ترجما عربي، فارسي ۽ ملڪي زبانن ۾ ڪرايا. مهاڀارت جو ترجمو پڻ سندس ڪوشش جو ئي نتيجو آهي.

سن 1488ع ۾ بهلول لوڌي جي زماني ۾ ڀاشا جا ڪيترائي نظم لکيا ويندا هئا ۽ شاعرن جي قدرافزائي ڪئي ويندي هئي. ان زماني ۾ گرونانڪ صاحب جو ڪلام، ڪبيرداس بنارسي جا دوها، بابا تلسيداس جو رامائڻ به قلمبند ڪيا ويا هئا.

شهنشاهہ بابر ۽ اڪبر اعظم جي زماني ۾ سنسڪرت، ڀاشا توڙي سنڌي ٻولين تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. ملا فيضي، عبدالجليل بلگرامي، غلام احمد آزاد، شهزاده دانيال ۽ عبدالرحيم خان خانان جا سنسڪرت ۽ ڀاشا جا نظم اڄ تائين يادگار آهن. ملا عبدالقادر بدايوني، انهيءَ زماني ۾ ويدن، رامائڻ ۽ تاريخ ڪشمير جو ترجمو ڪيو. ان کان علاوهہ ملا صاحب سنگهاسن بتيسي جو "خرد افزا" جي نالي سان پڻ ترجمو ڪيو. راجا توڏر مل ڀڳوت گيتا جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. ڪرشنا داس اڪبري جي سنسڪرت جي لغت برٽش ميوزيم لنڊن ۾ موجود آهي، جيڪا اڪبراعظم جي حُڪم سان لکي وئي هئي. ملا فيضي (ابوالفضل جو ڀاءُ) ڪاشي ۾ رهي، سنسڪرت سکيو ۽ ڪيترن ئي علمي شهپارن جا فارسي ۾ ترجما ڪيا. حاجي ابراهيم سرهندي اڪبراعظم جي اجازت سان 1596ع ۾ اپنشدن جو ترجمو ڪيو.

سن 1014هہ ۾ شهنشاهہ جهانگير پنهنجي زماني ۾ سنسڪرت ۽ ڀاشا جي ترقي ۾ علم دوستيءَ جو وڏو ثبوت ڏنو. ڀاشا جي هڪ هڪ نظم تي جن شاعرن کي وڏن وڏن انعامن سان نوازيو ويو، تن جا نالا هي آهن: ملا نوري، غواصي، شاهہ محمد بلگرامي، ظهير المتخلص به تپسي وغيره. ان کان علاوه ملا مسيح پاني پتي به رامائڻ جو ترجمو فارسي نظم ۾ ڪيو. مير هاشم کي مهاڀارت حفظ ٿيل هئي. تزڪ جهانگيري ۾ جهانگير جي جوڏي روپ (جيڪو سنسڪرت جو مشهور فاضل ٿي گذريو آهي)، سان ملاقات جي لاءِ وڃڻ جو واقعو پڻ درج ٿيل آهي.

”سن 1652ع ۾ شهزادي دارا شڪوهه 51 اپنشدن جو فارسي ۾ ترجمو ڪري، انهن جو نالو ”گنجينه اسرار معاني“ رکيو“.(5)

سن 1131هه ۾ ابوالفتح ناصر الدين محمد شاهه بادشاهه دليءَ ۾ راجا مان سنگهه جئيپور جي والي سان گڏجي، جنتر منتر نالي سان هڪ محل جو بنياد وڌو ۽ علم هئيت جي مشهور ڪتاب ”شرح چگمني“ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابن جو ڀاشا ۾ ترجمو ڪرايو.

”ان ڪان علاوه هندوستان جي ڪيترن ئي مسلمان بادشاهن جي دؤر ۾ سندن سڪن تي نادیه بيل، راجپوت سوار، لڪشمي ديوي، سري رامچندر جي، سيتا جي، ترسول، مڇيءَ ۽ ڪنول جي گل جي تصويرن ڪانسواءِ ناگري ٻوليءَ ۾ سندن نالا به لکيا ويندا هئا. جهڙوڪ: 589هه کان 602هه تائين سلطان محمد غوري جي سڪن تي ناديه بيل يا راجپوت سوار جي تصوير يا ناگري ۾ شري هير محمد سوامي لکيل ڏٺو ويو آهي“.(6)

ان ڪان علاوه هندوستان ۾ سنسڪرت جا جيڪي مشهور مسلمان عالم گذريا آهن، جن ۾ شيخ غلام مصطفيٰ مراد آبادي به هڪ آهي، جنهن جا ڪيترائي وڏا وڏا برهمڻ پڻ شاگرد هئا. ان زماني جو هڪ مشهور عالم سيد نظام الدين بلگرامي به ٿي گذريو آهي. سن 1111ع ۾ سيد غلام نبي بن سيد محمد باقر بلگرامي، هڪ علمي شهپاري ”درپن“ جو مصنف هو ۽ جنهن ۾ ڀاشا جا ڪل 170 شعر شامل هئا. ان ڪان علاوهه سن 1188ع ۾ رحمت الله خيرالدين ۽ سيد برڪت علي جو ڪردار پڻ نمايان رهيو آهي ۽ پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف پڻ رهيا آهن. اهڙي ريت شمس العلماءَ سيد علي بلگرامي، تمدن هند ۽ تمدن عرب جو مترجم جوسنسڪرتي علمي خزانن جي سامي تهذيبن ۾ منتقليءَ ۾ پڻ نمايان ڪردار رهيو آهي.

**حوالا:**


1. The Origin of Religions and Language By F.C. Cook, M.A., Printed in London in 1884 A.C ,.Page-16,
2. محمد بن اسحاق ابن نديم وراق، الفهرست (محمد اسحاق ڀٽي مترجم)، اداره ثقافت اسلاميه لاهور)ص.643)
3. ندوي، علامه سيد سليمان، عرب و هند ڪي تعلقات، سال 1987ع، اردو اڪيڊمي سنده، ڪراچي (ص. 133)
4. عفيف، سراج شمس، تاريخ فيروز شاهي (ضيا ءالدين برني)، 1952ع، مسلم يونيورسٽي علي گڙهه (ص. 290).
5. ساڳيو، ص: 291
6. اڪبر آبادي، ماهر، خانصاحب حڪيم محمود علي، سنسڪرت پر مسلمانون ڪا احسان، روئداد اداره معارف اسلاميه،اجلاس

ناهيد شاهہ نقوي

# مرزا قليچ بيگ جي سنڌي شاعريءَ جون سماجي خدمتون

## The contribution of Mirza Kaleech Baig's Poetry towards social change

**Abstract:**

Shams-ul-Ulma Mirza Kaleech Baig who is well-versed in his academic, literary, social and cultural, Mirza Sahib's books are classics and translations which include topics in research, history, literature, sociology, philosophy.

Mirza kalich is a scholar, prose, novelist and first critic and author of her services from classical literature to modern literature. Which has been written by many scholars and authors, but the research on pen-writing has declined.

Mirza kalich was not a prolific writer and poet but a high and fair officer, a good judge, decision-maker, scholar andbeing a city of contentment.

In which scholars are always decorating their beautiful ideas. Mirza qalich is less than a prose but such a wealthy person has made poetry.

In this research article we have tried to explore the different dimensions of Mirza Qaleech Baig's poetry.

سنڌي ادب ڪيجن چند شخصيتن علم ادب جو سينگار چئي مواد ڏنو ۽ پڙهڻ لاءِ خزانو ڏنو، ان ۾ مرزا قليچ بيگ جو نالو وڻڻ سرِ فهرست اچي ٿو.مرزا قليچ هڪ مدبر، اسڪالر، نثر نويس ۽ پهريون نقاد ۽ ليکڪ آهي ڪلاسيڪل ادب کان وٺي جديد ادب تائين سندس خدمتون مڃيل آهن. جنهن تي ڪيترن ئي اسڪالرن ۽ ليکڪن لکيو آهي پر تحقيق جي حوالي سان قلم فرسائي گهٽ ٿي. اهو سندس طبع زاد هجي يا ترجمي جي صورت ۾ چو نہ هجي.سندس شاعريءَ طبعت ۾ ڏاهپ آهي ضد ڪونهي، نوڙت اٿس. ايڏي مهارت جي باوجود ڪڏهن بہ ڪٿي پنهنجي ذات لاءِ ضد ۾ نہ آيو آهي هر دفعي شڪر الاهي ۽ اندر ۾ رب جي طرف رضا جي ڳالهہ ڪئي اٿس. محبت ۾ وفاداري ۽ ايثار جو قائل آهي.

مرزا قليچ نہ رڳو هڪ اعليٰ ليکڪ ۽ شاعر هو پر هڪ اعليٰ ۽ منصف آفيسر بهترين عدل وارو، فيصلو جوڙيندڙ، عالم ۽ اسڪالر بہ هو، نہ دين خاطر دنيا ڇڏيئين، نہ دنيا خاطر دين ۾ غلط فتوائن ۾ رهيو، حيدرآباد شهر ٿڌي هوائن امن ۽ سڪون جو شهر رهيو آهي، جنهن ۾ سدائين عالم علمي محفلون پنهنجي سهڻن خيالن سان سجائيندا رهيا آهن،

مرزا قليچ جي زندگيءَ جي ابتدا حيدرآباد ۾ ٿي ٿي آهي. مرزا قليچ نثر کان گهڻ مگر اهڙي ته املهه ماڻڪ شاعري ڪئي آهي جيڪر هوند اڄ جو نوجوان دل سان هنڊائي ته هڪ باڪردار انسان ٿي اڀري، عشق جو مفهوم ڇا آهي؟ مرزا جي شاعريءَ جي مجموعن مان سمجهبو مرزا قليچ کي سنڌي ادب ۾ (1853ع کان 1929ع) (ڌائين هڪ) اهم شخصيت جي طور تي نثر توڙي نظم ۾ يڪسان مقبوليت آهي اڄ تائين مرزا قليچ کي هڪ ليکڪ، ڪهاڻي نگار، ترجمہ نگار جي حيثيت سان ڪيترن ئي محققن لکيو ۽ اجاگر ڪيو آهي.

مرزا قليچ جو اهو اعليٰ شاعريءَ وارو ذهني هنر آهي . ربّ سبحانہ جي ساراهه ڪندي، قدرت جي ذري ذري واري تخليق جي ثنا ڪئي اٿس، ڪا نعمت اهڙي نہ آهي جنهن جو ذڪر نہ ڪيو هجي، اها سندس قوت ادراڪ آهي جو ربّ جي رمز ۽ رضا کي سهڻي نموني بيان ڪرڻ هڪ اعليٰ دماغ شاعر ئي ڪري سگهي ٿو. قدرت جي نظارن سان نعمتن ۽ موسمن جو بيان بہ سهڻي انداز ۾ آهي.

**اهميت:**

مرزا قليچ وڻ دين هو، محبت ۽ دانائي سندس صفت هُئي نيڪ دلي سندس طبيعت هُئي، سادگي سندس فطرت هُئي، خاندانيوقار ڪيس ڪڏهن بہ متڪبرانہ ٿيڻ نہ ڏنو. مرزا قليچ ڪڏهن بہ دل ۾ چاهت يا اميد نہ رکي تہ سندس واهہ واهہ ٿئي يا انعام اڪراملن، بس دل جي سچائيءَ سان پنهنجو فرض سمجهي جنهن رستي تان لنگهندو ويو آهي فيض ڏيندو ويو آهي. جنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهندو آهي تہ ان وڻ کي بہ دعا ڏيندو آهي ۽ پاڻي ڏيندو ويندو آهي. (1)

شاعر ليکڪ هڪ طرح سان پنهنجن معاشرتي فڪر ۾ سندن دل جي دنيا ۽ شوق فن جا تخليق ڪار بہ هوندا آهن ۽ محنتي هاري بہ هوندا آهن، تخليقڪار خالي ڪينواس تي جذبات جا رنگ پري تصويرن سان راند ڪندي وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ويندا آهن، تہ هاري يا زمين ڪيڙائو ٻڻجي بنجر زمين تي ٻج ڇٽي هڏئون هڻي انسان ذات کي اناج جي نعمت سان مالا مال ڪندا آهن. شاعر وري هڪ اهڙو جادوگر آهي، جنهن ۾ فڪر ۽ شعور جا نوان نوان طريقا ايندا آهن، ادراڪي عمل سان ماحول مان فائدو وٺندي استعاراتي هنرن ذريعي دل جي اڏمن کي سماج آڏو آڻي انهن جي خيالن کي سگهہ بخشيندو آهي "مرزا قليچ" پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي

طبعت جي لاڙي مان اثر وٺندي وڏيون وڏيون آزمود ڳالهيون چيون آهن. هن ڪنهن جي بہ ريس ڪرڻ يا ان جهڙو ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي، جهڙيون سندس نثري تحريرون آهن، اهڙيون ئي سندس شاعريءَ ۾ رنگينيون نظر اچن ٿيون. نثر ۾ مرجز بہ گهٽو لکيو اٿس لالا رخ کي نثر مان شاعريءَ ۾ ترجمو ڪرڻ بہ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. بس شوق جو ملهہ نہ هوندو آهي. (2)

مرزا قليچ پنهنجي محبت ۾ حسن کي پاڪائيءَ ڏانهن تشبيهہ ڏني آهي ۽ پاڪدامنيءَ جو مثال عشق ۾ ڏنو آهي.

هڪ نوجوان جي عشق جو ذڪر آهي جيڪو بخارا جو هو ان جي علائقي جي هيرن سان تشبيهہ هئي ۽ ان جي علائقي ۾ پکين جي عُقابن سان، ڍنڍ جي وهڪري جي تعريف ۽ ڪارن جبلن جو ذڪر جيڪي تمام قديم هُئا. ۽ ان کان پوءِ ان جي تعليم ۽ نندپڻ جي وابستگي بہ ان شهر سان هئي جتان جا نظارا مرزا ايئن بيان ڪيا آهن جيئن پاڻ اتي اکين سان ڏسندو هجي ۽ قديم رهواسي هجي.

مرزا قليچ شاعريءَ جا مختلف نمونا مختلف ٻولين مان ترجما ڪري ان کي سهٽي ۽ سادي زبان ۾ پنهنجي خيالن جو روپ ڏئي سنڌيءَ ۾ اسان تائين پهچايو آهي، هڪ پراڻي طرز واري عمارت کي نئين سر تعمير ڪرڻ ۽ ان جي پراڻي اسلوب کي برقرار رکڻ تہ جيئن ڪا شيءِ نہ ڊهي ۽ ان ۾ نئين طرز تعمير جو اضافو بہ ٿئي. اهو ڪم ڏاڍو ڏُکيو آهي، جنهن ۾ ڪو ماهر انجنيئر ۽ آر ڪيٽيڪٽ بہ ڊچي ڊچي هٿ وجهندو مرزا قليچ پنهنجي لالا رخ (سنڌي مجموعہ شعر ۾) جيڪو انگريزي نج ادب مان ورتل آهي "اصل ڪتاب ٿامس مور انگريزي شاعر جو آهي، جيڪو 1779ع ۾ ڊبلن ۾ ڄائو هو. 1852ع ۾ وفات ڪري ويو. هن پنهنجي ڪتاب ۾ پنج ننڍا مشرقي قصا بيان ڪيا آهن. قصو مُکيہ هڪ آهي ۽ ان ۾ چار ٻيا بہ قصا شامل آهن." (3)

**حقيقي ۽ سچي راهہ:**

پنهنجي ابتدائي سبق کي ياد ڪندي مرزا چوي ٿو تہ محبوب جي محبت سندس مرضيءَ موجب آهي تہ بهتر آهي ۽ ان تي خوشي جنت وانگر پائنجي، جي ملي عتاب ۽ ڪاوڙ تہ اهو بہ محبوب جو ڪرم آهي جنگ ۽ محبت ۾ سڀ جائز واري ڳالهہ تي مرزا قليچ چوي ٿو تہ ان کي جنگ جي کهڙي خبر جيڪو صلح مان نہ ڄاڻي ان کي رسڻ جي کهڙي ڄاڻ جيڪو

پرچائڻ نہ ڄاڻي. اوندهہ ۽ روشنيءَ جي اهميت جو ڪيئن احساس ٿيندو، جيستائين سج جا پاچا نہ لڙندا ۽ چڙهندا ! ڄاڻ وارو ئي اڻ ڄاڻائيءَ مان واقف ٿيندو جاهل کي ڪهڙي عالم جي خبر؟ عشق هڪ وڏو فلسفو آهي جيستائين هستي مٽجندي نہ تہ بقا جي خبر نہ پوندي ۽ بقا کان پوءِ مٽجڻ وارو احساس معلوم ٿيندو. اي قليچ صرف اهو ئي حساب ڪتاب گهري ٿو، جيڪو اهي نشانيون نہ ٿو ڄاڻي اهو ڪُجهہ بہ نہ ٿو ڄاڻي هنن شعرن ۾ غزل ۾ مرزا مجازي عشق جي آتش کي حقيقي ۽ سچي راهہ ڏي ڪٽي ويو آهي جيڪو سندس صوفياڻي مزاج جو پتو ڏئي ٿو.

اي حڪيم! آهيون ٻئي حق تي، تون ٻُڌ سوال ۽ جواب
توکي سيرت، مون کي صورت تي وٽي، ٿيا ٻئي ثواب.
پيهي موتين کي ڪرين ياقُوتي ۽ معجون ٿُون،
۽ گُلن مان پڻ ڪڍين تو نِتُ چڪائي تون گلاب
.آهيان عاشق حُسن تي آءٌ، رنگ تي ۽ بُوءِ تي،
تون اَندر جي گُڻ ۽ خاصيت تي عاشق ٿئين جناب!
چَتُ ڪرين محبوب کي تون، تڏهين مَسَ ماڻين مراد،
آءٌ ڏسي سالم تني کي، خوش سدا ٿيان بيحساب.
سِڳَ جي لذت مون کي ويرا وير وَڌ ٿي منجهہ فراق،
گُم ٿِي محبت ٿُنهنجي، گرچہ وَصل کان ٿئين ڪامياب.
سچ آهي، جيڪي فراقان، سو وصالان ڪين ٿئي،
ڏِسُ! حقيقيءَ کان مجازي ٿئي مقدم ٿو شتاب
فرق ڪيڏو عشق ۾ ٿيو تنهنجي ۽ منهنجي اَدا!
آءٌ مران محبوب لاءِ، تون مارين اُن کي، ڏئي عذاب.
جي اَجا پڻ ڪِين سمجهين، تہ گهري معافي "قليچ"
وَڌِ چوان توکي نہ ڪي، تون پڻ نہ ڏي مُون کي عتاب.(4)

جنت ڏانهن حسين سفر دنيا جي خاردار وادين مان گذري پوءِ حاصل ٿئي ٿو. جنهن انسان کي پنهنجي اڄ جي خبر نہ آهي، اهو سياڻي جي چا رکندو، جيستائين علم جي وصفن جي ڄاڻ نہ ايندي تيستائين عشق جو حساب سمجهہ ۾ نہ ايندو. "ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" لکي ٿو تہ مرزا قليچ بيگ باڪمال شاعرن مان آهي جن جو مشرب صوفيانہ ۽ مسلڪ فلسفيانو آهي پنهنجي اعليٰ مذاق، سخن جي باعث سنڌ ۾ بلند مرتبو رکي ٿو، هن جو ڪلام قديم ۽ جديد تخليقات جو آئينو آهي. غور

ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ مرزا صاحب جي شاعري پراڻي ۽ نئين طرز جو وچ آهي نہ صفا ڏوهيڙي جو رنگ رکي ٿي، نہ صفا فارسي آميز آهي، اهو ئي سبب آهي جو سادگي رکي ٿي.“(5)

”مرزا قليچ بيگ ڪي ئي سنڌي نظم جو باني سڏي سگهجي ٿو. جنهن غزل رباعي ۽ مثنويءَ سان گڏ انگريزي نظم (Verse) جا ڪُجهہ منظوم سنڌي ترجما ڏيئي سنڌيءَ نظم جي گهاڙيٽي کي متعارف ڪرايو.(6)

مرزا قليچ پنهنجي شعري مجموعي سودائي خام ۾ ڪافيون چيون آهن جيڪي شاهہ جي رسالي ۾ شامل سر سورٺ ۽ سر مارئي جي تتبع تي آهن. مرزا قليچ رندانہ شاعري ڪئي آهي، ساڻس گڏ چوڪرا هوندا هُئا ۽ تمام سهڻي سر ۾ ڳائيندا هُئا اڄ بہ ڳوٺن ۾ اهي ڪافيون مشهور آهن.(7)

فراق ۽ وصال واري شاعري: عشق هڪ لطيف ۽ حساس موضوع آهي جنهن سان ڪو ڪو شاعر انصاف ڪري ٿو. مرزا قليچ پنهنجي شاعريءَ ۾ ارد گرد جي ماحول جي حسناڪين ۽ انهن لطيف احساسَن کي قدرت جي نظارن وانگر اندر ۾ سمويو آهي ۽ اندروني احساساتي، سنائين ۽ ٻين ڪيترين ئي مشاهدي ۾ ايندڙ حالتن جي نظر ڪشي ڪئي آهي، شاعر هميشہ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ حواسن وسيلي داخلي يا خارجي ماحول مان ونندڙ سوچين کي پنهنجي خدائي ڏات مان فائدو وٺندي تمام سهڻي نموني منظر نگاري ڪندو آهي پنهنجي لفظن سان. پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي ايئن محسوس ٿيندو آهي جهڙو هنن تي گذري هجي ۽ اکين ڏٺو مشاهدو هجي. مرزا قليچ پنهنجي شانائتي پهلوءَ سان دوست جي ياد ، ميلاپ ۽ احساسن کي بيان ڪيو آهي جنهن ۾ اصطلاح بہ آهن. مرزا قليچ بيگ جون رباعيون خالص اخلاقي ۽ ناصحانہ آهن. موتين جي دٻلي مرزا قليچ جي رباعين جو مجموعو آهي، مرزا قليچ جنهن زماني ۾ رباعيون چيون اهو فارسي شاعريءَ جي عروج وارو زمانو هو. جنهن ۾ عمر خيام جهڙا رباعيءَ جا ماهر شاعر هُئا. ”چندن هار، ۾ عنوانيہ قطعا ۽ مثنويون آهن، سي سڀ مفيد ۽ نصيحت آموز آهن. هن قطعي ۾ عشق جي باري ۾ ڏسو. عشق شهباز وانگر آسمان تي پرواز ڪري ٿو ۽ ان کي معرفت ۽ علم عطا ٿئي ٿو.“ قليچ کي قدرت وٽان حڪيمانہ ۽ نڪتہ رس دماغ ۽ دل عطا ٿيل هئي، جنهن ڪري معمولي ۽ پيش پا افتاده خيالن کي ڇڏي، هو عميق جذبات تائين آسانيءَ سان رسائي حاصل ڪري سگهيو آهي.(8)

مرزا کي جڏهن بہ ڪا دنيا جي لذت يا ڪيفيت جو تذڪرو ڪرڻو ٿئي ٿو تہ اتي عقل تي ڏاڍو زور ڏنو اٿس يعني دانائي ديوانگي تہ پسند اٿس پر بي خودي ۽ هال ڪال وڃائڻ کي پسند نہ ٿو ڪري، يعني هر هنڌ الله کي ان جي قانون کي ۽ پنهنجي عزت کي مقدم رکي ٿو، شاعر معنيٰ عشق جو ڪريل يا ڏڪ ڪاڏل ڏڪيل مرزا قليچ عشق حقيقيءَ جي لذت ورتي آهي، ان لاءِ سندس فڪر ۾ مجازي عشق وڃي ئي حق ڏانهن ٿو، ايئن ڪٿي چئجي تہ سندس سڄي شاعري تصوف ڏانهن تي وڃي. (9)

ڪافيءَ جو سرور چوڪرن جو درديلو آواز ۽ مرزا قليچ جي شاعريءَ پٻ (واري جبل) تي جنگل ۾ منگل لاتا هوندا. سچن سالڪن وانگر پنهنجي اندروني چاهت واري آڙاهہ تي مرزا جو سندس بهترين ۽ انوکو انداز آهي. هوش کي فراق ۽ جدائيءَ ۾ ڪونہ وڃايو اٿس، پر زهن جا پردا کولي چڏيا اٿس، جبل ۾ اوليا، جي رس ميلاپ ۾ چرند پرند، حيوان جي ايڪي کي ڳائيندي قدرت جي جلوه بياني ڪئي اٿس ۽ احساسات ۾ چوي ٿو اي قليچ پاڳ وارو آهين جبل تي توکي رب جنت جا سير ڪرايا آهن لاهوت جي ڪئين ڪلوميٽرن جي اوچائي جتي رسڻ سان ايئن لڳي جڻ تہ رب جي ويجهو اچي وياسين ۽ ان وقت جون سفر جون مشڪل اوٽايون تنگيون. سچ پچ هڪ صوفي صفت انسان دنيا جي ڪنهن بہ انقلاب کي دل تي نہ ڪٽندو آهي، سودائي خام ۾ مرزا قليچ جي ڏنل "ڪافي" سُر آسا پنهنجي وقت جي مقبول آهي. مرزا قليچ جا بہ اعلي تعليم يافتہ پائر لاڳيتا نوجوان فوت ٿي. هڪ ٻئي پويان نمونيا جي بخار وگهي وفات پائي ويا جن جي شادي بہ ڪانہ ٿيل هُئي مرزا قليچ کي اهو صدمو بہ مليو، جيڪي اڏما هن ڪافيءَ ۾ مرزا قليچ بيان ڪيا آهن.ان بعد مرزا قليچ جي زندگيءَ ۾ سندس اهليہ جو غم آيو.

"1888ع ۾ مرزا قليچ پهرين شادي ڪئي جنهن سان مرزا صاحب جو بيحد قرب هو علم ۽ عقل جي اڪابر هُئي تهڙي فهم ۽ فضيلت ۾ بہ ميرزا نادر بيگ، ميرزا اختر بيگ ٻئي فرزند اُن گهر مان ٿيا پندرهن ورهين ڪان پوءِ 1903ع ۾ انهيءَ اهليہ جي وفات ڪري ميرزا صاحب کي سخت صدمو پهتو پارسي نظم بروقت تيار ڪري پٿر تي اڪرائي انهيءَ اهليہ جي تربت تي هٽايائين."(10)

مرزا قليچ پنهنجي پهرئين اهليہ جي مرڻ ۽ جدائي ۾ چيو، جيڪو مسافر محمد صديق مرزا قليچ جي حيات جي تفصيل 'قرب قليچ' واري ڪتاب ۾ ڏنو آهي.

ٿيو مرڻ بعد ٻـ منهن مهرجان روشن تنهنجو
حسن تنهنجو اهو ساڳيو، اهو جوڀن تنهنجو
ڏس وفا منهنجي مري توسان ملان اي محبوب
قبر تنهنجي ٿي وطن منهنجو ۽ مسڪن منهنجو
هاءِ تون منهنجي محبت ۾ مري وئين مننار
دوست دنيا ۾ جو هو، نيٺ ٿيو دشمن تنهنجو
ڏيان سزا پاڻ کي قربان ٿيان اڄ مان تو تئون،
ساهہ نذرانو ڏيئي من ڪريان درشن تنهنجو
پڻ مرڻ بعد ٻـ همسايو رهي توسان قليچ
بلبل آهي سو، لهي ات اچي گلشن تنهنجو.(11)

عشق اها لذت آهي جو دنيا سجائي ڇڏي ٿو. الله تعاليٰ پنهنجي محبوب محمد مصطفيٰ صہ جي خاطر دنيا کي هر نعمت سان سينگاري ڇڏيو. اهو هڪ اعليٰ ترين عشق جو روپ آهي، جنهن روپ ۾ ڪائنات جي هر عشق جو راز کلي ٿو، ان روپ ۾ زليخا جي يوسف سان شديد عشق جو روپ ٻـ ملي ٿو، عشق جا روپ انيڪ آهن.

عشق جو روپ: ”ويهين ۽ ايڪيهين صديءَ جي اديبن ۽ شاعرن، سنڌي ادب ۾ نواڻ ضروري آندي آهي سنڌي شاعريءَ ۾، سنڌ جي سدا حيات شاعر، لطيف سائينءَ کي سنڌي شاعريءَ ۾ سيني شاعرن جو هميشہ سرتاج مڃيو ويندو آهي. تيئن جديد سنڌي ادب ۾ نثر نويسيءَ ۾ مرزا قليچ بيگ مرحوم ئي سيني شاعرن نثر نويسن جو مهندار ۽ اڳواڻ آهي، مشهور جرمن عالم، نقاد، لطيف شناس ۽ سنڌالاجسٽ ڊاڪٽر ائنيمري شمل پنهنجي ڪتاب، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ مرزا صاحب مرحوم کي خراج تحسين پيش ڪندي لکي ٿي تہ: ”مرزا قليچ بيگ جي زندگي، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب کي ئي ارپيل هُئي... پنهنجي پڙهندڙن جي آڏو ڪوبہ موضوع ڇڏيو نہ جنهن تي سندس قلم نہ هليو هجي ڪيس جيڪو ٻـ سنو ڪتاب هٿ لڳو تنهن کي پنهنجي جهول ۾ وڌائين.“(12)

”مرزا قليچ پنهنجي پارسي ڪلام سوداءِ خام ۾ ٻن جلدن ۾ ننڍڙي وهيءَ کان پيريءَ تائين، عاشقانہ اخلاقي شعر صوفيانہ ڪلام ڏڪ سڪ، نظم ڏنا آهن سنڌي غزل ۽ سنڌي قصيده سئو کن آهن ۽ سمايل شعرن کي چئن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(1) پارسي (2) اردو (3) سنڌي (4) متفرقہ اشعار.“(3)

۾ مرزا قليچ ڪي پوءِ بہ پٽ ڏٺيءَ ۽ سچل سائينءَ واري عجز و انڪساري ۽ صوفياڻو وفا شناسي وارو ذهن آهي.

مرزا قليچ پنهنجي پيارن جي حالتن ڪي ڪڏهن دوست جي جدائي تہ ڪڏهن ڪنهن رشتيدار جي جدائيءَ ڪي مختلف ڪافين ۾ فراق ۽ وصال واري ڪيفيت ۾ لکيو آهي. جنهن ۾ سندس محبوب شاعر شاهہ سائين جي بيتن وارن ڪردارن سهڻي، سسئي ۽ مارئيءَ ڪي سامهون رکي ڪافيون ۽ بيت چيا آهن.

مرزا نصير مرزا قليچ واري زماني تي لکيو آهي تہ شعر ان زماني ۾ ٻن قسمن سان چيو ويندو هو، انهن مان هڪڙو اوائل واري نج سنڌي شعر جي طرز يا نموني تي يعني بيتن ۽ ڪافين ۾ ۽ اهو هو شاهہ لطيف جي تتبع يا پيرويءَ تي ۽ ٻيو پارسي شعر جي طرز تي يعني قصيدن مثنوين، غزلن وغيره ۾ اهو سيد ثابت علي شاهہ جي تتبع تي، انهن ٻنهي قسمن جي شعرن جا استاد، ان زماني ۾ اهي ئي بہ صاحب سمجهيا ويندا هُئا. يعني شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سيد ثابت علي شاهہ سيوهاڻي.(14)

**نتيجو:**

سنڌ جي جملي شاعرن، عوامي توڙي سياسي شاعرن تي وحدت الوجودي تصوف جو گهرو اثر رهيو آهي. سنڌ ۾ خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو فقط هڪ شاعر آهي، جيڪو وحدت الشهودي مڪتب سان لاڳاپو رکي ٿو، تڏهن بہ هن جي ڪلام مان وحدت الوجودي فڪر جو واس اچي ٿو. ان ريت مرزا قليچ بيگ جي ڪلام ۾ وحدت الوجودي تصوف وارو رنگ غالب آهي. هَر هر جڳهہ تي حسن واري تڪرار ڪي پسي ۽ ڏسي ٿو. ان ريت هن جي ڪلام جو گهڻو حصو تصوف جي رنگ ۾ رڱيل آهي. جنهن ۾ معرفت جي منزلت ۽ تصوف جي سلسلي جي گهڻن ئي اصطلاحن جي جاڻ ملي ٿي. ان ريت هُو هڪ وحدت الوجودي مڪتب جو شاعر آهي.

مرزا قليچ بيگ هڪ شاعر جي حيثيت ۾ صوفي هُئڻ سان گڏ جمالياتي شاعر بہ آهي، هن جي شاعريءَ ۾ حسن ۽ عشق جو ذڪر سمايل آهي. انهيءَ عشقيہ شاعري ۾ وصال ۽ فراق جون سموريون ڪيفيتون ۽ احساس چٽي نموني شامل آهن.

مرزا قليچ بيگ پنهنجي دور جي معروضي حالتن جي ڪري هڪ سماج سڌارڪ ۽ معاشري ۾ چڱايون برپا ڪرڻ وارو شاعر آهي. هن جي

اصلاحي شاعريءَ ۾ پنهنجي سماج جا گهڻائي پهلو شامل آهن. هو علم پرائڻ ڪان وني هنر مند ٿيڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. ان ريت هن جي اصلاحي شاعري خاص توڙي عام ماڻهو لاءِ اصلاح ڪندڙ ۽ سبق ڏيندڙ آهي.

مرزا قليچ بيگ جي شاعريءَ ۾ سندس عقيدي جي جهلڪ صاف ۽ چٽي نظر اچي ٿي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ واحد خدا جي ثناءَ سان گڏ رسول پاڪ ﷺ جن جي شان ۾ اعليٰ نعتون چيون آهن ان سان گڏوگڏ محمد و آلِ محمد جي شان ۾ غم ۾ نوحو، سلام، مرثيو، منقبت، مداح ۽ قصيدن جي پڻ طبع آزمائي ڪئي اٿس. مرزا قليچ جو اهو اعليٰ شاعريءَ وارو ذهني هنر آهي جڏهن رب سبحان جي ساراهه ڪندي، قدرت جي ذري ذري واري تخليق جي ثنا ڪئي اٿس، ڪا نعمت اهڙي نہ آهي جنهن جو ذڪر نہ ڪيو هجي اهو سندس قوت ادراڪ آهي ربُ جي رمز ۽ رضا ڪي سهڻي نموني بيان ڪرڻ هڪ اعليٰ دماغ شاعر ئي ڪري سگهي ٿو قدرت جي نظارن سان نعمتن جي بيان ساڻن موسمن جو بيان بہ سهڻي انداز ۾ آهي.

## حوالا:


1. مرزا، قليچ بيگ، جارجيا يا گرجستان، ڄامشورو: قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي، قليچ 2012ع، ص، 22
2. مرزا، قليچ بيگ،ديوان قليچ، ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1989ع، ص: 141، 80
3. مرزا، قليچ بيگ لالہ رخ. حيدرآباد، بلئو ٽسڪي پريس هندو آشرم1926ع ص: 1
4. مرزا قليچ بيگ، ديوان قليچ ، ص: 41، 42
5. قليچ تحقيقي جنرل، 2016ع، ص: 11
6. ساڳيو، ص: 12
7. مرزا اعجاز بيگ، سنڌي شاعريءَ ۾ قليچ جون خدمتون ۽ سندس نظم جي ڪتابن جو تعارف، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، آرٽس فيڪلٽي ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي. 2009ع، ص: 41
8. ساڳيو، ص: 83
9. مرازا همايون "حياتِ قليچ" حيدرآباد: مسلم ادبي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس سنڌ1937ع، ص: 37،38
10. مسافر محمد صديق، "قرب قليچ" حيدرآباد: مسلم ادبي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس سنڌ. 1936ع، ص: 32
11. ساڳيو، ص: 34
12. غلام علي الانا، سنڌي لسانيات جو هڪ اوائلي عالم، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽيڄامشورو2013ع، ص: 69
13. خان بهادر الحاج محمد صديق ميمڻ،'سنڌ جي ادبي تاريخ ،مهران اڪيڊمي واڳڻودر، شڪارپور 2003ع، ص: 492
14. نصير مرزا، سنڌي شاعري ۾ نون لاڙن جو ترجمان، مرزا قليچ بيگ، سهيڙيندڙ: تاج جويو ۽ امين لغاري، سنڌيبولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 1997ع، ص: 152

ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي

# نوابشاھ جي ادبي تاريخ جو مختصر تعارف(1947-1965ع)

## Brief Review of Literary History of Nawab Shah (1947-1965)


**Abstract:**

Among the historical districts of Sindh, Nawab Shah holds a unique position in academic and literary sense - the old cities of Nawab district are Moro, Naushero Feroze, Bhiria, Kandiaro, Halani, Behlani, Mehrabpur, Kotri Kabir, Khanwahan, Sakrand, Shahpur Chakar, Sanghar and Nawab Shah city has had a special literary status. The poets, writers, researchers, critics and great historians of this place have rendered many services in the field of literature. Writers here work day and night to promote the Sindhi language, to carry out their duties, they provide sincere guidance to the new writers, thanks to which they develop their creativity, which is It was highly appreciated by the literary circles.


نوابشاھ سنڌ جي نقشي تي ضلعي جي حيثيت ۾ سن 1912ع ۾ نمودار ٿيو. 17 فيبروري 1843ع ۾ سرچارلس نيپئر سنڌ کي فتح ڪري ان کي ٽن انتظامي يونٽن يا ضلعن ۾ تقسيم ڪيو، ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور پر هتان وڃڻ کان اڳ ۾ پوري سنڌ کي بمبئي جي ماتحت ڪري ڇڏيو ۽ سنڌ تي هڪ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو، جيڪو بمبئي جي ليفٽيننٽ گورنر جي سامهون جوابدار هو. انتظامي سهولتن جي لاءِ حيدرآباد جي جاءِ تي نوابشاھ کي ضلعي جو درجو ڏئي ڇڏيو. ڪنڊيارو، نوشهروفيروز، مورو، سڪرنڊ، نوابشاھ، شهداپور ۽ سنجهوري کي انهيءَ ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو. ٿي سب ڊويزنون بڻايون ويون. نوشهروفيروز، نواب شاھ ۽ شهداپور. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، سنڌ حڪومت پاران سن1954ع ۾ هڪ نئون ضلعو سانگهڙ کي ٺاهيو ويو ۽ شهداپور ۽ سنجهوري جا تعلقا نئين ضلعي ۾ شامل ڪيا ويا. 1989ع ۾ هڪ نئون ضلعو نوشهروفيروز ٺاهيو ويو ۽ نوابشاھ جا ٻه وڏيڪ تعلقا ان کان محروم ڪيا ويا يعنيٰ نوشهروفيروز ۽ ڪنڊيارو ۽ اڌ موري جو ٻه نئين ضلعي جو حصو قرار ڏنو ويو. هاڻي موجوده ضلعو نوابشاھ، دولتپور، سڪرنڊ، دوڙ ۽ نوابشاھ تعلقن تي مشتمل آهي(1)“. سيپٽمبر 2008ع ۾سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي

طرفان هڪ متفقہ طور قراداد منظور ڪرڻ کان پوءِ هڪ ساراهہ جوڳو قدم کڻندي هن ضلعي کي شهيد بينظير آباد جي نالي سان پاڪستان جي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو ڏانهن منسوب ڪيو ويو جو، هن وقت شهيد بينظير آباد ڊويزن جي نالي سان قائم آهي، جنهن ۾ ٽي ضلعا شامل ڪيل آهن. جيئن تہ، مذڪوره مقالي جي موضوع جو تعلق ضلعي نواب شاهہ جي ادبي تاريخ جو مختصر طور تعين ڪري پيش ڪرڻ آهي.

نواب شاهہ ضلعو:نواب شاهہ ضلعي جي ادبي تاريخ علمي، ادبي، ثقافتي تاريخي لحاظ کان وڏي حيثيت رکي ٿو. نواب شاهہ ضلعي جي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ يعني ارڙهن سالن جي عرصي کي موضوع جو تعين ڪري هتان جي مختلف عالمن، اديبن، شاعرن، محققن ۽ نقادن جي ادبي ڪم جو هڪ مختصر تعارف ۽ تحقيق هت پيش ڪئي وئي آهي. مذڪوره ضلعي ۾ جيڪي علمي ۽ ادبي سرگرميون رهيون آهن تن ۾ ادبي تاريخ جا رخ روشن نظر اچن ٿا.جن شخصيتن نواب شاه ضلعي ۾ ادبي جوت جلائي تن ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، عبدالرحمان ’انجم‘ هالائي، مخدوم امير احمد، مولانا محمد هاشم انصاري، مولانا محمد علي جمالي، مولوي ثنااللہ ’بدر‘، ايچ. ايم. خواجہ، پرسرام ’ضيا‘، بردو سنڌي، سيد حسن علي شاهہ ’نياز‘، ضيا خياروي، قاضي عبدالوهاب ’عزيز‘، قاضي محمد علي ’اختر‘ مورائي، سيد پناه علي شاهہ، سيد سعيد علي شاهہ ’خادم‘، حڪيم صوفي لعل بخش ڪانڊڙو، حافظ علي مراد زرداري، مولوي حاجي عبدالرحيم لغاري، ميان شفيع محمد ٻگهيو، سيد عابد علي شاهہ، پروفيسر هاسانند جادوگر، مولوي نوراللہ هيسباڻي، قاضي محمد يعقوب ’صابر‘ قريشي، قاضي عبدالحي ’جهانگي‘، گوبند مالهي، ليلارام ڏيونداس رچنداڻي، ماسٽر چندر، ويسومل جيوترام مٽاڻي، حاجي عبداللہ ’واقف‘ قاضي عبدالرحمان، ديوان لوڪومل، حافظ غلام قادر ’صدائي‘، مولانا احمد چارڻ، مولوي فيض عبدالڪريم، ديوان چرنداس ٽاڪرداس گرسهاڻي، حشمتراءِ ڪيولراماڻي، ديوان منوهرداس ڪوڙومل، قاضي فيض محمد، بصرالدين سومرو، عبدالرزاق ميمڻ، فقير احمد خان هيسباڻي، عبداللہ سومرو، قاضي غلام علي، سومرخان ياٽي ’ثناگر‘، پروفيسر غلام حسين جلباڻي، نورمحمد ’نور‘ عباسي، حڪيم غلام محمد سومرو ’عرشي‘ وغيره جو ذڪر ملي ٿو جن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن، سرگرمين ۽ شعرن ڪيترن ئي نوجوانن جي ذهني آبياري ڪئي، جنهن جي بدولت ضلعي نواب شاهہ مان ڪيترائي گوشانرووار ٿي پيا جن جي ادبي سرگرمين جي

سلسلن مٿان سلسلا ڳنڍيا جنهنڪري نواب شاهه ضلعي جو ادبي ماحول خوب گرمندو رهيو. سڪيو خان چنو جنهن جي بهترين نثر نويسيءَ مثالي آهي. ميان عزيزالله ٻگهيو جيڪو سنڌي ادبي تاريخ جو ڄاڻو ۽ ڪيترن ئي صنفن تي دسترس رکندڙ هو. قاضي محمد 'اختر' مورائي، موري هاءِ اسڪول ۾ استاد هو ۽ سنڌي زبان ۽ ادب سان خاص انس رکندڙ هو. سندس سموري حياتي علم ادب جي خدمت ڪندي گذري. پاڻ ڪجهه افسانا بہ لکيا اٿس جيڪي ماهوار رسالي "فردوس" ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. سيد پناهه علي شاهه بہ هڪ وڏو تعليمي ماهر ۽ ناٽڪ نويس ٿي گذريو آهي.

نواب شاهه ضلعي جي ٻين شاعرن ۽ اديبن جن پاڻ موڪيو تن ۾ ڊاڪٽر غلام حيدربرڙو، بردو سنڌي، قمرشهباز، غلام رباني آگرو، حميد سنڌي، منظور قريشي، گل محمد چنا، عبدالحڪيم 'ارشد' نجم عباسي، ڊاڪٽرقريشي حامد علي 'خانائي' خانزاده سميع نوشهروي ۽ ٻيا ڪيترائي اديب، شاعر، محقق ۽ نقاد جن ضلعي نواب شاهه جي علمادب جي خدمت ڪئي. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ عبدالرحمان 'انجم' هالائي ۽ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جو نوجوان نسل ڪي ذهني تربيت ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي. عبدالرحمان "انجم هالائي" پاڻ هالن مان ماهوار "فردوس" ڪڍندو هو. ڪجهه وقت نواب شاهه ۾ اچي رهيو، هتي "بزم رهنما" ان طرفان هڪ وڏو مشاعرو ڪرايائين، جنهن جي صدارت مخدوم طالب الموليٰ ڪئي هئي. انهن مشاعرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا نوجوان اديب ۽ شاعر اچي گڏ ٿيندا هئا جن ۾، قريشي حامد علي "خادم"، محمد عمر راڄپر، گل محمد چنا ۽ قمر شهباز وغيره جن پنهنجا نوان نڪور خيال ڪٺي شعرن ۽ ڪهاڻين جي صورت ۾ پڙهي خوب داد حاصل ڪيو قريشي حامد علي خانائي پنهنجي انٽرويو ۾ چوي ٿو تہ: سن 1955ع ۾ باقاعدي سنڌي ادب ۾ قدم رکيو. سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه جو پهريون اجلاس "لطيف هال" ۾ قاضي فيض محمد مرحوم جي صدارت ۾ ٿيو. جنهن ۾ "معصوم" هالائي نهايت سرگرم هو. جو سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه جو پهريون سيڪريٽري هو. اُن ڪان پوءِ گل محمد چنا ۽ بعد ۾ منظور حسين قريشي سيڪريٽري ٿيو. جيڪا پڇاڙيءَ تائين انهيءَ عهدي تي رهيو. دراصل سنڌي ادبي سنگت جو پليٽ فارم ئي هو. جنهن مون کي سنڌي ادب سان تمام گهڻو روشناس ڪرايو." ايئن سمجهجي تہ سموري نواب شاهه ضلعي جي ادبي سرواڻي نواب شاهه شهر ڪري رهيو هو.

**نواب شاھ شھر ۾ ادب جي آبياري ڪندڙ شخصيتون:**

نواب شاھ ضلعي ۾ جن علمي ۽ ادبي شخصيتن نئين نسل جي هڪ کيپ تيار تن جو وري هڪ پيرو ذڪر ڪرڻ لازم سمجهيو وڃي ٿوجن پنهنجي قابليت سان نئين نسل کي تيار ڪيو تن ۾، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، عبدالرحمان ’انجم‘ هالائي، ضيا نوابشاهي، قاضي فيض محمد ۽ ايچ. ايم. کوکا ۽ ٻين شاعرن، اديبن ۽ سماجي ڪارڪنن سنڌي ادب جي ميدان کي نوجوانن اديب، شاعر، محقق ۽ نقاد تيار ڪري ڏنا، انهن نوجوانن ۾: نجم عباسي (18 آڪٽوبر 1927_25 آڪٽوبر 19995ع)، محمد رمضان المعروف بردو سنڌي (15_ مارچ 1922_26 _ آڪٽوبر 1988ع)، ڊاڪٽر قريشي حامد علي ’خانائي‘ (6_ جنوري 1934_15 _ مارچ 2010ع)، قاضي محمد عالم المعروف ’معصوم‘ هالائي (8_ مارچ 1935_21_ جولاءِ 1991ع)، گل محمد چنا (3_اپريل 1937_26 _ جنوري 2003ع)، قمر شهباز ٻگهيو 13_ اپريل 1938_5 مئي 2009ع) محمد عمر راڄپر ۽ نظر سنڌي جن جي خدمتن کي فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي. مذڪوره نوجوانن 1947ع کان اڳ ۽ پوءِ نواب ضلعي جو ادبي حوالي سان نالو روشن ڪيو. مذڪوره نوجوانن ڪڏهن بہ سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ عيب نہ سمجهيو ۽ تخليق ۽ تحقيق واري حق ادا ڪرڻ ۾ پنهنجا علمي جوهر ڏيکاريا. حاصل مطلب تہ، نواب شاھ ضلعي ۾، تمام گهڻا شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ صاحب ڪتاب رهيا جن جو تعداد تمام گهڻو آهي. جيڪڏهن مذڪوره مقالي ۾ هڪ هڪ جو ذڪر ڪجي معاملو طويل ٿي ويندو، هن مقالي ۾ گنجائش ڪونهي. تنهنڪري مخصوص شاعرن، اديبن ۽ عالمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سن 1947ع کان نوجوان شاعرن ۽ اديبن کي جيڪي موقعا مليا تن پنهنجي قوھ جواني ۾، کي نئدا نئدا مضمون، ڪهاڻين/ افسانن ۽ شاعريءَ کان ابتدا ڪئي ۽ اڳتي هلي ادبي ميدان ۾ پاڻ مڃرايو. غالباً سن 1960ع ۾، سنگت پبليڪيشن نواب پاران بردي سنڌي جو شاعريءَ جو ڪتاب شايع ڪرايو جيڪو هڪ شاعر لاءِ فخر جو سبب هو. ساڳئي سال ۾، هڪ ٻيو نوجوان شاعر ۽ مضمون نگار هڪ محقق جي حيثيت سان ادبي دنيا تي نروار ٿيو، سندس پهريون مقالو ماهوار ”نئين زندگي“ ۾،’منصوره‘ جي عنوان سان شايع ٿيو جنهن کي سنڌ جي ادبي حلقن ۾ تمام گهڻو ساراهيو ويو، سنڌ جي نامياري عالم پير حسام الدين راشدي سندس ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. اهڙي طرح نامياري ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مترجم نجم عباسي نواب ضلعي جي علمي ۽ ادبي سرگرمين کان

طالب علمي جي زماني کان پڻ متاثر ٿيو ۽ 1947ع ۾ هڪ ڪهاڻي لکي ۽ اهڙي طرح ادبي دنيا تي 1960ع کان وڌيڪ چمڪڻ لڳو. سن 1960ع ۾ قمر شهباز ٻاويهن سالن جي عمر جو نوجوان هو جو علمي ۽ ادبي دنيا ۾ سندس نالو روشن ٿيڻ لڳو. اهڙي طرح معصوم هالائي پڻ نواب شاهه ۾ ادبي حوالي سان وڏو نالو پيدا ڪيو سن 1960ع ۾ سندس عمر چوويهه سال هئي، جو سندس نالو ادبي دنيا تي وڄڻ لڳو. تهڙيءَ طرح گل محمد چنا جو نالو ادبي تخليق ڪرڻ وارن نوجوانن ۾، نالو روشن نظر اچڻ لڳو.

**محمد بخش 'واصف' (1892 _ 1952ع):**

محمد بخش ولد محمد عثمان لوهار ڳوٺ لاڪاٽ تعلقي سڪرنڊ ۾ پيدا ٿيو. ڪن روايتن موجب تعلقي دولتپور صفحن ۾ ڄائو.... مولانا غلام محمد گرامي، واصف جي مجموعي قابليت، اپياس ۽ شعر جي جذبي بابت راءِ ڏئي ٿو ته: فخرالشعراءِ سنڌ، محمد بخش واصف صاحب هڪ جامع الفنون ۽ جامع الڪمالات اديب هو. هو اسلامي ۽ علوم ۽ ديني فنون جو ڄاڻو هو. هو تاريخ سير، رجال جو محقق هو. هڪ زبا دان به هو. تصوف، ويدانت، مجوسي، فلسفي جو ڪافي مطالعو هوس. سنڌي، اردو، عربي، فارسي، هندي، سنسڪرت ۽ انگريزي زبانون ڄاڻندو هو. هڪ مشتاق ۽ استاد شاعر به هو."(2)، محمد بخش واصف بحيثيت شاعر، نثر نويس ۽ مترجم جي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ نمايان مقام حاصل ڪيو آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "ديوان واصف" پهريون دفعو 1922ع ۾ لٿو ۾ ڇپيو ۽ انهيءَ کان پوءِ ٻيو دفعو سن 1955ع ۾ شايع ٿيو.

**پرسرام 'ضيا' (1911 _ 1958ع):**

پرسرام اصل ٺٽي آدم جو هو، پوءِ لڏي نوابشاهه هليو ويو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪو وقت رهيو. گهڻي تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. ... ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ نوابشاهه هليو آيو هو. هو مراد علي ڪاظم جو شاگرد ٿيو. 1943ع ۾ پرسرام ضيا جو پهريون مجموعو"تصوير احساس" شايع ٿيو."(3)، پرسرام ضيا هوندئن ته سنڌي ادب لاءِ تمام گهڻيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، ليڪن سندس غزل ۾ خاص مقاقم رکي ٿو. خصوصاً پاڻ نثر ۾ طنز ۽ مزاحيه ۽ ڪلام ۾ ٻين تخلصن سان به لکندو رهيو.

**بردوسنڌي (1922 _ 1988):**

بردو سنڌي، سنڌي زبان جو برجستو ۽ جوشيلو شاعر هو. ڊاڪٽر ادل سومرو، رشيد ڀٽيءَ جي حوالي سان لکي ٿو ته: "نوابشاهه ۾ بردي سنڌي، نور عباسي ۽ قاضي فيظ محمد سنگت جو بنياد وڌو انهيءَ

شروعاتي يعني 1956ع جي دور ۾ بهتر ڪارڪردگي سبب هي اهم شاخ ٻڌجي وئي ۽ اهم پروگرام ۽ مرڪزي ميڙ هتي ڪوٺايا ويا. 16 ڊسمبر 1956ع تي هڪڙو وڏو ميڙ ٿيو هو، جنهن ۾ معصوم هالائي نہ صرف سنگت نوابشاهہ جي سلسلي ۾ اڳيرو رهيو، پر سعيد آباد ۽ عمر ڪوٽ ۾ بہ سنگت جي شاخن کولرائڻ لاءِ ڪوشش ڪيون.” (4)

**نارائڻ شيام (1922 _ 1989ع):**

نارائڻ گوڪلداس ناگواڻي، ڳوٺ ڪاهي قاسم تعلقي نوشهري ۾ ڄائو. سندس والده جو نا جمنا ديوي هو. نارائڻ شيام ابتدائي نوشهري مان ورتي ۽ انگريزي لاءِ نواب شاهہ ويو. 1955ع ۾ ڊي. جي سنڌ ڪراچي مان بي. اي آنرس ڪيائين.... ڦوهہ جوانيءَ کان شعر جي دنيا ۾ پير پاتائين ۽ سنڌيءَ جي هڪ وڏي شاعرجهان ڇڏي ويو.... شيام، ڪبير ۽ غالب تي لکيل ٻن ڪتابن جي ترجمي کان سواءِ ماڪ ڦڙا (1953ع)، پنکڙيون (1955ع)، رنگ رتي لهر (1957ع)، روشن ڇانورو (1962ع)، ماڪ ڀنا رابيل (1964ع) ۽ ٻيا ڪتاب شايع ٿيل اٿس.” (5)

نارائڻ شيام کي نيُن ۽ پراڻين صنفن تي پوري پوري گرفت حاصل هئي، ڇاڪاڻ جو وٽس شاعريءَ جي قديم ۽ جديد علم جي مطالعي ۽ اڻ کٽ لفظن جي ذخيري ڪري سنڌيءَ جي نامر ڪنئي شاعر طور مڃتا ملي رهي هئي ۽ انهيءَ ۾ وڏي مقبوليت ماڻيائين. هت ڏجي ٿو:

”تنهنجي ڇهري تي نچن ڇڳون نزاڪتدار،
ننڍڙيون راتيون ڇيٺ جون، دل کي ڏين قرار.“ (6)

قريشي حامد علي ’خادم‘ (6 جنوري 1934 _ 15 مارچ 2010ع)

قريشي حامد علي ولد ميان محمد يعقوب ’صابر‘ قريشي ڀلاڙيءَ ۾ پيدا ٿيو، سندس اباڻو شهر خانواهڻ هو. سن 1955ع ۾ ادب ۾ پير پائيندي ’خادم‘ تخلص هيٺ شاعريءَ لکڻ سان شروعات ڪيائين تنهن کان پوءِ افسانا لکيائين اها شاعري ۽ افسانا ماهوار ’ادا‘ ۽ ’رهنما‘ رسالن ۾ شايع ٿيا. اهڙي طرح پهريون تحقيقي مقالو ماهوار ’نئين زندگي‘ مارچ 1961ع ۾ ”منصوره“ جي نالي سان شايع ٿيو. سن 1965ع تائين لڳ ڀڳ يارهن مضمون ۽ مقالا روزنامہ ’عبرت‘ روزنامہ ’مهراڻ‘ ۽ ’نئين زندگيءَ‘ ۾ شايع ٿيل آهن. قريشي حامد علي اهو سلسلو 2010ع يعني حياتيءَ جي آخري گهڙين تائين تحقيق ۽ تنقيد وارو ڪم خوبصورت نموني سان ڪري وڏي مڃتا ماڻيائين.

**نور محمد ’نور‘ عباسي ( 26 جون 1927 _ جولاءِ 1982ع):**

نورمحمد ولد حاجي محمد هاشم عباسي ساهتيءَ جي تاريخي شهر پرين ۾ ڄائو. هڪ پڙهيل ڪڙهيل انسان هو.” هن پنهنجي سموري حياتي پنهنجي قلم سان قوم جي انهيءَ مقدس امانت کي ايمانداريءَ ۽ ديانتداريءَ سان سنڀاليو. سماج براين کي ڪالم نويسيءَ ذريعي نشاندهي ڪري، ان جي اصلاح جون تجويزون ڏيندو هو. پاڻ افسانا نگاريءَ ۾ به هڪ منفرد حيثيت جو به مالڪ هو. سندس افسانن ۾ زندگيءَ جي حقيقتن جو رنگ پريل هو. نورعباسي سنڌي ادب جو سعادت حسن منٽو ۽ سنڌ جو ابن انشا هو. سندس افسانن جو مجموعو ”چمڙي جا واپاري “ سنڌي ادبي سنگت شاخ نوابشاهه ڇپرايو هو. پاڻ ورهين جا ورهيه سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري ٿي رهيو.“(7)، نور عباسي سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي جيڪا تاريخ ۾ هميشه ياد رکي ويندي. نواب شاهه ضلعي جي تاريخ ۾ ضلعي جي حدن ۾ ايندڙ سمورن شهرن ۾ ادبي جوت جلندي رهي. ٺارو شاهه به، انهن شهرن ۾ پوئتي نه رهيو. هتان جي قاضي غلام علي ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ هاءِ اسڪول ٺارو شاهه جو هيڊ ماستر رهيو. استادن ۽ شاگردن جي رهنمائي لاءِ سال 1958ع ۾ انگريزي مضمونن جو هڪ ڪتاب عنوان: ”SELECTED HIGH SCHOOL ESSAYS“ جي نالي سان ڇپرايائين. جيستائين هاءِ اسڪول ٺارو شاهه قائم آهي، قاضي صاحب جو نالو زنده رهندو. پاڻ ٺارو شاهه جي قبرستان جي هميشه واري مِٽيءَ ننڊ ۾ ابدي آرامي آهن.“ (8)

**گوبندمالهي (5 آگسٽ 1921 - 10 فيبروري 2001ع):**

گوبند مالهي، نواب شاهه ضلعي جي علمي ۽ ادبي شهر ٺارجو سونهري دماغ هو، جنهن پنهنجي ڌرتيءَ جو قرض ادبي صورت ۾ اهڙو ته، لاٿو جو سندس خدمتن کي سدائين ياد رکيو ويندو. گوبند مالهي گهڻ رخو اديب هو، هن جي سياست، ادب ۽ سماجي ڪمن ۾ وڏيون خدمتون آڏو اچن ٿيون. هڪ شاعر، ناٽڪ نويس، ناول نگار ۽ مترجم جي حيثيت ۾ نمايان طور نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر ادل سومرو لکي ٿو ته: ”هتان جي علمي، ادبي ۽ سياسي سرگرمين جو نهايت مکيه ڪردار رهيو آهي. هو واضح نموني ۾ اهو چئي ٿو ته، ترقي پسند ليکڪن جي موجودگيءَ ۾ به سنڌي ادبي سنگت جو ڏار بنياد، ان ڪري رکيو ويوهو ته، جيئن پيڙهي وچوٽيءَ جي فرق کي ختم ڪري، سيني سنڌي تخليقڪارن کي هڪ ماڳ تي گڏ ڪري اديبن کي تنظيمي طور طور مضبوط ڪيو وڃي. گوبند مالهي جيئن ته ورهاڱي کان

اڳ قائم ڪيل سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري چونڊيو ويو هو، تنهنڪري سنگت جي قيام بابت سندس بيان وڏي اهميت رکي ٿو.“ (09)، جيئن ته، گوبند مالهي جي علمي ادبي خدمتن ۽ سندس متحرڪ ڪردار کي ڪير به فراموش نه ٿو ڪري سگهي. ”سنڌي ادبي سنگت جو پهريون ڪنوينشن، آچر 7 آڪٽوبر 1956ع تي، سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ سڏايو ويو جنهن ۾ شاخن جي 33 عيوضين شرڪت ڪئي، انهن شاخن ۾ نواب شاهه ضلعي جي ٻن شهرن نواب شاهه مان معصوم هالائي ۽ بردو سنڌي ۽ موري جي شاخ مان محمد علي ’اختر‘ مورائي شرڪت ڪئي. ڪنوينشن جو پهريون اجلاس، سنڌ مدرسي جي ڪامن روم ۾ ٿيو، جنهن جي صدارت نامياري ڪهاڻيڪار ۽ مصور ع. ق شيخ ڪئي.“ (10)، آزاديءَ کان پوءِ نون سالن يعني 1956ع ۾ موري شهر ۾ علمي وادبي خدمتون عروج تي رهيون. سنڌي ادبي سنگت جو ئي پليٽ فارم هو جنهن تان محمد علي اختر مورائي جي نمائندگيءَ هيٺ اختر مورائي، جان محمد عطار، محمد هاشم ۽ محمد چنل سرهيو سنگت جي حلقه احباب کي وڌايو.

نواب شاهه جي ادبي تاريخ تي مختصر طور مذڪوره مقالي لکڻ جو بنيادي مقصد هي آهي ته، متعين ڪيل دور جي اديبن جي ڪيل پورهئي جو قدر ڪرڻ ۽ ان کي ظاهر ڪري قدردانن آڏو رکي اُن دور جي اديبن ۽ شاعرن جي ڪم ۽ پورهئي ڏانهن ڌيان ڇڪرائڻ جو مقصد هو، جن کي اسان جي محققن وسارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته، اسان پنهنجي عالمن، ادين ۽ شاعرن جي قلمي پورهئي ۽ ذهني صلاحيتن مان فائدو حاصل ڪري اخبارن، رسالن، ادبي تنظيمن جي پليٽ فارم تان سندن ڪمن جي پرچار ڪريون ته، جيئن اسان جو سرمايو بچندو رهي ۽ محفوظ ٿيندو رهي. هن وقت سنڌي زبان کي جيڪي اندروني مسئلا درپيش آهن انهن پيچيدگين کي اڃو اجرو ڪرڻ لاءِ هڪٻئي جي اصلاح ۽ بحث مباحثن جي ضرورت آهي. سنڌ جي اديبن ۾ رڳو هرڪم تي واه واه وارا لفظ عام آهن تن کي غورفڪر سان سمجهڻ ۽ انهيءَ تي اصلاحي رايا ڏيڻ ۽ هڪٻئي جي جائز تنقيد کي برداشت ڪرڻ ۽ حقيقت کي سمجهڻ جي ضرورت به آهي جا ايندڙ دور ۾ لاڳاپيتي ۽ هاڻوڪي دور لاءِ پڻ ڪارگر عمل آهي جو هن وقت اسان کان کونه ٿي رهيو آهي.

**نتيجو:**

مجموعي طور تحقيق مان جيڪو نتيجو آڏو آيو آهي ته ادب جو تعلق نوجوان نسل جي ذهني، فڪري ۽ تعليمي تربيت تي دارومدار رکي ٿو. جيستائين هر دور ۾ نوجوان اديب، شاعر، نقاد ۽ محقق پيدا نه ٿيندا، تيستائين ڪا به ٻولي ترقي ڪري پنهنجي منزل طرف روان دوان نه ٿي رهي سگهي. سنڌ جي نواب شاهه ضلعي جي ادبي سرگرمين مان معلوم ٿئي ٿو ته، سمورن سلسلن ۽ دورن ۾، سينيئر اديبن پنهنجي رهنمائي ۾ نئين کيپ تيار ڪندا رهيا آهن، جنهن جا مثبت نتيجا آڏو ايندا رهن ٿا. سنڌ جي شايع ٿيندڙ ادبي تاريخن، اخبارن، رسالن ۽ تحقيقي مقالن جي مطالعي مان جا ڳالهه آڏو آئي آهي ته، مذڪوره مقالي جي متعين ڪيل عرصي ۾ سنڌ جي ناميارن عالمن ۽ اديبن نواب شاهه ضلعي جي شهرن مان ڪيترائي نوجوان تيار ڪري ادبي ميدان ۾ آندا جن نواب شاهه ضلعي ۾ پنهنجن علمي صلاحيتن کي استعمال ڪري سموري سنڌ ۾ ادبي ميدان ۾ پاڻ مڃرايو آهي.

تحقيق جي موضوع ۾ متعين ڪيل دور جي مجموعي جائزي مان جيڪو نتيجو آڏو آيو آهي ته، نواب شاهه ضلعي جي اديبن سنڌ جي تاريخ ۽ ادب تي جهڙي نموني پنهنجي سچائي سان پنهنجي معاشري جي رهڻي ڪهڻي، ثقافتي قدرن جي نمائندگي ڪري پنهنجي تخليقن ۾ سنڌي معاشري جي عڪاسي ڪئي آهي سا قابل داد آهي. سنڌ جي هن خطي جي مذڪوره عرصي جي نوجوان اديبن شاعرن، محققن ۽ نقادن ۾:نجم عباسي، قمر شهباز، غلام رباني آگرو، حميد سنڌي، بردي سنڌي، ڊاڪٽر حامد علي خانائي، نظر سنڌي، گل محمد چنا ۽ حميد سنڌي وغيره وغيره جيڪي پنهنجي دور جي سينيئر اديبن ۽ استادن کان ادبي تربيت حاصل ڪري پاڻ مڃايائون تن جو مذڪوره مقالي ۾ جابجاءِ ذڪر ڪري متعين ڪيل دور کي نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مذڪوره اديبن جي قلمي پورهئي ۾ پڙهندڙن کي هراديب جو پورهيو پنهنجي پنهنجي انفراديت ۽ ڏاهپ سان ملندو. علمي، ادبي، تحقيقي، تنقيدي ۽ تخليقي مضمونن سان گڏ سندس عمل ۾ محنت، جذبو، فن ۽ فڪر جو لاڙو نظر اچي رهيو آهي. ادب جي سمورين خوبين ڪري ڪير به سندن قلمي پورهئي کي فراموش نه ٿو ڪري سگهي.

## حوالا:

1. انسائيڪلوپيديا پاڪستانيڪا، 2001ع، (پاڪستان تي پاڪستان جو پهريون انسائيڪلوپيڊيا الف-ب وار باتصوير)، الفيصل ناشر و تاجران ڪتب اردو بازار، لاهور، ص: 942
2. جوڻيجو، عبدالجبار، (ڊاڪٽر)، 2005 سنڌي ادب جي تاريخ _ جلد ٻيو: (ڇاپو پهريون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، ص: 423
3. ساڳيو، ص: 442
4. سومرو، ادل، 2019: _ سنڌي ادبي سنگت _ هڪ تحريڪ _ (ڇاپو پهريون)، ماءِ پبليڪيشن، سکر، ص: 145
5. جوڻيجو، عبدالجبار، (ڊاڪٽر)، 2005: _ سنڌي ادب جي تاريخ _ جلد ٻيو: (ڇاپو پهريون)، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، ص: 555
6. ساڳيو، ص: 556
7. قريشي، حامد علي، خانائي، (ڊاڪٽر)، 1987:_ نواب شاهه ضلعو، تاريخي شهر ۽ شخصيتون _ (ڇاپو پهريون)، نواب شاهه ڊسٽرڪٽ ڪلچرل سوسائٽي، نواب شاهه سنڌ، ص: 43
8. ساڳيو، ص: 72-73
9. سومرو، ادل، 2019: _ سنڌي ادبي سنگت _ هڪ تحريڪ _ (ڇاپو پهريون)، ماءِ پبليڪيشن، سکر، ص: 91
10. ساڳيو، ص: 102

مشتاق گبول

انور پرديسي

# حيدر بخش جتوئي جي نظمن جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو (1920ع کان 1950ع تائين)

# A Critical and Research Appraisal of the poems of Haider Bux Jatoi (from 1920 to 1950)


## Abstract:

Haider Bux Jatoi founded new traditions in modern Sindhi poetry with regards to thought and brought great deal of social and political influence in Sindhi poetry by highlighting social issues, political conditions and political events. He is indeed a revolutionary poet in its true sense. He lends topmost priority to revolution among his objectives. He fought and resisted like a revolutionary against every unlawful act. His poems stand on the firm foundations of love for Sindh and exhibit strong inclination towards resistance and revolution. Belonging to the communist school of thought, he was an ardent supporter of individual freedom but still the sole centre of his love was Sindh because of his cultural and civilizational association with it.

Along with kishanchand Bewas, Haider Bux Jatoi gave a new perspective to the nation and nationalism and through his modern Sindhi, he played an instrumental role in giving rise to strong feelings of love for the homeland and the oppressed. He revolted against the societal caste system and for the preservation of Sindh's distinct historical identity, its cultural heritage and individual freedom; he fought vigorously and valiantly through his poetry.


باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي ڪاليجي دور کان وٺي شاعريءَ ۾ پنهنجي سُڃاڻپ هڪ آدرشي ۽ انقلابي شاعر طور ڪرائي چُڪو هو .بعد ۾ هن سياست ۾ پير پاتو هو .هن جي پهرئين شعري مجموعي”تحفۂ سنڌ“ تي اُن دور جي حڪومت بندش وڌي هئي. ان ڪتاب ۾ اقبال جي ”شڪوه“ کان متاثر ٿي هن بہ شڪوه لکي هئي .جنهن تي ان دور جي مذهبي ماڻهن وڏو ممڻ مچايو هو.

حيدر بخش جتوئيَ جو ٻيو شعري مجموعو ”آزاديءِ قوم“ هڪ طويل نظم آهي. اهو نظم سنڌي ٻوليءَ جو پهريون طويل انقلابي نظم آهي. ان نظم ۾ آزاديءَ جو جذبو اُڀاريو ويو آهي. هن محسوس ڪري ورتو هو تہ انساني آزاديءَ کي جيڪا معنويت آهي، ان معنويت کي مٿائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. نظم ”آزاديءِ قوم“ ۾ انساني آزاديءَ جي مسخ ڪيل عنصرن کي بيان ڪيو ويو آهي. نظم جو بنياد سياسي، سماجي ۽

زندگيءَ جي حقيقتن تي ٻَڌل آهي. هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ کي هن نظم نئين سگهه بخشي. هن نظم ۾ انگريزن جي مڪر ۽ چالبازين تان پردو کنيو ويو آهي. تنهن ڪري ان دور ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جو ٻيو شعري مجموعو بہ بندش جي ور چڙهي ويو.

حيدر بخش جتوئي سياسي ميدان ۾ هاري تحريڪ سان جُڙيل رهيو، پر ورهاڱي کانپوءِ هُو قوم پرستي جي رنگ ۾ بہ رنگجي چُڪو هو. تنهن ڪري هُو هر تحريڪ ۾ قوم پرستن سان گڏ هوندو هو. هن جي شاعري، سنڌ خلاف ٿيندڙ نا انصافين تي احتجاج ۽ مزاحمت بڻجي وئي. تڏهن تہ محمد ابراهيم جويي لکيو هو تہ: "باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي هڪ اعلي درجي جو مفڪر (philosopher thinker) انقلابي (Revolutionary) جذبن ۽ قوتن کي اُڀاريندڙ (Agitator)،تحريڪن کي منظم ڪندڙ (Organizer) ۽ "سنڌ جي قومي وجود" ۽ هارين لاءِ جدوجهد جو سرواڻ ۽ انهن ٻنهي تحريڪن کي ڳنڍيندڙ پُل جو ڪم ڏيندڙ اڳواڻ هو."(1)

ويهين صديءَ جي ابتدائي دور ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ نوَن خيالن ۽ نوَن موضوعن ۾ انقلاب اچڻ شروع ٿيو. هڪ اهڙو انقلاب، جنهن ذريعي زندگيءَ کي ان جي اصل رنگن سان پيش ڪيو پئي ويو. سنڌ ۾ اهو دور سياسي، سماجي ۽ معاشي تبديلين جو دور هو. انهي دور ۾ انگريزي ادب جون جِتي نيون صنفون رائج ٿيون، اُتي انهن صنفن ذريعي رومانويت، ترقي پسند فڪر ۽ حقيقت نگاري جهڙا عنصر عوام جي سُجاڳيءَ جو سبب بڻيا. ان دور ۾ اجا اردو ادب ۽ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جي ابتدا نہ ٿي هئي، پر ترقي پسند فڪر ۽ حقيقت نگاري سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ والاري چُڪي هُئي. ان دور ۾ ئي ڪشنچند "بيوس" جي "شيرين شعر" (1929) ۽ حيدر بخش جتوئيءَ جي شعري مجموعي "تحفئہ سنڌ" (1931) جديد شاعري، ترقي پسند فڪر ۽ حقيقت نگاريءَ جو سنگِ ميل ثابت ٿيا.

جديد نظم جي تحريڪ ڪشنچند "بيوس" ۽ حيدر بخش جتوئي شروع ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ انهن شاعرن کانسواءِ ٻين شاعرن بہ اهڙي قسم جي شاعري ڪئي، جنهن ۾ فطرت جا ڪئين حسين رنگ، قوميت ۽ سنڌيت جو رنگ، غلامي خلاف نفرت، طبقاتي سماج خلاف ويڙهہ، مزدور، هاري ۽ پيڙهيل طبقي جي حمايت، مذهبي ايڪي جو درس، وطن جي وڻن گلن ٻوٽن، درياهہ، واهن، باغن سان محبت ۽ عقيدت ڀريا جذبا، سياسي سُجاڳي ۽ آزاديءَ جا احساس ۽ جذبا نکري نروار ٿي بيٺا آهن.

حيدربخش جتوئيءَ جي شآعريءَ جي اسلوب ۽ لهجي کي ڏسجي ته سندس اسلوب ۽ لهجو ان دور جي سنڌي شاعريءَ جي مجموعي اسلوب ۽ عشقيه لهجي جي بلڪل ابتڙ آهي. هُو هڪ انقلابي هو، هن جي انقلابي طبيعت، سوشلسٽ لاڙي ۽ عوام دوست رويي ذريعي سندس شعري اسلوب ۽ لهجو جُڙي راس ٿيو. تنهن ڪري حيدر بخش جتوئي وٽ عشقيه لهجو بنهه گهٽ ملي ٿو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ، ڪاليج واري دور ۾ ئي شعر لکڻ شروع ڪيو هو. هن شاعريءَ جي ابتدا نظم سان ڪئي. ان نظم جو عنوان ۽ موضوع، ان دور جي نظماڻي شاعريءَ کان بنهه مختلف آهي. اهو نظم "ڪاليجي ڪبوتر" جي عنوان سان 1924 ۾ "نئين دور" ۾ ڇپيو هو. ڪامريڊ اُن وقت ٽيويهه (23) سالن جو نوجوان هو.

"مبارڪ هجي سنڌ ڪاليج خوشتر،
شروع ٿيو نئون سال بافضل اڪبر،
ترقيءَ سان، رونق سان ۽ فيض سان پر،
مبارڪ مدرس ۽ طالب ۽ نوڪر،
مبارڪ اي منظر، مبارڪ ڪبوتر.

سلام اي ڪبوتر مبارڪ ۽ جاني،
اوهان جو وهڻ آهه سعادت نشاني،
ٿا پهرايو گنبذ کي ويس آسماني،
ٿا هُو هُو سان ڪيو هي مناجات خواني،
"رهي سنڌ ڪاليج سرسبز ۽ برتر.

"پلا پڙڪا آهن اوهان جا اي خوشرو،
ڇا چيرن جي چڻ چڻ ۽ ڪڻ ڪڻ ۽ چو چو،
ڇا ابتيون ۽ سبتيون ڏيو بازيون هرسُو!
بهاري اُتي آهه ڪيو ٿا جتي جو،
ٿا گجگوڙ بادل جان ڪيو ساڻ پر پر(2)".

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، شعر گوئيءَ جي ابتدا ۾ ئي پنهنجو لاڙو نظم ڏانهن رکيو. انهي نظم ۾ هڪ علمي اداري سان محبت ڏيکاري وئي آهي. موضوعاتي لحاظ کان ،ان وقت جي نظمياڻي شاعريءَ ۾ اهو نظم نئين رنگ جو هو. هن اُتندي ئي نظم ۾ موضوعاتي حوالي سان پنهنجي لاءِ هڪ الڳ رستي جي چُونڊ ڪئي هئي.

ورهاڱي کان اڳ ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جي شآعريءَ جا ٻه مجموعا ڇپيا. 1931 ۾ "تحفئہ سنڌ"، جنهن ۾ سندس ٻہ مشهور نظم "دريا شاھ" ۽ "شڪوه" شامل آهن. نظم جي ٻين قسمن ۾ قصيده ۽ مثنويون بہ شامل آهن.جن ۾ ترقي پسند فڪر سان گڏ انسان دوستيءَ جو عنصر ۽ صوفياڻو فڪر بہ ملي ٿو.

> "حيدر بخش جتوئيءَ جي شاعريءَ ترقي پسنديءَ جي صرف مارڪسوادي پهلوئن تائين محدود ناهي، بلڪ سندس ترقي پسنديءَ جو دائرو وسيع تي انسانيت پرستي ۽ صوفياڻي فڪر تائين ڦهلجي وڃي ٿو. جيئن (1) "همہ اوست" (2) "فاني زمانو"، "شڪوه"، "حڪايت"، وغيره شاعريءَ جا اهي نمونا آهن، جن ۾ هر زمان مڪان، وحدت ڪثرت،خدا ۽ بندي بابت فڪر موجود آهي."(3)

حيدر بخش جتوئي، قصيدي جهڙي روايتي صنف کي پڻ غير روايتي ٻڻائي نئين سوچ ۽ نئين فڪر سان هم آهنگ ٻڻائي لکيو آهي. هن جي قصيدي "يادگار مسوري" مان هيءَ مصرع ڏسو:

"عجب آهي هي تقسيم روزيءَ انسان،
سدا بهار ڪٿي، ڪٿ سدا خزان سمجهو." (4)

هن جي طويل نظمن مان "دريا شاھ" ۾ جيڪا نفاست ۽ نغمگي آهي، ان جو تہ ڪو جواب ئي ناهي.ان نظم ۾ هُو جذباتي، دلي، روحاني سطح تي دريا جي عشق جي انتها تي پهتل هڪ وطن پرست عاشق نظر اچي ٿو.

"تي راوي اچي تنهنجي ديدار تي،
۽ ستلج ۽ جهلم نمشڪار تي،
ٿين مست ٿيون تنهنجي للڪار تي،
ڪرن تنهنجي قدمن جي آذار تي،
ٿين تو تي قربان، فنا پنهنجي ڪن جان،
ڏين پاڻ پنهنجو، لهن فنا اندر آھ!
پلي آئين جي آئين دريا شاھ(5)"!

مٿين سٽن ۾ رُڳو جمالياتي رنگ وڪريل ناهن، پر نظم جي ان بند ۾ شاعر جي ذات، شاعر جي محبت ۽ عقيدت ۽ ان جو نقطئہ نظر نظر اچي پيو.

دريا جي آمد ۽ ان جي پنڌ پيچرن ۽ فطرتي سونهن کي شعري نزاڪت ۽ شاعراڻي گهرائيءَ ۾ لهي ڏنو آهي. تنهن ڪري نظم ۾ نزاڪت ۽ نفاست سان گڏ بي انتها شعري حُسن پيدا ٿي پيو آهي.

"خوشيءَ ۾ نہ ماپين ٿو اونهاري ۾،
پُڄي تنهنجو پاڪر ڪڇي ساري ۾(6) ".

"خوشيءَ ۾ نہ ماپڻ" جهڙي اصطلاح ڪي حيدر بخش جتوئي لساني، تمدني ۽ تهذيبي لحاظ کان ڪتب آندو آهي، ۽ ان اصطلاح ڪي لغتي معني مان ڪڍي، دريا ۾ پاڻيءَ جي چاڙهہ جي معني ۾ ڪتب آڻي، ان کي معنوي وسعت ڏني آهي.

"پلا بيڙي تنهنجي ڇُهي آسمان!
چڙهن مٿس حيدر مثل آس مان،
هي سچ نوح جي ڪشتي جي آ، سمان!
جنهين جي سڙهن آ ڇتيو آسمان،
پلا اوج تنهنجي ! پلا موج تنهنجي،
عجب تنهنجو چوليون، ڏين وهہ جون لوليون،
هي لوليون ٿين ٻوليون، ڪري نين ساهہ!
پلي آئين، جي آئين دريا شاهہ(7) "!

"دريا شاهہ" فني لحاظ کان"مثمن" جي هيئت ۾ هڪڙو حسين فني تجربو آهي .نظم جي هر بند جون شروعات واريون چار مصرعون پاڻ ۾ هم قافيہ آهن ۽ ستين ۽ اٺين مصرع پاڻ ۾ هم قافيہ آهن .ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنجين ۽ ڇهين مصرع ۾ اندروني قافيہ ڪتب آندا آهن ۽ اندروني قافين کان علاوه ڏسجي ٿہ نظم جي هر بند جي پنجين ۽ ڇهين مصرع جي اندروني قافين ذريعي مثمن جي نئين هيئت ۽ نئون گهاڙيٽو وجود ۾ اچي ويو آهي. پنجين ۽ ڇهين مصرع جي اندروني قافين کي ڇڏي ڏسجي ٿہ اصل ۾ پنجين ۽ ڇهين مصرع بي قافيہ هجڻ سبب نظم جي جيڪا نئين صورت نهي آهي. اها صورت، مثمن جي هيئت کان وڌيڪ حسين آهي، ۽ اها هيئت نظم جي رَوانيءَ جي گُهرج سبب ڪنهن بہ قسم شعوري ڪوشش کانسواءِ جوڙي وئي آهي .فني لحاظ کان ان نظم جي خوبصورتي، پنجين ۽ ڇهين مصرع جي اندروني قافين ذريعي ظاهر ٿئي ٿي. هڪ اهڙي دور ۾ جنهن ۾ سمورو زور "شعري فن" تي ئي ڏنو ويندو هو، اهڙي دور ۾ نظم ۾ ان قسم جو "هيئتي تجربو" نئين سنڌي نظم لاءِ هيئتي لحاظ کان نين فني راهن جو بُنياد محسوس ٿئي ٿو. اهو نظم، جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نہ صرف فڪري لحاظ کان، پر فني حوالي کان بہ نئين سنڌي نظم جي نئين ۽ ابتدائي شڪل آهي.

بيوس ڪانپوءِ صحيح معني ۾ اُن دور ۾ حيدر بخش جتوئي ئي جديد سنڌي نظم جو هڪ اهم ۽ پيش رُو شاعر هو. هن جي شآعريءَ جو گهڻو نظم تي مشتمل آهي. هن جي طويل نظم جو ڪتاب ”آزاديءَ قوم“ سنڌي طويل نظم جو هڪ اهم ڪتاب آهي، ۽ صحيح معني ۾ سنڌي طويل نظم جو پهريون اهم ڪتاب آهي. ڇو ته حيدر بخش جتوئيءَ جي انهي ڪتاب کان اڳ ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ طويل نظم جا ڪجهه ڪتاب ڇپجي چڪا هئا، پر اهي ڪتاب مذهبي شاعريءَ سان تعلق رکڻ سبب گُهربل توجه ۽ اهميت ماڻي نه سگهيا. انهن ڪتابن ۾ ڪشنچند ”بيوس“ جو ڪتاب ”گرو نانڪ جيون ڪٿا“، 1935 ۾ ڇپيو. ٻيو ڪتاب هري دلگير جو ”هرشچندر جيون ڪوتا“ آهي، جيڪو 1941 ۾ ڇپيو. اهي ٻئي ڪتاب مذهبي مواد سبب مقبوليت ماڻي نه سگهيا. ان جي بر عڪس حيدر بخش جتوئيءَ جو ڪتاب ”آزاديءَ قوم“ جي سنڌي نظم نگاريءَ ۾ وڏي اهميت آهي. اهو ڪتاب ان وقت ڇپيو، جڏهن انگريزن خلاف سنڌ ۽ هند ۾ آزاديءَ جي تحريڪ پوري سگهه سان جاري هئي. هندو مسلمان جهيڙن جو الڳ داستان هو. نندي ڪنڊ ۾ افراتفري ۽ پيچ ڊاهه جو ماحول هو. اهي سموريون سياسي ۽ سماجي حالتون حيدر بخش جتوئيءَ جي آڏو هيون، تنهن ڪري هن جي ذهن ۾ قوم جي آزاديءَ جو جيڪو تصور جُڙيو، اُن بابت هن جو چوڻ هو:

> ”اصطلاح ”آزاديءَ قوم“ يعني ”قوم جي آزادي“ مان مراد آهي، ملڪي، سياسي آزادي، انگريز شاهيءَ کان هندستان جي آزادي. آزاديءَ قوم معني اهو نظام جنهن ۾ هڪ انسان ٻئي انسان کي پئسي سان، لالچ سان، خوف سان يا دڙڪي سان خريد ڪري يا هيسائي نه سگهي، جنهن ۾ هر انسان پنهنجي محنت ۽ ڪمائيءَ جو مالڪ پاڻ هجي.جنهن ۾ هر انسان قدرت جي تمام نعمتن مان بهرور ٿي سگهي. ٻارن، ٻڍن ۽ ضعيفن لاءِ انتظاريءَ جو سبب نه هجي، جنهن ۾ انسان جي عزت ۽ آزاديءَ کي سڀ کان اعلي عمل سمجهيو وڃي.“(8)

اردو نظم ۾ اقبال وٽ مسلمان قوم جو جيڪو تصور ملي ٿو، اهو مذهب مان ڦُٽي نڪتو هو، جڏهن ته حيدر بخش جتوئيءَ وٽ قوم جو تصور

انسان جي خمير مان جُڙي راس ٿيو هو. تنهن ڪري هن وٽ لفظ قوم انساني معني ۾ آيو آهي.

"آزاديءَ قوم" ۾ حيدر بخش جتوئي ان دور جي انگريزن، هندن ۽ مسلمانن جي سوچ جي عڪاسي ڪئي آهي، ۽ تخاطب واري انداز ۾ پنهنجي سياسي ۽ سماجي فڪر جو درس مختلف مڪتبئہ فڪر جي ماڻهن کي ڏئي ٿو.هُو سياسي هاري تحريڪ سان سلهاڙيل هو. تنهن ڪري هُن هاري ۽ پورهيت جي عظمت کي نہ صرف ڳايو آهي، پر ان کي آزاديءَ جو احساس پڻ ڏياري آهي.

"سنڌ جا ساهہ ۽ سردار ۽ دلبر هاري،
تنهنجي احسان هيٺ آ بشر هر هاري،
تو ڪڍين مٽي منجهان موتي ۽ گوهر هاري،
ليڪن بيماري ۽ بک تنهنجو آ زيور هاري،
دُور توڪان نگهہ ناز آزاديءَ قوم.
پنهنجي طاقت تي ۽ حالت تي نظر ڪر هاري،
اڄ زمانو ۽ زمين تنهنجا اٿيئي، پر هاري،
جاڳ،يَڪمُشت ٿي، ڪر ياءُ سڳو هر هاري،
پوءِ ڏس حال زميندار ستمگر هاري،
پوءِ ڏس ڪهڙو نہ اعجاز آ آزاديءَ قوم(9)".

"آزاديءَ قوم" هڪ انقلابي نظم آهي، جنهن ۾ هر مڪتبئہ فڪر جي ماڻهن جي سوچ جي نفسياتي پهلوئن جو جائزو ورتو آهي، ۽ سياسي حالتن سان گڏ مارڪسوادي فڪر، روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ جو پرچار ڪيو ويو آهي .ان دور ۾ انگريزن خلاف هلايل آزاديءَ جي تحريڪ کي قوت بخشڻ، پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ، مذهبي متڀيد مان نڪرڻ جو محرڪ بڻائي، سياسي ۽ سماجي تبديليءَ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي .جيتوڻيڪ نظم ۾ سياسي ۽ سماجي حالتن جو عڪس جيئن جو تيئن حقيقت نگاريءَ جي روپ ۾ چِٽيو ويو آهي .جنهن سبب نظم ۾ تخيل، شاعراڻي نزاڪت ۽ جمالياتي رنگ نظر نٿو اچي،پر اهو نظم پنهنجي دور جي منظوم سياسي ۽ سماجي تاريخ آهي، جنهن ۾ ان دور جي خارجي حالتن جو نفسياتي چيد ڪيو ويو آهي.

حيدر بخش جتوئيءَ سماجي شعور، دُور انديشي ۽ سياسي ادراڪ سبب ايندڙ وقت ۾ رونما ٿيندڙ سياسي حالتن کي ڏسي ورتو هو، تڏهن تہ هُو سنڌين کي ايندڙ دور جي خطرن کان آگاهہ ڪندي لکي ٿو:

”چاهيو آخر تا هتان سنڌ مان هندو نڪرن؟
محل ۽ مال ڇڏي هت،وڃي ڪٿ ڪٿ پٽڪن،
هِتي سيلان ۽ برما مان مسلمان اچن،
هر ڪم پرديس ڪري، ديس ڪري گلشن بن،
هي اوهان جو غرض آزار آزاديءَ قوم.“(10)

نظم جي هن بند ۾ حيدربخش جتوئيءَ جي مارڪسوادي فڪر تي قوميت جو فڪر غالب نظر اچي ٿو. هُو نظم جي ان بند ۾ مڪمل ۽ واضع طور تي سنڌ پرست جي روپ ۾ ظاهر ٿي، قوميت جي فڪر جي پرچارڪ طور سامهون اچي ٿو. نظم جي ان بند ۾ قوميت جي فڪر جو ابتدائي نمونو ڀرپور انداز ۾ ملي ٿو. تنهن ڪري هن سنڌ مان هندن جي نڪرڻ جي سخت نموني مخالفت ڪري قوم پرستي ڏيکاري آهي. ورهاڱي کان اڳ ۾ ئي سنڌ شاعرن جي محبت جو مرڪز هئي. تنهن ڪري نئين سنڌي شاعريءَ ۾ قوميت ۽ سنڌيت جي فڪر جا بنياد ورهاڱي کان اڳ ۾ ئي پئجي چڪا هئا. ان ڏس ۾ شيخ اياز جي سنگيت ناٽڪ ”مندن جو منڊل“ جيڪو 1946 ۾ ڇپيو هو. ان ناٽڪ جي هن بند ۾ سنڌ سان محبت جو اظهار ڪندي اياز لکيو آهي:

”گهمي جهان ڏٺو، مگر، وطن وري بہ آ وطن،
وطن وري بہ آ وطن.
اسين ڪڏهن سِري نگر، ڪڏهن مها بليشور،
ڪٿي اُها فضا نہ هئي، اُڪير ئي اُها نہ هئي،
سنهي سُئي سِبيو اياز ! سنڌ سان مُدام من،
وطن وري بہ آ وطن.“ (11)

طويل نظم ”آزاديءَ قوم“ حيدر بخش جتوئيءَ جي سياسي ۽ سماجي نصب العين جو اهم مثال آهي. هُو جيڪو جمالياتي اسلوب ۽ رنگ پنهنجي نظم ”دريا شاهہ“ ۾ ڪٺي آيو هو، ان کي ترڪ ڪري هڪ نئين اسلوب ۽ رنگ سان قوم جي سياسي، سماجي،ذهني، مذهبي، طبقاتي نظام ۽ انگريزن جي چالبازين کي وائکو ڪرڻ ۽ انساني علمبرداري جو جهنڊو بلند ڪرڻ خاطر هن ”آزاديءَ قوم“ جهڙو طويل نظم لکيو. هُو هڪ انقلابي شاعر هو، جنهن پنهنجي آدرشن کي شاعريءَ ۾ سمائي بيان ڪيو. ان حوالي سان اسحاق سميجو لکي ٿو تہ :

”هو هڪ قومي ۽ انقلابي شاعر هو، جنهن شاعريءَ کي سياست سان ڳنڍيو ۽ ٻنهيءَ کي عام ماڻهن جي زندگي بدلائڻ لاءِ ڪم آڻي، منجهن

بغاوت جي باھ پڙڪائڻ جو ڪم ڪيو. هن شاعريءَ کي دل وندرائڻ جو ذريعو نہ سمجهيو، نہ بڻايو. بلڪ ماڻهن ۾ جديد ۽ ترقي پسند سوچن، روين ۽ خيالن کي ڦهلائڻ ۽ منجهن حقن جو شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ ذريعي طور ڪتب آندو. هن وٽ شاعري بہ هڪ آدرش وانگر هئي، ۽ اهو آدرش زندگيءَ، خوبصورتيءَ، سندين ۽ غير طبقاتي سماج جي خوابن سان ڳوهيل هو." (12)

هن پنهنجي شاعريءَ کي انقلابي، قومي ۽ مزاحمتي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو هو. هُو انساني محبت جو قائل هو، هن هر ان مذهب جي مخالفت ڪئي، جيڪا انسانيت جي خلاف هجي. هن جو مذهب انسانيت ئي هو ۽ انسانيت تي ئي يقين رکندو هو. هن ٻين جي لاءِ جيئڻ جو درس ۽ شعور جي آگاهي ڏني.

"جو بہ مذهب آهي انساني محبت جي خلاف،
آھ خالق جي خلاف، آھ سو قدرت جي خلاف،
پنهنجي هستيءَ جي خلاف آھ، طبيعت جي خلاف،
شان انسان جي خلاف آھ، شرافت جي خلاف،
رمز هي سمجهو تہ همراز آ آزاديءَ قوم.
جيئرو آھ اهو جو ٿو ٻين لاءِ جئي،
جيئرو آھ اهو سر جو ٻين لاءِ ڏئي،
شاھ آهي جو شهادت جو پيالو ٿو پئي،
خون شهادت جي سبب پاڪ ٿو زمزم ڪان ٿئي،
پاڪ، پاڪائي سندو ساز آ آزاديءَ قوم."(13)

اهو ئي انقلابي ۽ مزاحمتي رنگ حيدر بخش جتوئيءَ جي شاعريءَ جو مجموعي رنگ ۽ سُڃاڻپ آهي. سندس نظم "آزاديءَ قوم" سنڌ جي روشن خيال، ترقي پسند ۽ مقصدي شاعريءَ ۾ سنگِ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

ورهاڱي کانپوءِ 1948 ۾ "هاري گيت" جي نالي سان سندس نظم ڇپيو. ورهاڱي کان اڳ وارن نظمن ۾ حيدر بخش جتوئي، هاري جي عظمتن جا گُڻ پئي ڳايا، پر ورهاڱي کانپوءِ "هاري گيت" ۾ هن هاري کي ڦُريندڙ ۽ لُٽيندڙ طبقن جي نشاندهي ڪئي ۽ هاري کي اُٿڻ ۽ بغاوت ڪرڻ لاءِ اُڀاريو ۽ پنهنجي حقن جي لاءِ وڙهڻ جو درس ڏنو.

”توکي انگريز تي ڦريو ۽ زميندار لُٽيو،
وياج خورن تي ڦريو، توکي عملدار لُٽيو،
توکي پيرن تي ڦريو، قوم جي سردار لُٽيو.
توکي بيدردي سان هر هڪ تي نمڪخوار لُٽيو.

ظالمن تي لُٽيو گهر ٻار خزانو تنهنجو.
پنهنجي حال تي آخر توکي غيرت آئي،
ذات هاري ۾ غضب واري بغاوت آئي،
هر زميندار ۽ ظالم لئي شامت آئي،
”هاري حقدار!“ جي نعري سان قيامت آئي.
جهنگ جهر،بحر ۽ بر ۾ ٿيو فسانو تنهنجو،
اُٺ هاري اِجهو آيو آ زمانو تنهنجو.“(14)

حيدر بخش جتوئيءَ جي شاعريءَ ۾ انقلاب ۽ مزاحمت کي وڏي اهميت حاصل آهي. هن جي شاعريءَ جو اصل محرڪ ئي انقلاب ۽ مزاحمت آهي. هُو انسان جي آزادي ۽ زندگيءَ جي روشن امڪانن ۾ بختو يقين رکندو هو

نتيجو:

حيدر بخش جتوئي فڪري لحاظ کان نئين سنڌي نظم ۾ نيون روايتون قائم ڪيون ۽ هن پنهنجي نظمن ذريعي سياسي ۽ سماجي موضوعن تي لکي، نئين سنڌي نظم ۾ سياسي ۽ سماجي شعور ڀريو. هُو صحيح معني ۾ شاعرِ انقلاب آهي. هن جي آدرشن ۾ اوليت انقلاب کي حاصل هئي. هن پنهنجي دور جي هر غلط عمل خلاف هڪ باغي وانگر ڀرپور نموني بغاوت ڪئي. انقلاب، مزاحمت ۽ سنڌ هن جي شاعريءَ مان ڪڍي ڇڏجن تہ هن وٽ ٻيو ڪجهہ بچي ئي نٿو. هن جا نظم انقلاب، مزاحمت ۽ سنڌ سان محبت جي مضبوط بنيادن تي بيٺل آهن. تنهن ڪري هن جي نظمن ۾ ”عشقيہ لهجو“ نٿو ملي. باقي ان دور جي مجموعي سنڌي شاعري (ٻيوس ۽ ان جي اسڪول آف ٿاٽ کي ڇڏي) عشقيہ لهجي جي بيساکين تي بيٺل هئي. هن بيساکيون اڇلائي نئين سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو ۽ ان کي نئين زبان، نئون انداز، نوان موضوع ۽ پنهنجو نئون آواز ڏنو.

هُو ڪميونسٽ فڪر سان سلهاڙيل هئڻ سبب انساني آزاديءَ جو حمايتي هو، پر تمدني ۽ تهذيبي وابستگي سبب اول ۽ آخر هن جي محبت جو مرڪز سنڌ هئي. تنهن ڪري دريا شاهه سان هن جي محبت ۽ عقيدت فطري هئي. نظم ”دريا شاهه“ فڪري لحاظ ڪان حيدر بخش جتوئيءَ ڪي قوميت ۽ سنڌيت جي فڪر سان جوڙي ٿو.

”بيوس“ ۽ حيدر بخش جتوئي ڪانپوءِ شاعريءَ ۾ وطن ڪي ۽ وطن جي شين ڪي نئين سر ڏسڻ جو موقعو مليو. مظلومن ۽ وطن سان محبت جو شديد احساس نئين سنڌي نظم جي ذريعي شدت سان اُڀريو.

حيدر بخش جتوئي طبقاتي نظام خلاف بغاوت ڪئي ۽ هندستان جي آزاديءَ جي لاءِ سنڌ ۽ سنڌ جي تاريخي تشخص ۽ تهذيبي ورثي جي بچاءَ جي لاءِ پنهنجي نظمن جي ذريعي نظمن ۾ منظوم ويڙهه وڙهي آهي.

## حوالا:


1. جتوئي، حيدر بخش، جيئي سنڌ جيئي سنڌ، باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي، حيدرآباد، 1988: ث ۽ ج
2. ساڳيو،ص: 135
3. ميمڻ، عبدالغفور، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر (ڇاپو ٻيو) سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017: 365
4. جتوئي، حيدر بخش، جيئي سنڌ جيئي سنڌ، باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي، حيدرآباد، 1988: 55
5. جتوئي، حيدر بخش، جيئي سنڌ جيئي سنڌ، باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي، حيدرآباد، 1988: 22
6. ساڳيو، ص: 24
7. ساڳيو، ص: 25
8. ساڳيو،ص: 125
9. ساڳيو،ص: 120
10. ساڳيو،ص: 106
11. شيخ.اياز. اياز جا سنگيت ناٽڪ (مرتب: سميجو، اسحاق) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2019،:
12. سميجو، اسحاق، ماهوار پرک، (مضمون ”حيدر بخش جتوئيءَ جي شاعريءَ ۾ موجود سياسي شعور، يورپ پرنٽنگ پريس، ڪراچي، 2013،: 13
13. جتوئي، حيدر بخش، جيئي سنڌ جيئي سنڌ، باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي، حيدرآباد، 1988: 110 ۽ 114
14. ساڳيو، ص: 142

ام هاني سنڌو

# غلام رباني آگري جي سفرنامي "هنگلاج ۾ چانهه" جو تنقيدي جائزو

**A critical analysis of Ghulam Rabani Agro's Travelouge "Hanglaj me Chaanh"**


## Abstract:

Ghulam Rabani Agro a prominent writer and intellectual was born on 5 November 1933, in village Muhammad Khan Agro of district NausheharoFeroze, Sindh. His father Abdul Latif Agro was a well-known educationist of his time and therefore contributed towards his literary grooming in the early years of his life. GhulamRabbani Agro acquired his primary education from the local schools, and then proceeded to SMA College Karachi where he completed his B.A in English Literature in 1957.Agro was a high-flying writer of Sindhi literature. He was the pioneer of revised-era of Sindhi short story in post-partition era. His literary career though started with Sindhi short story took many turns whereby he contributed a number of literary and scholarly articles on varied topics including history of Sindhi language, culture, religion, biographies of prominent personalities, and many more. He died on 18th January 2010.

GhulamRabbani Agro has written travelogues. His travelogues are unique in presentation. In travelogues He not only indicates the travelling events but he also tells about the history and geography of the place where he travels.

In this research paper I have tried to take critical analysis of Agro's travelogue of Hinglag which he named "A Tea at Hinglaj". This is the immense travelogue which is full of historical events and facts.


سنڌ جو نالي وارو ڪهاڻيڪار ۽ اديب غلام رباني آگري جو تعلق ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ محمد خان آگري سان هو .سندس والد جو نالو عبداللطيف آگرو هو. جيڪو پيشي جي لحاظ کان استاد هو ۽ بعد ۾ تعليم کاتي ۾ انسپيڪٽر مقرر ٿيو. هو پڻ پنهنجي دور جو مڃيل استاد هو. غلام رباني آگرو تعلقي ڪنڊياري جي ڳوٺ 'محمد خان آگري' ۾ 5 نومبر 1933ع تي ڄائو. هن جو ٻاروتڻ ڳوٺ ۾ ئي گذريو. پنهنجي تر جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان تعليم پرائي عملي زندگيءَ ۾ پير پاتائين ۽ وڏا عهدا ماڻيائين. 1959ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو .5 سالن ڪانپوءِ 1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسلر مقرر ٿيو، تڏهن شيخ اياز وائيس چانسلر جي عهدي تي هو .1980ع ۾ رباني صاحب واپس سنڌي ادبي بورڊ موٽي آيو. 1984ع جي آخر ۾ هو اڪادمي ادبيات پاڪستان اسلام آباد جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو،

جتيسالن ڪان پوءِ ڪيس چيئرمئن جي عهدي تي ترقي ڏني وئي .انهيءَ عرصي دوران ڪيس لاهور ۾ مرڪزي ادبي بورڊ (جنهن کي هاڻي اردو سائنس بورڊ چيو وڃي ٿو) ۽ اسلام آباد ۾ نئشنل انسٽيٽيوٽ فار ڪلچر ائنڊ ريسرچ ادارن جون اضافي ذميواريون پڻ ڏنيون ويون. رباني صاحب، اسلام آباد ۾ چيئرمئن اڪيڊمي آف ليٽرس رهڻ ڪان پوءِ، فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ٿيو ۽ 1996ع ۾ اتان رٽائر ڪيائين.

غلام رباني آگري جي وفات 18 جنوري 2010ع تي ٿي. سندس مزار ڪندياري لڳ سندس ڳوٺ آچڙا ۾ واقع آهي. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جو نالو سندس ئي نالي پويان غلام رباني آگرو ڊگري ڪاليج رکيو ويو آهي. آگري صاحب کي ڪيترائي ايوارڊ مليا جن ۾ صدارتي ايوارڊ براءِ حسن ڪارڪردگي سميت ٻيا ايوارڊ شامل هئا. آگري صاحب جا ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن، هتي اسان سندس سفرنامن جو جائزو پيش ڪريون ٿا.

ڪنهن ماڻ يا ملڪ ڏانهن مسافري ڪري؛ ان مسافريءَ جو سربستو احوال لکڻ کي سفرنامون چئبو آهي. مسافريءَ سان جاڻ ۾ بہ واڌارو ٿيندو آهي تہ تفريح پڻ ملندي آهي، جنهن سان انسان جي ذهن کي تراوت ۽ سڪون ملندو آهي. ”سفر انساني زندگيءَ جو لازمي جزو رهيو آهي. سفر ۾ علم بہ آهي تہ ذهني جسماني صحت بہ. جڏهن ماڻهو ڪنهن ڏوراهين ملڪن ڏانهن ويندو آهي، تہ اتان جي طور طريقن، رسمن ۽ رواجن، قدرتي منظرن ۽ ماڻهن جي طبيعتن ڪان متاثر ٿيندو آهي. پوءِ ڪجهہ اهڙا صاحب نظر هوندا آهن، جيڪي ان سڄي روئداد کي قلم بند ڪندا آهن، جنهن کي سفرنامو چئبو آهي.“(1)

سفرنامي جو دارومدار سفرنامہ نويس تي هوندو آهي. جيترو سفرنامہ نويس وڌيڪ ڄاڻو هوندو، اوترو ئي علم هو سفرنامي ۾ ڏئي سگهندو. سفر نامو آتما ڪٿائي ادب جو حصو آهي، جنهن ۾ ڏنل ڄاڻ وقت سان گڏ تاريخ ٿي سگهي ٿي. عام طور تي سفر نامي ۾ تمام گهڻي معلومات ڏنل هوندي آهي، جنهن ۾ سفر هيٺ آيل ملڪ ۽ خطي جيعلاقائي، سياسي، سماجي، معاشي، جاگرافيائي، تمدني، ادبي، علمي ۽ ثقافتي تاريخ رقم ٿيل هوندي آهي، جنهن ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل جي جهلڪ عڪاسي آساني سان محسوس ٿي سگهندي آهي. اهڙي قسم جو نثر تحرير ڪرڻ ايترو آسان نہ آهي، هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي. مٿان وري پرڪشش لفظن کي اهڙي طرح جملن ۽ پيرائن ۾ اوتيو ويندو آهي جو اهي جرڪڻ لڳن ٿا، مهڪڻ لڳن ٿا، قاري کي موهي وجهن ٿا،

بلڪل اهڙي طرح هڪ ٻئي سان اوتيل هوندا آهن، جهڙي طرح موتي جو داڻو، ٻئي موتي جي داڻي سان ڳنڍجي هڪ ڌاڳي ذريعي ڳنڍجي خوبصورت ۽ قيمتي مالها تيار ڪري، جنهن تي هرڪوئي موهت پيو ٿئي.

سفرنامون معنيٰ سفر جي ڪٿا يا ڪهاڻي. سفرنامون ادب جي پراڻي صنف آهي: سفرنامي ۾ ڪنهن ٻه سفر/مسافري جي اها ڪهاڻي يا وارتا ڏني وڃي ٿي، جيڪا مسافر سان ڪنهن مخصوص سفر دوران پيش اچي ٿي. سفرنامون هڪ حوالي سان مختلف واقعن، حادثن، حوالن، ڄاڻ، علم، ڳالهين ۽ ڪٿائن جو ميڙ هوندو آهي. سفرنامي ۾ مسافر/سفرنامه نويس ڪنهن ٻه سفر جو سربستو احوال لکندو آهي، ۽ ڪوبه سفرنامو اوتروئي وڌيڪ علمي، ادبي ۽ تاريخي هوندو جيترو ان جو لکندڙ گهڻ پڙهيو ۽ علم ۽ ادب سميت سوشل سائنسز جي ٻين شعبن بابت ڄاڻ رکندڙ هوندو. سنڌي سفرنامي جي شروعات منظوم انداز سان لکيل سفرنامن سان ٿي: جن ۾ گهڻو ڪري مقدس ملڪن ۽ ماڳن ڏانهن ڪيل مسافرين جو احوال شامل هو. شاهه سائينءَ جي سر رامڪلي ۽ سر سامونڊي ۾ ٻه مسافرين جا احوال آهن. ڪاڪي ڀيرو مل لطيفي سئر لکي شاهه سائينءَ جي منظوم سفرناما نگاريءَ کي بيان ڪيو آهي.

ڊاڪٽر مهر خادم صاحب پنهنجي هڪ مضمون، ”ادب ۾ سفرنامن جي اهميت ۽الطاف شيخ جي سفرنامن جو جائزو“ ۾ لکيو آهي ته،

”دنيا جي ادب تي نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو ته سفرنامي جي صنف طنجير جي شهر ۾ ڄاول شخصيت محمد بن عبدالله سندس خانداني لقب ابن بطوطه وٺ ليي ٿي، ابن بطوطه جيڪو 25 سالن جو نوجوان هيو ۽ دنيا کي ڏسڻ جي شوق ۾ هن 25 سال سفر ڪيو، جڏهن واپس وطن وريو ته سندس عمر پنجاهه سال هئي، ابن بطوطه جي سفرنامي ۾ سفر جي تڪليفن، مختلف ماڻهن ۽ قومن جي ورتاءَ، انسان جي شخصي اوڻاين جهڙا عڪس ملن ٿا.سنڌي ادب جي آئيني ۾ ڏسڻ سان پتو پوي ٿو ته سفرنامي جي صنف جا آثار سي ڪان پهريائين ميئين شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ خليفي نبي بخش لغاري جي شاعري ۾ ملن ٿا.“(2)

سنڌ جو اورچ اديب غلام رباني آگري جتي ڪهاڻيون لکيون، تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکيا، سوانحي خاڪا لکيا اتي هن بهترين سفرناما پڻ لکيا آهن.

توڙي جو غلام رباني آگري جا سفرناما تمام مختصر آهن، پر انهن ۾ تمام گهڻي ڄاڻ سمايل آهي. سندس سفرنامن جو ڪل تعداد اٺ آهي. ۽

اهي اٺ ئي سفرناما سندس هڪڙي ئي ڪتاب ”هنگلاج ۾ چانهه“ مجموعي ۾ شامل آهن. هيءُ ڪتاب الطاف آگري صاحب ۽ نصير مرزا سهيڙيو آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو آگسٽ 2012ع ۾ ڇپيو آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو هي ڪتاب شايع ڪيو جنهن ۾ ڪل 230 صفحا آهن . هن ڪتاب جي ارپنا غلام رباني آگرو جي ٻن پٽن عزيزالرحمان مجيب الرحمٰن سندس نياڻي قرة العين ۽ انهن جي والده ماجده نورجهان جي نالي ٿيل آهي. هن ڪتاب جي شروعات ۾ ٻه اکر محمد قاسم ماڪا ڊئريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو جا لکيل آهن. مهاڳ هوائون هنگلاج ڏي. سنڌي ادب جي نالي واري ليکڪا ڊاڪٽر فهميده حسين جو لکيل آهي. جن ماڳن جا سفرناما هن ڪتاب ۾ شامل آهن اهي هي آهن: هنگلاج ۾ چانهه، بنگلاديش ۾ ڏهه ڏينهن، هندستان ۾ سارڪ سيمينار، ايران اڳي ۽ هاڻي، رني ڪوٽ، سير ۽ سفر چين ولايت جو، چين جو سفر نامو، ڪوهه قاف جون پريون. هن پنهنجن مختصر سفرنامن کي نهايت ئي سهڻي انداز سان تحرير ڪيا آهن. سندس اهي سفرناما هر طرح جي ڄاڻ سان ڀريل آهن. هونئن ته هر سفرنامو لکندڙ صرف ان ملڪ جي منظرن کي بيان ڪندو آهي. مگر رباني صاحب پنهنجي لکت ۾ ان جي ملڪ جي سياسي مذهبي، اقتصادي، معاشرتي احوالن سان گڏ ماضيءَ جي تاريخ به بيان ڪئي آهي. اها به رباني جي خوبي آهي جو ٻاهرين ملڪن ۽ شهرن جي دوري وقت ساڻين سان احوال ڪندي، سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين کي مثال طور بيان ڪندو رهي ٿو. محترمہ ڊاڪٽر فهميده حسين رباني جي سفر نامن جي ڪتاب ”هنگلاج ۾ چانهه“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿي ته: ”سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ ڪوبه نئون سفر نامو پنهنجي جاءِ تڏهن ناهي سگهي ٿو. جڏهن ان ۾ خوبصورت منظر نگاريءَ سان اسلوب بيان ۽ ڊڪشن جي به سونهن هجي واقعن جو بيان محض بيان نه پر دلي ۽ جذباني ڪيفيتن جي عڪاسي ڪندڙ هجي ۽ تحرير ۾ اهڙو اثر هجي جو هڪ ڀيرو پڙهڻ شروع ڪجي ته ان کي پورو ڪري پوءِ اٿجي ۽ اهڙي تحرير سنڌي ڪهاڻي جي وڏي نالي سنڌي نثر جي اعلیٰ ترين ليکڪن ۾ منفرد لهجي ۽ ڊڪشن جي مالڪ غلام رباني آگري جي هجي ته اها پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ کي گرفت ۾ ڪئين نه وٺندي.“(3)

غلام رباني آگرو چين ملڪ ۾ ٻه دفعه سرڪاري دوري تي ويا آهن. الطاف آگرو، غلام رباني جي سفرنامن بابت لکي ٿو ته: ”هنگلاج ۾ چانهه“ رباني صاحب جي سفرنامي جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ پاڻ هنگلاج،

چين، هندستان، ايران ۽ بنگلاديش جا مختصر سفرناما نهايت ئي دلچسپ انداز ۾ تحرير ڪيا اٿن. جيڪي هرطرح سان ڄاڻ ۽ معلومات سان ڀرپور ۽ مڪمل آهن، رباني صاحب جي ٻين مشهور ڪتابن وانگر هي ڪتاب پڻ "موتين جي مالها مثل، نثر ۾ پويل آهن."(4)

رباني صاحب جا سفرناما پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن جو مشاهدو تمام اونهو آهي، جيڪو ڪجھ هن ڏٺو اهو تمام گهڻو باريڪ بينيءَ ۽ تفصيل سان پنهنجن پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيو اٿائين.

محمد قاسم ماڪا لکي ٿو ته: "غلام رباني آگري صاحب جن ذاتي طور مون تي تمام گهڻا احسان ڪيا ۽ هميشه مون کي پنهنجي اولاد جيان پيار ڪندا هئا. سندن هيءُ سياحت نامو 'هنگلاج ۾ چانھ' دنيا جي ڪن مشهور ملڪن ۽ تاريخي ماڳن مڪانن جي شاندار سفرنامن تي مبني آهي. جنهن جي سنڌي ادب ۾ ٿيل سفرنامن ۾ اهميت "سدا گلاب" جي ٽڙيل گل جهڙي رهندي. سرهاڻين سان واسيل هن سفرنامي جي پني پني کي اوهان جي نظر ڪندي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي فخرمند آهي."(5)

اها هڪ حقيقت آهي ته غلام رباني آگري جا سفرناما سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. جڏهن ڪو محقق سفرنامن جي تاريخ تي تحقيق ڪندو ۽ رباني جي لکيل سفرنامن جو ذڪر نه ڪندو ته سفرنامن جي تاريخ اڻپوري ۽ اڌوري رهندي ڇو ته، رباني جا سفرناما سنڌي اديب جي تاريخ جا اهم حصا آهن.

غلام رباني آگري صاحب تمام گهڻيون مسافريون ڪيون، جن مان ڪي شوقيه ته ڪي وري سرڪاري زميوارين جي ادائيگين سبب ڪيون هيون. هتي مختصر طور تي رباني صاحب جي سفرنامن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

**هنگلاج ۾ چانھ**

هي سفرنامو اول ته ماهي مهراڻ جي 1987ع جي شماري ۾ شايع ٿيو ۽ تمام گهڻو ساراهيو ويو، ڇاڪاڻ آگري صاحب نه صرف سفر جي ڪٿا بيان ڪئي آهي بلڪه هنگلاج جو تاريخي پسمنظر پڻ ڏنو آهي. هن سفر نامي ۾ غلام رباني آگري هنگلاج ياترا جي تاريخ بابت ٻڌايو آهي ته قديم زماني ۾ السند والهند هندي ۽ انگريزي ڪتابن ۾ ان جو ذڪر اذڪار هنگلاج ناني جي نالي سان ملي ٿو.

غلام رباني لکي ٿو ته: "ٻلارو ٻنائي جوڳين ۽ سنياسين جي سنگت ۾ ٻه دفعا هنگلاج ياترا تي ويو هو. ڪن ظاهربين شخصن هنگلاج جي ياترين تي اعتراض اٿاريو ۽ چيو ته:

ناٽ جنهين ننڍ، تت نہ هاريو جوڳئين
ڪي ڪويساهيا ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ
هُو هِنهينِ هنڌ، تي هنهئين ويا هنگلاج ڏي.
پلاري پٽائيءَ اهو ٻڌي پنهنجي ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ جواب ڏنو:
ناٽ جنهين ننڌ، تت پڻ نهاريو جوڳئين
سي سويساهيا ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ
هُو هئو هن هنڌ، هنن هنگلاجان هٽ ڪيو.
نہ رڳو ايترو، پر پنهنجي لافاني رسالي ۾، هنگلاج ۽ ان جي پانڌيئڙن ڪي ڏاڍيءَ سڪ سان ڳايائين. فرمايائين:
نانگا نانيءَ هليا، ويچارا وئا
ڪِينرَ ڪاپڙين جا، صبح تان نہ سئا
هو جي هِت هئا، آئون نہ جيندي ان ري.
آگري صاحب هن سفرنامي جي ابتدا ۾ شاهہ سائينءَ جا 12 بيت پڻ ڏنا آهن، جيڪي گهڻو تڻو سر رامڪليءَ مان کنيل آهن.
رباني هن سفرنامي بابت لکي ٿو تہ: "ويهہ پنجويهہ ورهيہ ڪن تي پڙلاءُ پيو تہ هنگلاج هلڻ لاءِ هڪ قافلو تيار ٿيو آهي، جنهن ۾ سنڌي زبان جو عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سندس دوست(مرحوم) محمد اسماعيل نون ۽ ٻيا ڪي ساٿي شامل آهن. اها ڳالهہ ٻڌي اندر ۾ ڏاڍا اڌما اٿيا تہ جيڪر ان قافلي سان شامل ٿجي، ۽ هنگلاج وڃي ڏسجي. ويتر جو ٻڌڻ ۾ آيو تہ قافلي وارن هنگلاج جي اوکي پنڌ، برپٽ بيابان، سڃ ۽ ويراني کي خيال ۾ رکي، وڏا بندوبست ڪيا آهن، ڪيئي جيون ساڻ اٿن، منزلن لاءِ تنبو تولان بہ ڪنيا اٿن، تہ هيڪاري روح سڻون ڏنيون. پر، پنهنجي غريباڻي حال کي ڏسي، مون هميشه لاءِ هڪ اصول پنهنجي اڳيان رکيو هو— اياز قدر خود بشناس. چنانچہ، هنگلاج ڏسڻ جي وڏي ذوق ۽ شوق جي باوجود، مون پلئي پلائي بہ اهڙو اکر پنهنجيءَ زبان تي نہ آندو، جو مون کي ڪنهن جو احسانمند ٿيڻو پوي. هنگلاج ڏسڻ جي حسرت بهر صورت دل ۾ رهي."(6)

اهڙي ريت رباني صاحب هن مسافريءَ جو مڪمل تاريخي پسمنظر پڻ جاڳايو آهي ۽ لکيو آهي تہ ويهہ پنجويهہ ورهيہ اڳ جڏهن هو هنگلاج جو سفر نہ ڪري سگهيو هو تہ ڪيس اهو خواب خيال ڪونہ هو تہ الله هڪ ڏينهن اهڙو آڻيندو جو هو هنگلاج هن طرح ڏسڻ ويندو جو جيپ بدران

هيليڪاپٽر سندس سواري هوندو. ۽ فوجي جوان ڪيس سلامي ڏيندا ۽ هنگلاج جي ويراني ۾ سندن لاءِ گلم غاليچا وڇايا ويندا. آگرو صاحب لکي ٿو ته "صدر پاڪستان وٽان مون وٽ اڪادمي ادبيات پاڪستان جي آفيس ۾ هدايتون پهتيون ته ڊاڪٽر شمل ملڪ جي قابل قدر علمي خدمت ڪئي آهي، هوءَ جڏهن دوري تي اچي ته سندس خاص خيال رکيو وڃي ۽ ميزباني جا فرائض اڪادمي ادبيات پاڪستان سر انجام ڏئي.

صدر صاحب جي اهڙين هدايتن ڪانپوءِ آگري صاحب ڊاڪٽر ائنميري شمل ڪي خط لکي ڪائنس پڇيو ته پاڪستان ۾ هو گهمڻ لاءِ ڪهڙي ماڳ تي هلڻ پسند ڪندي ۽ ڪيس پنهنجي طرفان سڪردو جي ان هنڌ تي هلڻ جي صلاح ڏني جتان سنڌو درياءُ پاڪستان ۾ داخل ٿئي ٿو. ۽ موٽ ۾ ڊاڪٽر شمل واديءِ ڪاغان ۾ سيف الملوڪ ڍنڍ ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ سڪردو وڃڻ لاءِ هيليڪاپٽر بدران بوئنگ جهاز جي سواريءَ ڪي ترجيح ڏني رهائش لاءِ شنگريلا هوٽل ۾ انتظام ٿيو. جنهن جي اشتهار ۾ دعويٰ ڪئي هئي ته هي هوٽل ڌرتيءَ تي بهشت جون سڪون ٿي لاهي.

هن سفرنامي جي خاص خوبي اها آهي ته هن ۾ آگري صاحب ڪافي دلچسپ ڳالهيون پڻ لکيون آهن، جن جو سنئون سڌو ته سفرنامي سان تعلق ناهي پر پوءِ به سفرنامي ڪي دلچسپ بڻائين ٿيون.

"منهنجي هڪ بلوچ دوست گلزار مري (سابق سيڪريٽري بلوچي ايڪيڊمي) هڪ دفعي بلوچستان جي سفر ۾ مون ڪي هڪ قصو ٻڌايو. ڇي هيڪر ڪنهن برپٽ ۾ برسات اچي لٿي. مينهن اهڙو جو جهٽ پلڪ ۾ اوندهه انڌوڪار ٿي ويئي. هڪ ٻڍڙي زائفان اتي ٻڪريون چاري رهي هئي. وٽس برسات ڪان بچاءَ لاءِ ٻيو ته ڪجهه ڪو نه هو، هڪ تڏي ساڻ هيس،جا ڪٽي مٿي تي اوٽ ڪيائين. ڏٽيءَ جو شڪرانو ڪري چوڻ لڳي ته هاڻي مون ڪي ته برسات جو فڪر ڪونهي، پر هن مصيبت جي مينهن ۾ ويچارو اسان جو سردار الائي ڪيئن ڪندو!" (7)

غلام رباني صاحب هن سفر نامي ۾ تمام خوبصورت منظر ڪشي ڪئي آهي. ته اتان جي ماڻهن جي زندگي بابت پڻ تمام خوبصورت انداز ۾ لکيو آهي. حالانڪ اهي سڀ شيون سنئون سڌو سفرنامي سان تعلق نٿيون رکن پر ان جي باوجود سفرنامي ڪي وڌيڪ معلوماتي ۽ دلچسپ بڻائين ٿيون. هو لکي ٿو،

"لسٻيلي لهڻ ڪان اڳ خضدار ۾ لٿاسين جو هيليڪاپٽر جي عملي ڪي اتي تيل پراڻٿو هو. ايئر پورٽ اڃان زير تعمير هو. خضدار جو نوجوان

ڊپٽي ڪمشنر اسان جي استقبال لاءِ اتي موجود هو. شهر جا معزز ماڻهو اسان جي استقبال لاءِ موجود هئا. چاءِ پيتيسون، رابعہ خضداريءَ جو قصو نڪتو جا ٽينءَ چوٿيءَ صديءَ جي عربي زبان جي وڏي شاعره هئي. پنهنجي نوڪر سان رومانس ڪيو هئائين. ڀاڻس ان ڪري ڪيس ماري ڇڏيو سندس دوست وري ڀاڻس کي ماري ڇڏيو. هاڻي تہ ڪنهن جي قبر جو نشان ڪونهي.“(8)

سفر نامي ۾ رباني صاحب لسٻيلي جي سگھڙن ۽ ڳائڻن توڙي لوڪ رقص ڪندڙن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جن جو انتظام اتان جي ڊپٽي ڪمشنر پاران ڪيو ويو هو.

آگرو صاحب لکي ٿو تہ: ”سو ڪن ماڻهو اسان جا منتظر هئا. هو سنڌي ، بلوچي ۽ مڪراني ڳالهائي رهيا هئا. اسان جي پهچڻ سان راڳ ۽ ناچ شروع ٿيا. راڳ جا ٻول گھڻو ڪري بلوچي يا مڪراني هئا. البت زالن جي ڳيچن ۽ سهرن جي لئہ، لب ولهجي ۾ سنڌي جهلڪ نمايا هئي. مقامي هندو فنڪارن جيڪو ڏاند يا ناچ ڏيکاريو اهڙو ساڳيو ناچ مان ويهارو ورهيہ اڳ شڪارپور ۾ ڏسي چڪو هوس. البت شيدين جو مگرما ناچ جنهن جو نالو سنڌي ادبي بورڊ جي فائيلن ۾ پڙهيو هو، سو پهريون ڀيرو لسٻيلي ۾ ڏٺم.“(9)

هن سفرنامي ۾ آگري صاحب تمام گھڻي تاريخي معلومات پڻ ڏني آهي. حقيقت ۾ جيترو پڙهيل لکيل هوندو اوترو ئي علم پنهنجي تحرير ۾ ڏئي سگھندو. سفرنامو تمام گھڻو معلوماتي ۽ دلچسپ آهي.

ساڳي دلچسپي ۽ شعري ذوق جيڪو آگري صاحب جي شخصيت جي سجاڻ آهي: اهائي سندس خوبي هن سفرنامي ۾ پڻ اهائي جاڻ ۽ اهائي دلچسپي آهي. سفرنامو پڙهندي آگري صاحب جي گفتگو مان لطف ملي ٿو.

”صبح جو اسان جيپن ۾ سوار ٿي، ’ست پارا‘ ڊنڊي ڏسڻ وياسين، ۽ پوءِ اچي سنڌو درياءَ جون تصويرون ڪڍيونسين. درياءَ ۾ پاڻي ٿورڙو هو، پر ان کي پاڪستان جي علائقي ۾ داخل ٿيندو ڏسي، منهنجي لونءِ لونءِ نري پيئي ۽ حيدر بخش جتوئي جي لافاني نظم ياد آئي:

اچين مانسرور مان ڪشمير ۾،
۽ باغ عدن واري تصوير ۾،
پرين تنهن کي خوشبوءَ اڪسير ۾،
مفرح ڪٽي سنڌ لئي سير ۾:

ڏئين دل کي فرحت،
ڏئين روح راحت،
۽ ڪيلاش پربت،
منجهان شِير شربت:
ٿو گلزار گلشن جا آڻين اٿاهه،
پلي آئين، جي آئين درياهه شاهه!"(11)

بلوچستان ۾ موجود شيرين فرهاد جي قبر بابت آگري صاحب لکيو آهي تہ "مون کي ايئن سمجھه ۾ آيو تہ پراڻي دور ۾ ايران ۽ ڪيچ مڪران کان ايندڙ واپارين قافلن کان شيرين فرهاد جو قصو ٻڌي ڪنهن شخص اها مصنوعي قبر ٺاهي آهي."(12)

آگري صاحب جي سفرنامن بابت پنهنجي راءِ ڏيندي ذوالفقار جلباڻيءَ لکيو آهي تہ "رباني جي سفرنامن مان اٿڻ ويهڻ آدابن جي مڪمل ڄاڻ ملي ٿي. رباني جا سفرناما ڪو معمولي سفرناما ڪونهن هو هڪ ڄاڻو سياح وانگر باخبر ۽ حوصلي سان گهمي ٿو. زماني جي لاهن چاڙهن کان پڙهندڙن کي واقفيت ڪرائي ٿو، ماضي کي حال جي آئيني ۾ ارپيندو ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جو من موهڻ رباني جي ذات هئي." (13)

آگري صاحب هنگلاج کي مقدس ۽ متبرڪ هنڌ سڏيو آهي ۽ لکيو آهي تہ هتي سري رامچندر، گروگورکناٿ، گرو نانڪ آيا هئا. پلاري پٽ ڏٺي پنهنجا پير گهمايا هئا، ديوتا عبادت ڪندا هئا. هو لکي ٿو تہ هنگلاج ۾ ڪنهن بہ مندر يا مڙهي جو نالو نشان ڪونہ هو.

مجموعي طور تي هيءُ سفرنامو تمام گهڻو دلچسپ ۽ معلوماتي آهي. آگرو صاحب مختلف شين کي پنهنجي نداز سان ڏسي ٿو انڪري سندس مشاهدي جي اک جيڪو پسي سگهي آهي ۽ سندس قلم جيڪو لکيو آهي: اهو تمام گهڻو اهم ۽ معلوماتي آهي. هن هن سفرنامي ۾ مختلف تاريخي ۽ ادبي حوالا پڻ ڏنا آهن، جن سان پڻ سفرنامي ۾ پڙهندڙ لاءِ گهڻو مواد ملي ٿو. آگري صاحب جي علميت ۽ ڏاهپ سفرنامي جي هر سٽ ۾ چلڪي رهي آهي.

**نتيجو:**

سفرناما تہ گهڻن ليکڪن لکيا آهن مگر ربانيءَ جو لکڻ جو انداز بہ وڻندڙ منفرد ۽ اوچو آهي. رباني صاحب پنهنجي سفرنامن ۾ جيڪي مفصل ۽ مڪمل حقائق بيان بيان ڪيا آهن، سي سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت

رکن ٿا. سندس لکيل سفرناما بہ سنڌي ادب صنف ۾ اهم ۽ خاص سفرنامن جي ڪتابن ۾ شمار ٿين ٿا. سندس سفرنامن ۾ تخليقي خوبيون موجود آهن. هڪ پاسي سندس سفرنامن ۾ ڄاڻ جا موتي آهن، تہ ٻي پاسي وري دلچسپ واقعا، اهڙا واقعا جيڪي پڙهندڙ کي ڪٿي بہ بيزار ٿيڻ نہ ٿا ڏين. سندس تحرير ۾ تخليقيت بہ آهي تہ تحقيق ۽ تنقيد جو عنصر پڻ آهي. مجموعي طور تي اسان سندس سفرناما پڙهڻ سان ڄاڻ جي هڪ ٻي بها خزاني ڪان وقف ٿيون ٿا. هو جتي بہ وڃي ٿو اتان جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، ادب ۽ ٻي معلومات ضرور ڏئي ٿو. هن جي لکڻ جو انداز منفرد ۽ مختلف آهي، جيڪو پڙهندڙ کي قابو ڪري رکي ٿو. سندس سفرناما سندس ئي سخصيت جو عڪس پيش ڪن ٿا، جنهن ۾ هڪ طلسم آهي ۽ پڙهندڙ لاءِ ڪشش پئدا ٿئي ٿي. سندس سفرنامن ۾ سندس جذبا، احساس، مذاح جي حس ۽ جمالياتي حسن کي پرکڻ جي جهلڪ ملي ٿي.

## حوالا:


1. ٻگهيورضيہ، ڪارونجهر، تحقيقي جرنل، سنڌي سفرنامن جي ارتقا ۽ اوسر، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي، ص، 154
2. تہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، جلد 45، 1992ع، ص، 45
3. آگرو غلام رباني "هنگلاج ۾ چانھ"، (سفرنامو)، ڇاپو پهريون: سهيڙيندڙ: الطاف آگرو ۽ نصير مرزا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2012ع، ص، 10، 11
4. ساڳيو، ص: 12
5. ساڳيو، ص: 14
6. ساڳيو، ص: 14
7. ساڳيو، ص: 16
8. ساڳيو،ص: 15
9. غلام رباني آگرو، "هنگلاج ۾ چانھ"، سهيڙيندڙ، الطاف آگرو ۽ نصير مرزا، ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو، 2012ع، ص: 22
10. غلام رباني آگرو "هنگلاج ۾ چانھ" سهيڙيندڙ:، الطاف آگرو ۽ نصير مرزا، (ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو، 2012ع، ص: 27-28
11. ساڳيو حوالو، 25
12. غلام رباني آگرو "هنگلاج ۾ چانھ"، سهيڙيندڙ: الطاف آگرو ۽ نصير مرزا، (ڇاپو پهريون)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو، 2012ع، ص:23
13. جلباڻي ذوالفقار علي، غلام رباني آگري جي سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو تنقيدي جائزو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2021ع، ص، 202

ڊاڪٽر اختر علي گهنيو

# آغا سليم جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو

## The Critical Analysis of the Poetry of Agha Saleem

**Abstract:**

Agha Saleem was a well-knownshort story writer, Novelist, intellectual, Journalist, Broadcaster, Translator, Poet and Researcher. Although he was well known as Novelist; but he was a beautiful Poet too. He belonged to the Kakar Pakhtun tribe which migrated to Sindh in old times. Agha Saleem was born on April 7 1935 ,in Shikarpur. He joined Radio Pakistan as junior rank officer and retired as station director. After his retirement he joined the field of journalism. He remained the Editor of Daily Jaagho and Daily Sach later on. He was also a regular columnist of Urdu newspaper ummat. He got Shah Latif Award twice and Pride of Performance in 2005 .

He passed away on 12 April 2016 in Karachi at the age of 81. The Natural beauty, Metaphysics, resistance and Aesthetics are the major subjects of his poetry. His poetry is full of local metaphors and similies. In this research Paper I have tried to explore the different aspects of his poetry.

شاعري بنيادي طور تي هڪ فن آهي؛ بلڪل ايئن ئي جيئن فنون لطيفہ جا ٻيا نمونا جهڙوڪ رقص، مصوري، خطاطي ۽ موسيقي آهن. پنهنجي تخيلاتي گهرائي سبب فنون لطيفہ جي ٻين سڀني نمونن کان شاعريءَ کي وڌيڪ فوقيت ۽ اهميت ڏني وئي آهي. چاڪاڻ تہ شاعري احساسن جو مترنم اظهار آهي .

”شاعري روح جي اٿاهہ گهراين مان ڪنهن امالڪ جذبي سان سٽ ڪائي اظهار جو رستو ونندڙ اندر جي احساس جو نالو آهي. شاعري زمين جي گهراين مان ڦٽي نڪتل ان ٻوٽي جو نالو آهي، جيڪو هوائن ۾ جهولي ۽ جهومي آسمان ڏانهن ڏسي مسڪرائي ٿو. شاعري آسمان ۾ ڪريل وسڪاري جي ان پهرين ڪڻيءَ جو گيت آهي، جيڪا مٽيءَ سان ملي خوشبوءِ ۾ تحليل ٿي وڃي ٿي. شاعري ان پکيءَ جو آواز آهي جيڪو وڻن جي ٽارين ۽ گلن سان ٽڪرائي موسيقي بڻجي وڃي ٿو. شاعري ساز مان نڪتل ان مڌر سُر جو نالو آهي جيڪو ٻڌندڙ کي حواسن سان شيرينيءَ جو ذائقو ڏئي ٿو. شاعري ٻارڙي جو اهو ابهم ٻول آهي، جيڪو ڪنهن ماءُ ۾ بي انتها مامتا جاڳائي ڇڏي ٿو. شاعري ان رقص جو نالو آهي جنهن جي

وجد جي طفيل ڪو رقاص زندگي قربان ڪرڻ جو سوچي ويهي ٿو. شاعري ان عظيم علم جو نالو آهي جنهن جي سرپرستي ڪا الهامي قوت ڪري ٿي."(1)

يعني شاعري تخيل جي اُڏام جو روپ آهي. جيترو تخيل سگهارو ۽ اهم هوندو شاعريءَ ۾ ايتري ئي نواڻ ۽ گهرائي هوندي.

آغا سليم هڪ بهترين ناول نگار، ڪهاڻيڪار، مترجم، لطيف شناس، محقق ۽ نقاد هو. توڙي جو هن شاعري پڻ ڪئي پر هو بحيثيت شاعر مقبول يا مشهور نه ٿيو نه ئي وري هن ڪڏهن شاعر هجڻ جي ڪا دعويٰ ڪئي. سندس شاعريءَ جو هڪ ڪتاب، "پَن ڇَڻ ۽ چَندُ" 1986 ع ۾ ڇپيو. جنهن جو ٻيو ڇاپو 2017ع ۾ ڪونج اڪيڊمي ڪراچي پاران شايع ٿيو. جنهن جو مهاڳ ناليواري شاعر امداد حسيني لکيو آهي. آغا صاحب پنهنجي شاعريءَ جي پسمنظر بابت هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته، "سچ ٻڌايان ته، زندگيءَ ۾ جيڪو مون کي شديد شاڪ لڳو، اُهو ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ واري خبر ٻڌي ٿيو هو. يعني ايڏو وڏو ماڻهو، ايڏي بيدرديءَ سان سوليءَ تي ٽنگي ڇڏيائون.ان شدت ۾ مون کان ڏاڍي شاعري لکجندي وئي. ان جو هڪڙو پس منظر اِهو به هو ته هڪڙي ايڏي وڏي ذهين سنڌي ماڻهوءَ کي ختم ڪيو ويو! ۽ ان حوالي سان هڪڙو ڊپ ۽ خوف مون کي محسوس ٿيو هو ۽ اِهي منهنجا پنهنجا fears هئا ته ڇا ايڏي آسانيءَ سان هو اسان سنڌ واسين کي به ختم ڪري ڇڏيندا. ان سانحي کان پوءِ ۽ هاڻي تائين جڏهن جڏهن به مون ڪو شعر لکيو آهي، ان ئي خوف ۽ ان ئي حوالي سان پئي لکيو آهي.(2)

آغا صاحب توڙي جو پنهنجي شاعريءَ جو محور خوف کي سڏيو آهي، پر ڏٺو وڃي ته سندس شاعري گهڻ رخي آهي.امداد حسيني مهاڳ ۾ آغا سليم سان سندس تعلق ۽ سندس شعري مجموعي "پن ڇڻ ۽ چند" جي شاعريءَ بابت لکي ٿو."مون کي آغا سليم جي شاعريءَ تي لکڻو آهي، آغا سليم نه ته پاڻ ڪڏهن شاعر هئڻ جو Pose ڪيو، نه ئي پاڻ کي شاعر طور Impose ڪيو.

آغا سليم جو مختصر (صفحن جي لحاظ کان) شعري مجموعو "پَن ڇَڻ ۽ چَندُ" 1986ع ۾ ڇپيو. اُن کي اُها اهميت نه ملي، جيڪا اُن لهڻي ٿي. سچ ته اهو آهي ته آغا سليم پاڻ به اُن کي ايترو سنجيدگيءَ سان نه ورتو! بلڪل ائين، جيئن هُن پنهنجي ڪهاڻين، ناولن ۽ اسٽيج ناٽڪ کي به ڪا اهميت نه ملڻ تي، ڪڏهن به ڪو ڏک ڏوراپو نه ڪيو. پر ڇا، هُو پنهنجي

اندر ۾ ڏکيو نہ هوندو؟ ”پَنَ ڇَڻِ ۽ چندبُ“ جو اسڪرپٽ آغا سليم مون کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. پڙهي جڏهن ڪيس واپس ڪيم، تڏهن سندس شاعريءَ جي ساراهہ ڪئي هئم.“(3) واقعي بہ آغا صاحب پاڻ کي ڪڏهن شاعر طور ڪونہ لکيو هو، ۽ آغا صاحب جي شاعري مجموعي جي اعتبار کان ٿوري آهي، پر هن جي شاعري فني توڙي فڪري اعتبار کان تمام گهڻي پختي ۽ پڪي آهي. هن پنهنجي شعري مجموعي ۾ 18 نظم، 8 غزل ۽ سر ڪلياڻ جا ٽي داستان ۽ سر رامڪليءَ جا 15 بيت شامل آهن، جن ۾ ”ڏهہ ڏينهن“ پڻ شامل آهن، جيڪي شاهہ لطيف جي طرز تي لکيل آهن. نصير مرزا لکيو آهي، ”آغا صاحب جي مجموعي جي شعرن کي مون ڏيان جون دريون ڪولي... پڙهيو ۽ مون ڄاتو تہ، هيءَ شاعري تہ بنهہ اسان جي پنهنجي آهي. توڙي جا اُها آغا صاحب اسلام آباد ۾ ويهي سرجي هُئي، پر ’پن ڇڻ ۽ چندبُ‘ مجموعي ۾ شاعري پڙهي لڳو: آغا صاحب اسان کي ڪيڏو نہ ويجهو آهي ۽ مون ڄاتو تہ: هُن جي نظمن، غزلن، بيتن ۽ واين جا ورلاپ، اُن ۾ موجود ڏک، پيڙا، خوف سڀ ڪجهہ سنڌ واسين جا ڏُک ۽ ڏولاوا ئي تہ اظهارين ٿا. . .آغا صاحب جي هن شاعريءَ تي اُن ڪري بہ گهڻو پيار اچي ٿو جو اُها سيني جي شاعريءَ کان الڳ ۽ مختلف آهي. هُن جي شاعريءَ جا لفظ. مثال طور: ’پرهہ‘، ’شفق‘، ’سڙهہ‘، ’سُوري‘، ’قاسي گهاٽ‘، ’ڪونج‘، ’پن ڇڻ‘، ’ابا بيل‘، ’چندبُ‘، ’موڪي‘، ’خواب‘ ۽ اهڃاڻ: وصل جو ستارو، راهبہ شام، ڪنوارا انگ، شفق جا رنگ، هجر جي رات، زنجيرن جو ڇڻڪو، واءَ ۾ ٽِڙندڙ جهوٽا، ولهہ ۾ پنل رابيل جا گل ۽ ٻيا ڪيترا... آغا صاحب جي شاعريءَ جو شفق اسان جو بہ تہ شفق آهي. هو پنهنجن شعرن ۾ جتي بہ، چندبُ، ستارن، سورج ۽ صُبح جو ذڪر ڇيڙي ٿو، اُتي اسين بہ اميدن سان پرجو، خوشين سان سرشار ٿيو ٿا وڃون.“(4)

آغا سليم جي شاعريءَ ۾ ڪي استعارا گهڻا پيرا آيا آهن، ۽ ساڳيءَ ريت ڪي ڪردار سندس ڪهاڻين ۾ پڻ ورجايل آهن. شايد اهي ڪردار ۽ استعارا سندس سڃاڻپ آهن. اپريل جو مهينو، چندبُ، راڪاپوشي، ستارا، ڪافي هائوس، مَدَ، حسن، موسم، بارش، چاندوڪي، رات وغيره اهڙا استعارا آهن، جيڪي آغا صاحب جي شاعريءَ ۾ ورجايل آهن. هن جي شاعريءَ ۾ خواب آهن، سوچ آهي، ڏاهپ آهي، ۽ فهم آهي.

”آغا سليم جي شاعري، جاڳندڙ اکين جي اهڙي سپني سمان آهي، جنهن جي ساپيان اوس ٿيٽي آهي. اِهوئي اُهو ويساهہ آهي، جيڪو شاعريءَ، شاعر ۽ اُن جي پڙهندڙ کي زندهہ رکي ٿو. آغا سليم اهڙي خواب کي روشن خواب، بلڪ وصل جو روشن خواب ٿو سڏي:

هجر جي هن رات ۾ آوصل جو روشن ڪو خواب!"(5)

آغا صاحب جي شاعري فڪر کان خالي ناهي. هن جو هر نظم، هر غزل، هر بيت ۽ هر وائي ڪنهن نہ ڪنهن فڪري نڪتي جو منجهيل سٽ ڪوليندي نظر اچن ٿا.

ڪافي هائوس ۾ دانشور هِن
ديس جي ڏُک کان بي خبر هِن
"فري ورلڊ ۽ ڪابل ڪرائيس"
"ٿرڊ ورلڊ جا ريچڊ ماسس"
"سوشو ايگزسٽينشلزم"
"نونو اسلامائيزيشن"
"سارتري ۽ ڪامو، آڊن"
"ديدن ڪيئڙا ڪهڙا درسن"
"پيچ پنيءَ جو نيڻ ٿا برسن!(6)

هڪ شاعر انهن خارجي لقائن (ديدن ڪيئڙا ڪهڙا درسن)، تي لچي، ڦٽڪي ٿو، پڄري ڪامي ٿو، سوچن جي صليب تي ٽنگجي ٿو ۽ لڙڪ ٿو لاڙي (پيچ پنيءَ جونيڻ ٿا برسن!) ۽ پوءِ انهن لڙڪن کي لفظن ۾ تبديل ڪري، نظم تخليق ٿو ڪري، جيڪو اسين پڙهون ٿا. پر ڇا اسين اُن نظم کي ڪڙهون بہ ٿا؟ ان ۾ داخلي سطح تي شاعر جيڪو درد پوڳيو آهي ۽ رقم ڪيو آهي، اُن کي محسوس ڪريون ٿا؟ ان نظم جي آخري بند ۾ آغا سليم چئِ شاعري جو مقصد، منشور پيش ڪري ٿو ۽ "ماڻهوءَ" ۾ ويساهہ جاڳائي ٿو ۽ هڪ نئين صبح جي بشارت ڏئي ٿو.

امداد حسيني صاحب لکيو آهي تہ

"آغا سليم جي شاعريءَ ۾ ڏينهن، شام، رات ۽ صبح جا استعارا بار بار اچن ٿا. سج، چنڊ ۽ تارا بہ هن جي شاعريءَ جي اُپ تي روشن رهن ٿا. آغا سليم هر صورت ۾ هڪ آشاوادي ڪوي آهي:

هي واءُ جا ٽڙندڙ جُهوتا، چئِ
جوڀن جي نشي ۾ مست قدم
مون تنهنجي پيشانيءَ کي چُهيو
پوءِ پيچ پني ۽ صبح ٿيو
۽ چوڌاري اُجرو نور ڦٽو!
(ڇهاءُ جو نُور) (7)

آغا سليم جي هن مختصر شعري مجموعي ۾ اسان کي ان ڏس ۾ انيڪ هيئتي تجربا ملن ٿا. ايسيتائين جو هُن غزل جهڙي صنف ۾ به اهڙا تجربا ڪيا آهن. پابند توڙي آزاد نظم ۾ به هُن هيئتي تجربا ڪيا آهن.

”آغا سليم جي بيت ۾ ترنم زيادهه آهي، شايد انڪري به ته اتي اهي ماترڪ ڇند بدران سُر تي وڌيڪ آڌارڪ آهن. اسان جي دور ۾ بيت لکيو ويو آهي، چيو (جهونگاري) نه ويو آهي ۽ اُهو گهٽي پاڳي هڪ هيئتي تجربو آهي.“(8)

آغا صاحب جي بيتن جو فن ته پختو آهي ئي آهي، پر انهن جو فڪري تصور پڻ انتهائي سگهارو آهي. جن ۾ هڪڙي پاسي رومانويت آهي ته ٻئي پاسي جماليات آهي. ٽئين پاسي انهن بيتن ۾ موجود تشبيهون، تمثيلون ۽ تلميحون انهن کي وڌيڪ معنيٰ خيز بڻائين ٿيون.

تنهنجي دل مان اِنءَ نڪتاسين، ڪعبي مان جنءَ لات منات
جڻ ته ڪي معزول خداوند، حمد نه جن جون ڪي آيات(9)

يا

هيءَ هيءَ انياءُ، موڪي! تنهنجي هَٽَ تي
ڪِن وَٽِ مَڌ آ اڻ مَيو، ڪِن جو سڪي ساهُ
اُڃيو، سُڃيو، ڊاپيل، ماڻهو ماڻهوءَ پاءُ
آ ته ڪيون ڪو نِياءُ، مَڌُ ورهايو ماڻهين.(10)

آغا صاحب سر يمن ڪلياڻ ۽ سر رامڪلي لکيو آهي. آغا صاحب جي سر يمن ڪلياڻ ۾ گهڻو ڪري موضوع موڪي آهي. موڪي سنڌ جي عروج وارن ڏينهن جو هڪ ڪردار آهي. جنهن کي شاهه سائينءَ سميت ٻين شاعرن ڳايو آهي. بنيادي طور تي موڪي هڪ تمثيلي اهڙو ڪردار آهي، جيڪو شعور جي مڌ آڇي پياڪن کي آگهي جو پيغام ڏئي ٿو. پياڪ جيڪي گهٽين شين کان آگاهه ناهن. موڪي آگاهي جو اهڃاڻ آهي. آغا صاحب پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ موڪيءَ کي اهڙو ئي ڪردار سڏيو آهي، جيڪو علم ۽ آگاهي جي مڌ آڇي ٿو. جنهن جي مڌ جي جام مان چوڏهينءَ جو چنڊ اڀري ٿو. ۽ گهاءَ جرڪن ٿا. گهائن جو جرڪڻ پڻ هڪ استعارو آهي، جيڪو ڪاميابيءَ جو ڏس پتو ڏئي ٿو.

موڪي! مَڌُ ته آڻ، اُڃياتو دَرَ آئِيا
تنهنجو جوڀن جڻ ته آ، مَڌُ مليل چانڊاڻ
جيئڻ جو اهڃاڻ، موڪي! مَڌُ ۽ موهُ آ(11)

سر ڪلياڻ سان گڏ آغا صاحب سر رامڪلي بہ چيو آهي. هن سر رامڪلي ۾ شامل بيتن اندر ڪلاسيڪي طرز اختيار ڪندي نوان تجربا ڪيا آهن. فني لحاظ کان هن اهي بيت لوڪ ادب جي مشهور صنف هفتا ڏينهن ۽ راتيون واري نموني تي ڏهہ بيت "ڏينهن" تي لکيا آهن. ڊاڪٽر رخمان گل پالاري صاحب پنهنجي پي ايچ ڊي ٿيسز ۾ مختلف حوالن سان لکيو آهي تہ،

"سنڌي لوڪ شاعريءَ جي هي صنف (ڏينهن راتيون) جا البت ٻين ٻولين ۾ ناهي هن جو سٽاءُ ۽ هن ۾ آيل سڪ، جهوري، اوسيئڙي ۽ ڳاراٽي واري مضمون تحت ملڻ محال آهي. البت سنڌيءَ ۾ هفتن ۽ مهينن کان سواءِ ڏينهن ۽ راتين کي جنهن هنر منديءَ ۽ تفصيل سان نباهيو ويو آهي. ان جو مثال ٻين ٻولين جي شاعريءَ ۾ نٿو ملي‌ءَ جي ڏنو وڃي تہ هن صنف جو باني بہ پٽائي گهوٽ ئي آهي. هن مجموعي (هفتا ڏينهن ۽ راتيون) ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽو ڪلام رامڪليءَ جي سر مان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جا چيل ٽيهہ ڏينهن آهن. ڪن رسالن ۾ اهي بيت ٻارنهن ڏينهن تائين لکيا ويا آهن."(12)

شاهہ لطيف سميت ٻين بہ ڪيترن ئي شاعرن جهڙوڪ نواب ولي محمد لغاري ، خليفي نبي بخش قاسم ۽ مخدوم طالب المولىٰ وغيره "ڏينهن" تي شاعري ڪئي آهي. آغا سليم جا هي بيت فڪري اعتبار کان شاهہ لطيف جي سر رامڪلي جو تتبع لڳن ٿا. ڇاڪاڻ تہ شاهہ لطيف جي "ڏينهن" واري سٽاءَ جا بيت جوڳين، سامين، پنٿين ۽ پورب ڏوريندڙن جي نالي سان آهن. گهڻو ڪري هفتن، ڏينهن، راتين ۽ مهينن واري شاعريءَ جو موضوع وڇوڙي، اڪيلائي يا انتظار واري ڪيفيت هوندي آهي. جڏهن تہ آغا صاحب جي بيتن ۾ جماليات، جدوجهد، وجوديت، سوچ، فڪر ۽ ڳُٽي وغيره جهڙا موضوع ملن ٿا. آغا صاحب جا "ڏينهن" واري سٽاءَ تي ڪل ڏهہ بيت ملن ٿا.

ڀهرين ڏينهن پروڙ، پيم ڪاپڙين جي
چوٽا چندن چِڪ ٽيل، جڳ مڳ جرڪي نور
انئي پهر اوندوهہ ۾، سُوامي چڪنا چور
پل پل تن کي پُور، ماٺهو، مٽيءَ ملڪ جو(13)

فني لحاظ کان هن بيت ۾ حرف تجنيس سميت ٻيون شعري صنعتون موجود آهن، جيئن ڀهرين سٽ ۾، "ڀهرين"، "پروڙ"، "پيم" ۽ ٻي سٽ ۾ "چوٽا، چندن، چِڪ" ۽ وري "جڳ، مڳ". "جرڪي" جهڙا لفظ آهن،

تئين سٽ ۾ ”انئي پهر“، ”اوندهہ“، وري ”چکنا، چور“، ”چوٿين سٽ ۾“ پل پل، پور ۽ وري ”ماڻهو“، ”مٽيءَ ملڪ“ جهڙا لفظ ۽ استعارا شعري حسن کي وڌائين ٿا. جڏهن تہ فڪري لحاظ کان اهڙن ڪاپڙين جي پروڙ پوڻ جيڪي مٽيءَ جي ملڪ يعني دارلفنا سان تعلق تہ رکن ٿا، پر هو فڪري اعتبار کان وقت کي بيهارڻ يعني تاريخ رقم ڪرڻ جي سگهہ رکن ٿا. شاهہ سائين جي سٽ ”مٽيءَ لڏو مان“ اهڙن ئي ڪردارن جي لاءِ آهي، جن لاءِ آغا صاحب ”ماڻهو، مٽيءَ ملڪ جو“ جهڙو استعارو ڪتب آندو آهي.

بٺي ڏينهن پيا بَري، ٻري جيئن مشعل
وُنا اڄ وجود تي، ٻِره جا بادل
هينئڙي ۾ هلچل، جوڳي جاڳائي وِيا

تئين ڏينهن ٽِمڪيون، دَرِ دَرِ تن جي دُونهيون
هينئڙي تن جي هيج تي، هو جي درمانديون
ٻرَ ٻرَ ٽَن ٻانهيون، سيڪن وينيون هٿڙا(14)

هنن بيتن ۾ پڻ ساڳي تجنيس حرفي جي سونهن موجود آهي. تجنيس حرفي سان گڏ فڪري لحاظ کان پڻ هي بيت اهم آهن. مشعل وانگر ٻرڻ، برهہ جي بادلن جو وسڻ ۽ هينئن ۾ هلچل مچڻ تحرڪ ۽ تحريڪ جا استعارا آهن. زندگي نالو ئي تحرڪ ۽ تحريڪ جو آهي. يا اڳئين بيت ۾ درد در تي دونهيون دکڻ ۽ انهن تي هٿڙا سيڪڻ اهي پڻ اهڙا استعارا آهن جن ۾ فڪري لحاظ کان اهم پيغام پنهان ٿيل آهن. يعني در در تي علم جو مشعلون ٻرن ٿيون؛ جن مان ماڻهو پنهنجي تشفي حاصل ڪن ٿا. علم، ڏاهپ، شعور ۽ آگهي ڏانهن اهڙا اشارا آغا صاحب جي شعري جهلڪ کي اهميت ڏين ٿا. يعني هو صرف لفظن جا ميڙ ۽ انبوهہ گڏ نٿو ڪري بلڪ فڪري اعتبار کان هو اهڙيون شيون سامهون آڻي ٿو جن مان عام پڙهندڙ لاڀ پرائي سگهي ٿو.

آغا صاحب جي شاعريءَ ۾ اهڃاڻي طور تي جوڳي يا سامي رهبر ۽ رهنما ٿي ڪري اچن ٿا. جيڪي مٽيءَ سان عشق ڪن ٿا ۽ اها مٽي پنهنجي ڳوڙهن سان ڌوئي پاڪ ڪن ٿا.

پنجين ڏينهن پاٻوه مان، هَنجُن پوئي هارَ
لاٿائون لوڪ تان، ڪارا ڪارونيارَ
ڌوتائون ڌرتيءَ کي، ڪري وس وسڪارَ
جهڙا ميگهہ ملهارَ، تهڙا سامي سِنڌ جا(15)

هن بيت جو اهم فڪري نڪتو، ”جهڙا ميگهه ملهارَ، تهڙا سامي سِندَ جا“ آهي. هي اهي سامي آهن، جيڪي هٽجن جا هار پائين ٿا ۽ لوڪ تان ڏکن جا ڪارا ڪڪر لاهي ڌرتي کي ڌوئن ٿا. هو پاڻ ته ڏک ۾ گذارين ٿا، پر ٻين جي لاءِ ڇپر ڇانو آهن.

”ڏينهن“ جي ترتيب وارن سمورن بيتن جو بنيادي نڪتو تصوف ۽ تصوف جون رمزون آهن. شاهه سائين وانگر آغا صاحب پڻ تمثيلي طور تي روايت کي جدت سان پيش ڪيو آهي.

**نتيجو:**

مجموعي طور تي آغا سليم صاحب جي شاعريءَ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته آغا صاحب جي شاعري فني توڙي فڪري اعتبار کان تمام گهڻي سگهاري آهي. سندس شاعري محض لفظن جو ميڙ ناهي بلڪ ان ۾ تمام گهرا فڪري نڪتا سمايل آهن. آغا صاحب جي شاعري شاهه سائين جي شاعري جي تتبع ۾ چيل معلوم ٿئي ٿي. خاص طور تي سندس بيتن ۽ واين واري شاعري چند وِديا تي چيل آهي. هن جي شاعري ۾ تصوف، رومانويت، ترقي پسندي، وجوديت، جماليات، حقيقت نگاري موجود آهي. سندس شاعري تمثيلن جو ميڙ به آهي ته اهڃاڻي طور تي عڪسيت ۽ منظرن سان پڻ سينگاريل آهي.

## حوالا:


1. ڪلياڻ، ريسرچ جرنل، ايڊيٽر، ڊاڪٽر غفور ميمڻ، ”جديد غزل جو اڀياس“، مقالو، ڊاڪٽر شير مهراڻي، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، 2015ع، ص، 22
2. مرزا نصير، ”جيئن سو تارو صبح جو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2016ع،ص: 65-66
3. آغا سليم، پن ڇڻ ۽ چنڊ، ڪونج اڪيڊمي، ڪراچي، 2017ع، ص: 14
4. نصير مرزا، آغا سليم، فن ۽ شخصيت، ص: 79
5. پن ڇڻ ۽ چنڊ، ڪونج اڪيڊمي، ڪراچي، 2017ع ص: 32
6. ساڳيو، ص: 3
7. ساڳيو، ص: 8
8. ساڳيو، ص: 42
9. ساڳيو، ص: 78
10. ساڳيو، ص: 80
11. ساڳيو، ص: 13
12. ساڳيو، ص: 40
13. ساڳيو، ص: 37
14. پن ڇڻ ۽ چنڊ، مهاڳ، امداد حسيني، ڪونج اڪيڊمي، ڪراچي، 2017ع، ص: 38
15. ڀالاري رخمان گل، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ لوڪ ادب جا اهڃاڻ، 2010ع (اڻ ڇپيل)، ص: 394

عبدالفتاح سپرو

# ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي مذاحمتي شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس

## Resistance in the Poetry of Dr. Tanveer Abbasi: A research study

**Abstract:**

Dr. Tanveer Abbasi, one of the leading and modern poets of Sindhi language, was born on the 7th December 1934 A.D. in village Sobho Dero, district Khairpur Mirs Dr. Tanveer Abbasi was multifarious literary figure whose literary services for the Sindhi language are much praiseworthy. He tried his pen on different literary genres and produced some twenty books.

Firstly, Tanveer Abbasi started his poetry under the influence of Persian, but later on under the impact of modern Sindhi poets of likes of Shaikh Ayaz, Ustad Bukhari, Shamsher ul Haidri, Ibrhaim Munshi and Imdad Hussaini, he turned to the modern Sindhi poetry. It is owing to this, that he is included in the list of those Sindhi modern and leading poets who led the Sindhi poetry to heights of modern poetry.

If his poetry is taken into consideration, it will be seen that it is laced with praise of natural beauty, love of beauty, beloved, humanism, philanthropy, peace, tranquility, simple joys and sorrows of life, fraternity, patriotism and above all revolutionary and rebellious elements. His poetry is specially appealing as it is pervasive with nationalism, widely dealing with the sorrows and sufferings, woes and worries of land and its people, with delicate touch.

ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ سوڀي ديري ۾ تاريخ 7 ڊسمبر 1934ع تي گل حسن عباسي جي گهر ۾ هڪ ننڍڙي ٻالڪ جنم ورتو، جنهن جو نالو نور نبي رکيو ويو.اهو ئي ٻالڪ وڏي ٿيڻ بعد طب ۽ ادب جي دنيا ۾”تنوير عباسي“ جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس نالو سنڌي ادبي حلقن ۾موجوده دؤر جي وڏن شاعرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. هن شروعاتي شاعري فارسي جي اثر هيٺ ڪئي پر پوءِ جلد ئي شيخ اياز، استاد بخاري، شمشرالحيدري، ابراهيم منشي، امداد حسيني ۽ ٻين ترقي پسند شاعرن جي سٿ ۾ شامل ٿي جديد سنڌي شاعريءَ طرف آيو. اهو ئي سبب آهي جو سندس شمار سنڌ جي انهن جديد سرواڻ شاعرن ۾ ٿئي ٿو، جن جديد شاعريءَ کي هٿي ڏئي اوج تي رسايو. تنويرعباسي جي شاعري ان گلدستي جي مثل آهي، جنهن ۾ ڀانت ڀانت جا گل ٽڙيل آهن جن جي گوناگونيت هر

پسندڙ ڪي پاڻ ڏانهن مائل ڪري ٿي. تنوير عباسي جي شاعريءَ بابت سنڌ جو نامور شاعر اياز گلهن ريت لکي ٿو، "تنوير جديد سنڌي شاعري ۾ پنهنجي ٿيهيءَ جي سگهارن شاعرن واري سٽ جو هڪ اهم نالو آهي. هن سڄي عالمي ادب جي فڪري ۽ فني لاڙن، روايتن ۽ تخليقي تبديلين سان بہ پنهنجي شاعري جي آبياري پئي ڪئي آهي. هن پنهنجي شاعري جي ابتدائي دؤر کان وٺي، سنڌي شاعري جي ڪمال جو استعارو بنجڻ تائين، هو هڪ صحيح معنيٰ ۾ باشعور، گهڻ پرهو ۽ ڀرپور تخليقي سگهہ رکندڙ شاعر رهيو آهي. وٽس فن ۽ فڪر جا سڀ رنگ آهن، عڪس ۽ احساس نت نوان گهاڙيٽن جي قالب ۾ پوپٽ جي پرن جيان نازڪ نفيس ۽ خوبصورت روپ موجود رهيا آهن، نيٽن ۽ آڱرين جي ڇهڻ تي، جن جا رنگ جيئن جو تيئن اتي ئي رهجي وڃن ٿا. تنوير جي شاعري سڌي سادي اظهار ۽ علامتي اڻ سڌي اظهار جو وڻندڙ ۽ دل ڇهندڙ سنگم آهي"(1).

تنوير جي انهيءَ جديد شعري رجحان تي راءِ ڏيندي نوجوان ليکڪ محترم رضوان گل لکي ٿو تہ "هن پنهنجي همعصر شاعر دوستن شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، عبدالڪريم گدائي. نياز همايوني وغيره سان گڏجي شعوري طور سنڌي شاعريءَ ۾ اهي فڪري تبديليون آنديون جنهن جي جديد دؤر جي مدنظر سنڌي شاعريءَ کي سخت ضرورت هئي. ڊاڪٽر جي اهڙي شاعريءَ ۾ ڌرتي، قوم ۽ عوام جي ڏکن کان وٺي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز بلند ڪرڻ جهڙا موضوع سمايل هئا."(2)

تنوير جي شاعريءَ تي اونهي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ فطرتي سونهن، محبوب جي مٺيان، غم، خوشي، امن آشتي، ايڪتا، انسان دوستي، سنڌيت، حب الوطني، قوميت ۽ انقلاب سندس شاعري جا اهم موضوع رهيا آهن. هتي سندس قومي ۽ انقلابي شاعري شاعري اپياس پيش ڪجي ٿو.

(الف) تنوير عباسي بحيثيت قومي شاعر

سڀ کان پهريان اسان کي سمجهڻو آهي تہ قومي شاعري ڇا آهي؟ قومي شاعريءَ مان مراد اها شاعري جنهن ۾ ملڪ، قوم ۽ ڌرتي ڌڻين جي هر سياسي سماجي، اقتصادي معاملن، مسئلن، مونجهارن، ڏکن، ڏاکڙن، مٿن ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ ڏمر جي نشاندهي سان گڏوگڏ ديس وارن جي همٿ، حوصلي، سخاوت، ساٿيهہ جي سڪ ۽ وطن تان قربان ٿيڻ جهڙا موضوع شامل هجن. اهڙي شعر کي قومي شاعري ڪوٺيو ويندو آهي. هن قسم جي شاعريءَ ۾ شاعر پنهجي فڪري شعور ذريعي انهن مسئلن معاملن جا ڏس

۽ گس ٻڌائيندو آهي. جنهن ۾ سندس قوم حاڪمن هٿان يرغمال ٿيل ۽ مسئلن جي ذٻڻ ۾ ڦاٿل هوندي آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي جي شاعريءَ ۾ اسان کي قوميت ۽ قومي شاعريءَ جي جهلڪ جاءِ بجاءِ ملي ٿي، هن پنهنجي قومي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن جي ڏکن اهنجن، ايذائن، قومي حقن، ايڪي اتحاد، امن، پيار، محبت ۽ انسانيت جو درس ڏنو آهي.

1_ سنڌيت

هر هڪ شاعر جي ڪلام پنيان ڪو نه ڪو پسمنظر ضرور هوندو آهي، جنهن ڪان متاثر ٿي هو شاعري ڪندو آهي. سندس ذاتي زندگيءَ جا مشاهدا، آس پاس جون حالتون، ماحول سان گڏ سياسي، سماجي، مذهبي ۽ معاشي حالتن جو پڻ مٿس گهرو اثر پوندو آهي. نه فقط ايترو پر اهو اثر سندس ملڪ ۽ عالمي خطي تي به ڇانيل هوندو آهي جنهن سبب ئي ان شاعر جو ڪلام پنهنجي دور جي عڪاسي ڪندي نظر ايندو آهي. سندس ڪلام ۾ ان وقت جي سماج جي سمورين حالتن ۽ خوبين يا خامين کي به پروڙي سگهبو آهي. اهڙي طرح تنوير جي نظر پنهنجي آس پاس جي سياسي ۽ سماجي پيچ ڊاهه تي هميشه رهي. هن ون يونٽ سميت مارشلائن جا مختلف دؤر به ڏٺا ته، نسلي فسادن سبب حيدرآباد ۽ ڪراچي جو ڪوس به ڏٺو جنهن ۾ قوميت جي نالي تي گهر گهر، گهٽي گهٽي، ۾ ڪونڌرن جا لاشا به پهچندي ڏٺا. اهڙن هاجن ۽ حادثن جي وارتا بيان ڪندي تنوير تڙپندي چيو:

گهٽي گهٽي آ سنڌ جي جڻ مياڻيءَ جو ميدان
ڳيرو ڳيرو ڳوٺ جو جڻ هوشوءَ جهڙو جوان (3)

ون يونٽ دؤران جتي سنڌي ماڻهن کي هيسائڻ ۽ مٽائڻ جون ڪوششون ڪيو ويون اتي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وجود کي مٽائڻ جو سازشون به سٽيون ويون. اهڙين حالت کي ڏسندي چئي ڏنائين:

سنڌ جيڪو به مٽائڻ ٿو گهري تنهنجو وجود
اهڙي ڪم ظرف ۽ نادان کي ڏسي رهنداسين (4)

تنوير وٽ مانئتو ۽ شانائتو ماڻهو اهو آهي جيڪو پنهنجي ڌرتي مٿان ڌن، دولت، مال ملڪيت جي قرباني نه ڏئي، پر ضرورت پوڻ تي ديس تان پنهنجي جان نثار به ڪري وجي. هو رڳو ماڻهن کي خالي نعري بازي واري قرباني طرف مائل نه ٿو ڪري پر ڌرتيءَ ماتا لاءِ پنهنجي سر جو سانگ لاهي جان گهورڻ جي ڳالهه به ڪري ٿو، جيئن چوي ٿو:

آهي انهيءَ ۾ مان جي سنڌ تان سر فدا ڪريان
ان ڪان مٽي جي مرتبو مون کي ڪپي تہ چا ڪريان (5)

تنوير جو پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين سان اهڙو ئي الستي عشق هو، جهڙو سهڻيءَ جو ميهار سان ٿي گذريو آهي. جيئن سهڻي ميهار جي موهہ ۾ موجون مارينڌڙ درياءَ جي ڇولين مان هن پار پهچندي هئي ائين ڌرتيءَ جو سچو پٽ هئڻ ناتي پنهنجي سر جي پرواهہ نہ ڪندي تنوير پاڻ بہ سنڌ تان قربان ٿيڻ لاءِ تيار نظر اچي ٿو، جنهن لاءِ ڪيس وڪ وڪ تي ڪيترين ئي تڪليفن کي سهڻو پيو آهي، جيئن هن شعر ۾چوي ٿو:

تون بہ سهڻي مان بہ سهڻي عشق تان قربان ٿئي
سنڌ پنهنجي تان اچو گڏجي هي سر گهوريون سيئي(6)

سماج جي هر ساجاهہ وند، عالم، اديب، ليکڪ شاعر ۽ فلسفي جي اها حتیٰ الامڪان ڪوشش هوندي آهي تہ هو پنهنجي قلم جي لکڻين ذريعي مصيبت ۾ مبتلا قوم جي ماڻهن جي هر موڙ تي ۽ هر گهڙيءَ تي رهنمائي ڪندا آهن. جن تڪليفن ۽ مشڪلاتن ۾ اهي ڦاٿل هوندا آهن ڪين تن کان من نہ من نجات ملي ۽ مستقبل ۾ڪين ڪو بہ اهنج نہ رسي، سندن صديون پراڻا سور ختم ٿين ۽ زندگي ۾ ڪو سک جو ساهہ کڻي جيئن. اهڙو اتساهہ ڏيندي چوي ٿو تہ:

روز هڪڙي نئين جفا آهي
روز هڪڙو نئون ستم آهي
سنڌ ۾ نيٺ انقلاب ايندو
منهنجي هٿ ۾ اجا قلم آهي. قطعو (7)

تنوير پنهنجي سموري حياتي ڌرتي ماتا جي لوڪن لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. تنوير جي وجود سان سنڌ جو سور وڻ ويڙهي جيان وڪوڙيل رهيو. هو پنهنجي رت جو ڦڙو ڦڙو ديس جي ڌرتيءَ ۽ سندس ابوجهہ ماڻهن مٿان قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هيو. هن کي سدائين ڏيهہ جي ڏڪايل مارن جو اونو هوندو هيو. سندس دل، دماغ ۽ زبان تي هر گهڙي هر پل فقط ئي فقط سنڌ ۽ سنڌ واسين جي امن، سلامتي پلائي، خوشحالي ۽ خيرانديشي جي ڳالهہ هوندي هئي. جيئن هن شعر مان ظاهر ٿئي ٿو:

امن ڏي تون سنڌ کي
پلا ڪر تون پال
مرڪن شال معصوم هٿ

نياڻيون تين نهال
سڪر سڻائي سنڌ ۾
هو وري سدا شال. (8)

2_ وطنيت

پنهنجي وطن سان پيار هجڻ هڪ فطري جذبو آهي، جنهن سبب انسان پنهنجي وطن لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ کان به ٽارو نٿو ڪري. وطن جي حب ايمان جو لازمي جزو آهي، جنهن ماڻهوءَ ۾ پنهنجي وطن سان پيار نہ آهي سو نڪ نرجو انسان چئبو آهي. دنيا ۾ اهڙو انسان ورلي ملندو جنهن کي پنهنجي ملڪ سان محبت نہ هجي. هو جنهن ملڪ جي مٽيءَ جي خمير مان پيدا ٿئي ٿو، جنهن جو داڻو پاڻي کائي پي وڏي ويجهي ٿو. جنهن جي مٽيءَ ۾ سندس ابا ڏاڏا دفن آهن. تنهن ڌرتيءَ سان محبت هجڻ هڪ فطرتي عمل آهي. تاريخ ۾ اسان کي اهڙن ڪيترن ئي جوڌن جوانن جا مثال ملن ٿا، جن هر ڏکي وقت اچڻ تي وطن لاءِ سمورو مال متاع، ڌن دولت، گهر ٻار بہ قربان ڪيا آهن، نہ فقط اهو پر پنهنجي سر ڏيڻ کان بہ ناهي ڪيٻايو. تنوير بہ پنهنجي وجود ۾ اهڙو ئي جذبو رکندڙ سنڌ ڄائو هيو. انهيءَ جذبي ۾ ايثار جي ڳالهہ هن طرح ڪري ٿو:

فدا هر فرد ملت تو مٿان ٿيندو پر شرط آهي
فدائي قوم ٿئي ۾ جذبہ ايثار پيدا ڪر (9)

تنوير جڏهن پنهنجي ديس واسين جون آهون ۾ دانهون ٻڌي ٿو تہ هن کي هڪ پلڪ بہ آرام نٿو اچي. هن جو روح رجهي پوي ٿو رهي ٿو ۾ سندس ساهہ سڙندو رهي ٿو. مٿس اهڙي ڪيفيت تاري ٿي وڃي ٿو جو هو پنهنجي جسم، جان، تن، من سر ساهہ مطلب تہ هر شيءِ کي ملڪ جي ملڪيت ٿو سمجهي ۾ انهيءَ دانهن جو دارون ڪندي چوي ٿو تہ:

رجهندو رهندو روح ۾ سڙندو رهندو ساهہ
ٻڌندو رهندس او وطن جيسين تنهنجي آهہ
منهنجو من ۾ ماهہ ٿيندو تنهنجي مِلڪِ نيٺ (10)

هونءَ تہ تنوير کي وطن جي هر شيءِ سان انس آهي، خاص ڪري ڪيس پنهنجا هم وطن ايترا پيارا آهن جو انهن مان ڪن کي صبح جهڙو سڀاجهو تہ وري ڪن کي شام جيان نماڻو ٿو ڪوني. سندس پيار جي اها انتها آهي جو هو هر وطن واسي ماڻهوءَ کي پنهنجو محبوب ٿو سمجهي. سندس انهيءَ محبوبپڻي جي جهلڪ اسان هن شعر ۾ پسون ٿا

ڪو صبح جنءَ سڀاجهو ڪو شام جيان نماڻو
محبوب آهي هر هڪ منهنجي وطن جو ماڻهو(11)

3_ اتحاد

دنيا جون اهي ئي قومون ترقي ماڻي سگهنديون آهن جن ۾ ايڪي ۽ اتحاد جو بنياد مضبوط ۽ٻڌل هوندو آهي. سنڌي قوم جي تاريخي مطالعي مان اسان کي خبر پوي ٿي ته هر دؤر جي يلغارن ۽ اندروني فتنن ۽ فسادن سان منهن مقابل ٿيندي هن قوم اتحاد جو رستو هٽان نه ڇڏيو آهي جنهن جو درس شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ به نظر اچي ٿو.

وڳر ڪيو وتن،پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻها ميٺ گهٽُو. (12)

تنوير عباسي جيئن ته بنيادي طور تي سنڌي هيو. هن کي سنڌ ۽ سنڌ جي هر شيءِ سان بي انتها انس هيو. سنڌي ماڻهن سان نيهن جو ناتو سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هو. تنهن ڪري هو سنڌي ماڻهن کي هر هنڌ ٻڌي، ايڪي ۽ اتحاد جو سبق ڏئي ٿو، هو پنهنجي شاعريءَ ذريعي نفرتون ۽ ڪدورتون وساري هڪ قوم ٻڻجڻ جي پرچار ڪري ٿو. تنوير گڏجي رهڻ، گڏجي مرڻ ۽ جيئڻ جو پيغام ڏيندي قوم واسين کي هڪ ٿيڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو:

گڏ ٿيو گڏ ٿيو
جي مرون ته گڏ مرون
۽ جيئون ته گڏ جيئون
ڪجھ ڪريون
۽ جو ڪريون ته گڏجي ڪريون. (13)

4_ انسان دوستي

اسلام هڪ عالمگير مذهب آهي، جنهن جو بنياد اخوت، ڀائپي، برابري، انصاف ۽ انسان دوستيءَ تي رکيل آهي. جنهن ۾ اوچ نيچ، ۽ نسلي متڀيد جو ڪوئي امتياز نه آهي. تنوير وٽ به هڪ حقيقي مسلمان وارو تصور آهي، سندس نظر ۾ ماڻهوءَ جي شڪل، شبيهه، بيهڪ، ڊول، رنگ، نسل جي ڪائي اهميت نه آهي، پر هن جي نظر ۾ انسان ۽ انسانيت سڀ کان اهم جز آهن. تنوير پنهنجي ننڍ پڻ واري زندگيءَ ۾ ننڍي کنڊ کي ٽڪرا ٿيندي ڏٺو ته وري ڦوهه جوانيءَ ۾ ملڪ کي ٽٽندي ڏٺو هو. هنن ٻنهي وڌن هاڃن سبب هن بي گناهه انسانن جو رت پاڻيءَ جيان وهندي

ڏنو. هر پاسي سڏڪا، دانهون ۽ آهون هيون. اهڙين حالتن وارن منظرن سندس دل ۽ دماغ تي تمام وڏو اثر ڇڏيو هو، اهڙين پوڳنائن جو احساس محسوس ڪندي پنهنجي ڪومل جذبن ۾ هن ريت اظهاري ٿو ته:

ڪنهن ڪنهن جا لڙڪ اگهان،
هر ڪنهن جي اک آلي آهي. (14)

بنيادي طور تي هر هڪ شاعر وٽ انسان ۽ انسانيت جو تصور سڀ کان اعليٰ ۽ اتم هوندو آهي. هڪ شاعر طور تنوير به انسان دوستيءَ جو علمبردار ٿي رهيو آهي. سندس اهڙي انسان دوستيءَ واري اتساهه لاءِ مشهور شاعر ۽ ڪهاڻيڪار محترم امداد حسيني هن ريت رقم طراز آهي ته "تنوير کي اسين انساني عظمتن جو شاعر چئي سگهون ٿا. هن جي اندر ۾ انسان ذات لاءِ اٿاهه ساگر آهي."(15)

تنوير جي انهيءَ انسان دوستيءَ بابت وڏيڪ ڊاڪٽر مهر خادم تنوير جي حياتيءَ ۾ مٿس ڪيل پنهنجي تحقيقي ايم _ فل مقالي ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو: "تنوير عباسي محبتن ۽ انسانيت جو شاعر آهي. سندس سوچ ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين کان ٿيندي، دنيا جي انسانن تائين وڃي پهچي ٿي."(16)

تنوير جي انسان دوستي جو جذبو آدرشي جذبو آهي. هن وٽ انسانيت جي عظمت سج جيان روشن آهي. جنهن جي وڏيڪ پروڙ اسان کي تنوير جي هن شعر مان ملي ٿي جنهن ۾ هن انسان جي اندر جي خوبصورتيءَ جو ڇٽ نهايت خوبصورت انداز ۾ ڇٽيوآهي.

ٻاهر جيڪو ڪارو ڪوجهو
اندر سارو سون
هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
هرڪا دل هيرن کاڻ.(17)

5_ عالمي سوچ ۽ فڪر

تنوير عباسي جي شاعريءَ ۾ عالمي سوچ ۽ فڪر جو هڳاءُ به جاءِ بجاءِ ملي ٿو، جنهن لاءِ مولانا غلام محمد گرامي جي راءِ آهي ته "محبت باهمي اخوت، انسانيت، عام جوشعور، حب الوطني (ڊاڪٽر تنوير) جي فن جا مکيه عنصر آهن، اهي ئي قدر آهن جن کي عالمي قدر چيو ويو آهي، جي سندس شاعريءَ جي جان آهن."(18)

گرامي صاحب سوءُ فيصد درست راءِ ڏني آهي، تنوير جي شعري مطالعي سان اها پروڙ پوي ٿي ته هن جا اصول ۽ آدرش، سوچ ۽ فڪر جا

لاڙا رکيو سنڌ ۽ سنڌي قوم تائين محدود نہ آهن پر دنيا جي جنهن خطي ۾ بہ ڏتڙيل ۽ بي حسي واري زندگي گهاريندڙ، نا انصافي ۽ اڻبرابريءَ جو شڪار ٿيل انسان وسن تا تنوير جو فڪر ۽ سوچ تن جو بہ ترجمان آهي. انهيءَ وسيع آدرشن بدولت تنوير عالمي سوچ ۽ فڪر رکندڙ هڪ سرواڻ شاعر آهي، جنهن جو ادراڪ اسان کي تنوير جي شاعريءَ ۾ هرهنڌ ملي ٿو جيئن هو چوي ٿو:

هتي انسانيت جو خون انسانن هٿان ٿو ٿئي،
ستم ڪهڙا اجا تنوير زير آسمان ڏسبا. (19)

(ب) تنوير جي انقلابي شاعري

انقلاب جي معنيٰ ملڪ ٽوڙڻ، ملڪ کي نقصان رسائڻ يا سرڪاري ملڪيتن کي تباهہ وبرباد ڪرڻ هرگز نہ سمجهڻ گهرجي بلڪ انقلاب جي معنيٰ اها سماجي، فڪري، معاشي تبديلي ۽ انسانن جي بنيادي حقوق آهن. جن سان خلق خدا کي فائدو رسي. ڊاڪٽر ملڪ نديم لکي ٿو، ”انسانيت کي معراج تڏهن ملندو، جڏهن هن جي سماج ۾ انصاف، عدل، ۽ امن، سک ۽ سرور آهي، ان تي پهچڻ جو رستو آزادي ۽ انقلاب آهي.“(20)

دنيا ۾ جيڪي بہ وڏا وڏا انقلاب ۽ تبديليون ٿي گذريون آهن انهن ۾ انقلابي شاعريءَ جو بنيادي ڪردار رهيو آهي پوءِ چاهي اهو فرانس جو انقلاب هجي،انگولا جي آزادي هجي، ويٽنامي آزاديءَ جي تحريڪ هجي يا ننڍي کنڊ جي انگريزن کان آزاديءَ خاطر عظيم هلچل واري تحريڪ يا جدوجهد هجي يا وري ون يونٽ واري دؤر جي سنڌ جي مزاحمتي تحريڪ هجي مطلب تہ قومن جي تحرڪ ۽ آزادي ماڻڻ ۾ انقلابيت جو وڏو ڪردار رهيو آهي. اهڙي انقلابيت واري شاعريءَ ۽ حالتن بابت محمد ابراهيم جويو شيخ اياز جي حوالي سان هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ: ”اياز جي سموري ڪلام ۾ هن ڌرتيءَ جي پيڙهيءَ پيڙهيءَ جي هزارين سال پراڻي پيڙا ڇڪجي آئي آهي. ان پيڙا ۾ چوٽڪاري جو امر سپنو بہ هن جي ساڃهہ شاعريءَ ۾ آهي.“(21)

سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي انقلابي شاعر ٿي گذريا آهن، جن ۾ نارائڻ شيام، عبدالڪريم گدائي، شيخ اياز، استاد بخاري، شمشيرالحيدري، منشي ابراهيم ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي شاعر ملن ٿا، جن پنهنجي پنهنجي شاعري ذريعي ملڪ ۽ قوم جي ڏکن، ڏاکڙن، اذيتن ۽ پيڙائن جي ڪٿائن کي قلم جي وسيلي بيان ڪندي، هر ڏاڍ، ڏمر، ظلم ۽ ستم سان مهاڏو اٽڪائيندي. اتساهہ، آدرش، قومي ٻڌي، قومي جذبي ۽

قومي بيداريءَ جو پيغام ڏيندي معاشري ۾ بهتر ۽ اعليٰ مثبت تبديلين آڻڻ لاءِ ڪوشان رهيا. تنوير عباسي به اهڙن انقلابي شاعرن منجهان هڪ آهي. تنوير هڪ باشعور فرد ۽ شاعر طور آزادي کان اڳ ۽ پوءِ وارينسياسي سماجي حالتن کان چڱيءَ ريت واقف هو. هن جيڪي خواب ڏٺا هئا، آزاديءَ بعد ملڪ ۾ نئون انقلاب ايندو جتي غريب، مسڪين، بي پهچ ۽ بي سهارا ماڻهن کي ڪو سهارو ملندو، جتي هر ماڻهو خوش وخرم رهندو، جتي هر ماڻهوءَ کي جسماني توڙي لساني آزادي هوندي، جتي ڏاڍي ۽ گابي وارو تصور نه هوندو، سڀن لاءِ قانون برابر هوندو، جتي بک بي روزگاري جو خاتمو ٿيندو. جتي ننگ ۽ ناموس جو وقار بلند هوندو. جتي ڪنهن خلاف ڪا نفرت نه هوندي، جتي معاشري ۾ امن، ايڪو، اتحاد، انسانيت ۽ مساوات جهڙا اعليٰ گڻ هوندا ۽ هڪ آزاد فضا هوندي، جتي ڪنهن کي به ساهه کڻڻ ۾ ڪا دشواري محسوس نه ٿيندي. پر جڏهن هن آزديءَ بعد ملڪ جو سياسي منظرنامو غيريقيني وارو ۽ ڪاروهنوار ابتو ڏٺو، اهي گهربل نتيجا ۽ تقاضائون جيڪي عوام کي پلئه پوڻا هئا، سي پئجي نه سگهيا اهڙن احساسن ۽ اڌمن هن جي من اندر مان هڪ انقلابي چڻنگ دکائي، جنهن کيس انقلابي شاعرن واري سٽ ۾ آڻي بيهاريو.

هڪ اديب يا شاعر جڏهن ڏيهه ڏڻين کي بنيادي حقن جهڙوڪ سماج ۾ انصاف، عدل، ۽ امن، سک ۽ سرور کان محروم ٿيندي ڏسي ٿو ته هن جي دل ۾ ڌڪار، ڪاوڙ ۽ نفرت جهڙا جذبا اڀرن ٿا، جيڪي هو پنهنجي لکڻين جي روپ ۾ نروار ڪري ٿو. اهڙا ئي جذبا اسان کي تنوير جي شاعريءَ ۾ به ملن ٿا، جيئن هو هڪ طويل نظم ۾ ڏيهه جي ڏتڙيل، غريب، مسڪين، اگهاڙ، بکارن ۽ ظلمتن جي ستايل ماڻهن جي زباني چوي ٿو:

مليو ٿي خون سان پر آهي جام آزادي،
ملي اسان کي غلامي بنام آزادي،
اجان نه طوق غلاميءَ جو نڪتوگردن مان،
ته پيو اسان جي ڳچيءَ ۾ هي دام آزادي.

*

اهو جي حال ٿيو آزاد ملڪ جو همدم،
ته سوچ ڪهڙي مصيبت ۾ هوندا ملڪ غلام،

*

اگر ڏسين تون غريبن جو جهوپڙيون همدم،
۽ ظلمتن جو گريان ڏسين ڪتي غربت،
يقين آهي رکين ٿو جي دل تون پهلو ۾،
ته توکي ٿي وڃي آزادي لفظ کان نفرت. (22)

تنوير جي انقلاب جو فڪر رڳو ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ نفرت تي ختم نہ ٿو ٿئي پر هن جا ارادا مضبوط آهن. هوڪڪائن جهوپڙين اڳيان محل ۽ ماڙين کي ڪمزور ٿو سمجهي، هن جي نظر ۾ طاقت جو سرچشمو عوام آهي، هو ڄاڻي ٿو تہ انقلاب آڻڻ وارا اهي ئي غريب، مسڪين ۽ پورهيت، ماڻهو آهن. هو انهن مان اميد نٿو لاهي، هن کي پڪ آهي تہ هڪڙو اهڙو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن ڌرتيءَ جا سڀ مظلوم سجاڳ ٿي، جابر ۽ ظالم کان پنهنجا پنهنجا بنيادي حق کسي وٺندا، تڏهن هي اميدن جو هڪ نئون جهان آباد ٿيندو ۽ روشن سج اڀرندو. جيئن تنوير چئي ٿو:

مضبوط جهوپڙيون ۽ ڪمزور محل ماڙيون،

سو ڏينهن آهي ويجهو ٿينديون اپيون ڪهاڙيون. (23)

تنوير جي آدرشي ۽ انقلابي فڪر بابت ليکڪ جهانگير عباسي پنهنجي مضمون ۾ وڏيڪ لکي ٿو تہ: ”شاعري ڪنهن هڪ دؤر تائين محدود ناهي هوندي، بلڪہ اها ايتري تہ وسيع هوندي آهي، جو شاعر جو پيغام پنهنجي انسانن جي دؤر کان وٺي ڪيترن ئي ايندڙ دؤر جي نسلن تائين ڦهليل ٿئي ٿي، خاص طور تي انقلابي شاعري تہ هر وقت ۽ دؤر جي حالتن جي سڌار لاءِ جڻ هڪ رهبر جو رهنمائي وارو ڪم ڪري ٿي. ڊاڪٽر صاحب جي انقلابي شاعري بہ ائين ئي آهي.(24)

تنوير پنهنجي حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين انقلاب لاءِ پراميد رهيو آهي، هو هر پل هر گهڙيءَ ”مري ٿيا نہ مات“ واري ڳالھ ڪندي نظر اچي ٿو ۽ سڀ کي اتساھ پريل زندگي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي صلاح پڻ ڏئي ٿو. هونءَ بہ اهو هڪ فطري عمل آهي تہ هڪ شاعر جي نگاھ پنهنجي دوؤر کان گهڻو اڳتي هوندي آهي، تنوير بہ جيئن تہ پنهنجي دؤر کان وٺي ترقي پسند سوچ ۽ فڪر رکندڙ شاعر ٿي رهيو جنهن جو فڪر هر دؤر ۾ ٻين لاءِ راھ مشعل آهي.

تنوير دؤر جديد جو سرواڻ شاعر آهي، تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ، سنڌ واسين، هم وطنيت ۽ انسانذات جي ڏکن، ڏولاون، احساسن، اڌمن، ۽ اندر جو آوازسمايل آهي. هو پنهنجي پيغام ذريعي منزل حاصل ڪرڻ جي عزم ۽ عمل جو درس ڏئي ٿو. حق سچ جو نعرو بلند ڪندي نظر اچي ٿو، هو ظلم آڏو جهڪڻ پسند نہ ٿو ڪري بلڪہ اوچي ڳاٽ جنگ جوٹڻ جو اعلان ڪري ٿو. هن جي شاعريءَ مان انقلاب ۽ بغاوت جي آواز سان گڏوگڏ عوام کي همٿ، حوصلي ۽ بهادريءَ سان ڏکندو ڏورٿيڻ جو درس بہ ملي ٿو.

ڪٿي وجون ٿا اسين غم ۾ نهي جهانن جا،
۽ پاڻ سان ڪٿي انقلاب ايندا سين،
اگر سوال اٿيو سر ڏيڻ جو او ساٿي،
ته پل ۾ ٻڌجي سراپا جواب ڏيندا سين. (25)

**حوالا:**


1. اياز گل، "مان تنوير آهيان" عباسي ڪلهوڙا تنظيم لاڙڪاڻو سنڌ، 2004ع، ص: 56-55
2. اياز گل، "مان تنوير آهيان" عباسي ڪلهوڙا تنظيم لاڙڪاڻو سنڌ، 2004ع، ص: 140
3. تنوير عباسي، "تنوير چئي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، 1989ع، ص: 283
4. ساڳيو، ص: 39
5. ساڳيو، ص: 192
6. ساڳيو، ص: 96
7. ساڳيو، ص: 34
8. ساڳيو، ص: 281
9. ساڳيو، ص: 22
10. ساڳيو، ص: 181
11. ساڳيو، ص: 257
12. قاضي امداد علي امام علي (مرتب) رسالو (پيغام) شاهه عبداللطيف جو، "سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٽيون 1993ع، ص: 105
13. تنوير عباسي، "تنوير چئي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، 1989ع، ص: 460
14. ساڳيو، ص: 262
15. حسيني امداد"، تنوير چئي، "(مهاڳ) سچ تري۽ هينان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ،ڄامشورو،1989ع، ص: 317
16. مهر خادم، "تنوير عباسي۽ جون علمي ادبي خدمتون، "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2011ع، ص: 78
17. تنوير عباسي"تنوير چئي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، 1989ع، ص: 178
18. گرامي غلام محمد، (مرتب) "تماهي مهراڻ شاعر نمبر" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1969ع ص:496
19. تنوير عباسي، "تنوير چئي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، 1989ع، ص: 09
20. ملڪ نديم ڊاڪٽر، "پوان شل قبول" (مرتب) اياز گل، تنوير عباسي ڪارنر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، سنڌ، 2005ع، ص: 34
21. جويو محمد ابراهيم، (مضمون) شيخ اياز جا گيت ۽ نغما، " تماهي مهراڻ شاعر نمبر" جلد 4، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1999ع، ص: 33
22. تنوير عباسي، "تنوير چئي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، 1989ع، ص: 39
23. ساڳيو، ص: 327
24. عباسي جهانگير، "پوان شل قبول"، (مرتب) اياز گل، تنوير عباسي ڪارنر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، سنڌ، 2005ع، ص: 121
25. تنوير عباسي،"تنوير چئي"،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ،ڄامشورو،1989ع،ص: 135

حرا جان

# ڪهاڻيءَ جو فن ۽ رزاق مهر جي ڪهاڻي، "سڪون ڪٿي آهي" جو تنقيدي جائزو
# Art of storytelling and critical review of Razzaq Mahar' s story, "Sukoon Kithe Aahe"

**Abstract:**

Renowned short story writer, Novelist and Poet Razaque Mahar was born inLarkana on July 20th .1954 He belonged to a lower middle class family. He entered in the realm of Sindhi literature as a poet but emerged later as a very creative, progressive and powerful prose writerespecially the short story and Drama writer. He wrote Short stories, Novels, stage plays and television dramas which were widely liked by the people. His TV serials Jeeyapo (the existence), was the master piece in Sindhi literature.The art and the craft of the Sindh have an exceptional identity in its mode and nature. Like the Sindhi poetry, the Sindhi short-stories and the Sindhi Dramas have also a glorious history; especially the modern short stories from the earlier period to the present are remarkable and the notable. Razaque Mahar is a great Sindhi short-story writer and a drama writer. In his writings he has focused on genuine issues of the Sindhi society. He has focused on the innovative issues of the society and has focused on the philosophical, psychological and historical dimension of the Sindhi Society .

In this research article I have tried to focus on the art of the short story and have critically analyzed the short story "Sukoon kithy Ahy" (Where is respite) written by Razzaque Mahar. In this story he has presented the true picture of Sindhi society.

## ڪهاڻيءَ جو فن:

ڪهاڻي بنيادي طور تي هڪ فن ئي آهي. ڪهاڻي وسيلي ڪهاڻيڪار سماج ۾ موجود قدرن، ريتن، رسمن، رواج ۽ نفسياتي ۽ جمالياتي روين کي پيش ڪري ٿو. هونئن ته آسماني ڪتابن ۾ موجود قصا به هڪ طرح جون ڪهاڻيون آهن: جن وسيلي انسانن کي سڌو رستو ٻڌائڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. ساڳي ريت جديد ڪهاڻي پڻ سماج جي اوڻاين کي پيش ڪرڻ لاءِ لکي وئي آهي. توڙي جو ڪهاڻيءَ جو بنيادي مقصد تفريح آهي، پر ان تفريح ۾ هڪ مقصد ضرور هوندو آهي.

شيخ اياز لکيو آهي ته: "هر ڪهاڻي ماحول جي اثر جو اظهار آهي ۽ اردگرد جي قصن جي پيداوار آهي آڳاٽي دور، جون ڪهاڻيون تصويرن ۾

ملن ٿيون، جي غارن ۾ ڇتيون ويون هيون ۽ زندگيءَ جي ضرورتن جو انساني جذبن ۽ خيالن تي اثر ڏيکارن ٿيون.“(1)

ڪهاڻي هڪ اهڙي ادبي صنف آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيڪار پنهنجي احساسن ۽ جذبن جي اظهار ڪي ڀرپور طريقي سان بيان ڪري ٿو. عام طور ڪنهن به واقعي يا حادثي کي احساساتي سطح تي ادبي رنگ ۾ بيان ڪرڻ کي ڪهاڻي چئجي ٿو. ڪهاڻي ناول، قصي يا داستان کان ننڍي هوندي آهي ۽ ڪهاڻي ۾ ٿورڙا ڪردار هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪهاڻي رڳو هڪ ڪردار جي هوندي آهي.

انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا موجب

“The short story is usually concerned with a single effect conveyed in single significant episode or scene involving small number o characters(2)”.

افساني يا ڪهاڻي جي لکڻ جي شروعات بابت قاضي خادم لکي ٿو. ”افساني جي شروعات زندگي جي بدلجندڙ اقدار مطابق ٿي. هڪ طرف ته ماڻهن وٽ ايترو وقت نه رهيو هو جو طويل قصا پڙهن ۽ مگڻهارن ۽ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ ويهي قصا ٻڌن.“(3)

جڏهن ته محمد اسماعيل عرساڻي صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب ”چار مقالا“ ۾ افساني بابت لکي ٿو.

”مختصر افسانو اسان جي پنهنجي زماني جي پيداوار آهي. ان جي بناوت تي نظر ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته اختصار ان جي سڀ کان زياده نمايان خصوصيت آهي‘ . . . افسانو پنهنجي منزل مقصود ڪان سفر جو آغاز ڪري ٿو ۽ اهو افساني نگار جيڪو وچ مان قصو ڪٽي ٿو، سو پوري اعتماد ۽ اختصار سان گڏ اڳتي وڌندو رهي ٿو. هن کي هر منزل تي پنهنجي آخري منزل جو پورو پورو احساس رهي ٿو.“(4)

جڏهن ڪهاڻيڪار ڪهاڻي لکڻ ويهي ٿو ته سندس چوڌاري هزارين موضوع، لاڳاپيل ڪردار ۽ نظرايندڙ حقيقتون اچن ٿيون. ”مختصر افسانو مختصر ٿي هئڻ گهرجي، يعني واقعن ۽ حادثن جو مجموعو، جنهن ۾ چرپر جي رفتار تيز هجي، ارتقا غير متوقع هجڻ ڪري ڪهاڻي هڪ غير يقيني حالت مان گذرندي عروج تائين پهچي ۽ پڄاڻي تسلي بخش ٿئي“.(5)

**رزاق مهر جي ڪهاڻين جو جائزو**

رزاق مهر بهترين ڪهاڻيڪار آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين جي اٽت انتهائي خوبصورت انداز ساڻ ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين جا پلاٽ، جاندار ۽

شاندار آهن. فني طور هو پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيءَ جا سيئي مروج گهاڙيٽا ڪتب آڻي ٿو. سندس ڪهاڻيون ضمير متڪلم واري انداز ۾ به لکيل آهن ته ضمير غائب واري انداز يعني ٽرڊ پرسن جي نموني تي پڻ لکيل آهن. پر اهم ڳالهه اها آهي ته رزاق مهر پنهنجين ڪهاڻين ۾ غير ضروري ڊيگهه ڪرڻ بدران گهربل لفظن ۾ پنهنجي ڳالهه ڪري ٿو. نتيجي طور سندس ڪهاڻيون پراثر ٿين ٿيون.

سندس ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ "سڪون ڪٿي آهي"، ۽ "ڊهندڙ ليڪا" شامل آهن. رزاق مهر جي بهترين ڪهاڻين ۾ "سڪون ڪٿي آهي"، "ڊهندڙ ليڪا" "اجهل هوا"، "تڏي تي وينل ماڻهو"، "آڙاهه"، "ٺرت زندگي"، "ٽٽل انسان"، "جنم جلي"، هڪ شخص جو موت"، "شڪست". "اوور ٽائيم"، ۽ "پيڙا جي ڪوهيڙن ۾" وغيره شامل آهن. سندس ڪهاڻي "آڙاهه" تي سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو پاران ڪيس بهترين ڪهاڻيءَ جو ايوارڊ پڻ مليو. سندس ڪهاڻيون اسلوب ۽ پيشڪش جي اعتبار کان پڪيون، پختيون ۽ شاندار آهن. هو ڪهاڻيءَ جي اٽت ۾ ڪٿي به جهول نٿو ڇڏي. انور صاحب سندس ڪتاب "سڪون ڪٿي آهي" جي تعارف ۾ لکي ٿو ته :

"رزاق مهر ترقي پسند سنڌي ڪهاڻيءَ جو نوجوان ليکڪ آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ستايل ڪردارن ۽ غريبن سان نه رڳو همدرديءَ جو اظهار ڪيل آهي. پر انهن کي "هيرو" ڪري پڻ پيش ڪيو ويو آهي. ڦورو ۽ پر مار ڪردارن کان نفرت هن جي ڪهاڻين ۾ برابر موجود آهي."(6)

رزاق مهر جي ڪهاڻين جي ڪردار نگاري ڪمال جي آهي. هو چاڪاڻ ته ڪهاڻين ۾ سماجي مسئلا، بک، بدحالي، بيروزگاري، وجودي ڪيفيتون بيان ڪري ٿو ان ڪري سندس ڪردار به اهڙائي آهن. جيڪي گهڻو ڪري ڏتڙيل طبقي جي عڪاسي ڪن ٿا. مختيار ملاح صاحب سندس ڪهاڻين بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو ته،"

"سندس ڪردار ۽ سماجي واقعات هڪٻئي سان نهڪندڙ هوندا آهن. سماج ۾ ڏاڍ، بيوس انسان جي مجبورين ۽ عذابن جو ذڪر پنهنجي ڪهاڻين ۾ سمايو اٿس."(7)

هتي سندس ڪجهه ڪهاڻي "سڪون ڪٿي آهي؟" جو تنقيدي جائزو پيش ڪجي ٿو.

رزاق مهر صاحب جي هيءَ ڪهاڻي "سڪون ڪٿي آهي؟" هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو وک وک تي زندگيءَ جون پيڙائون

۽ پوڳنائون برداشت ڪري، درد جي ان منزل تي وڃي پهچي ٿو: جتي ڪيس سک ۽ سڪون جي ڪا واهه نظر نٿي اچي. هي ڪهاڻي پڙهندي، پڙهندڙ به اهو ساڳيو ئي درد محسوس ڪري ٿو، جيڪو هن ڪهاڻي جو مرڪزي ڪردار منير احمد پوڳي رهيو آهي، جنهن ڪي حالتن جي شدتن ذهني طور بيمار بنائي ڇڏيو آهي، پر ڪيس پيار ۽ همدرديءَ جي ايتري ئي شديد ضرورت آهي، جيتري دوا جي ضرورت آهي، پر ڪيس ڪجھ به ميسر ناهي.

هن ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار منير احمد وٽ جيئڻ جي آس به شدت سان محسوس ڪري سگهجي ٿي، تڏهن ئي ته هو سرڪاري يا خيراتي اسپتالن ۾ هڪ طرح سان جڻ پاڻ کي ڪٽي پهچائي ٿو ته جيئن سندس دوا ٿي سگهي، ڇو جي هو اتي جي ماحول جي ڪيس پلي پت خبر هوندي آهي ته مسيحا ڪهڙي معيار جا وينل آهن. هو اتي پهچي ماڻهن جي ميڙ ۾، اتي جي ماحول ۾ جيڪو ڏسي ۽ محسوس ڪري ٿو، اهي سڀ اذيتون پنهنجي روح تي پوڳي رهيو هوندو آهي. اهو احساس ڪهاڻي پڙهندي شدت سان محسوس ٿئي ٿو، هڪ فرد، جيڪو زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ پٽڪي رهيو آهي ۽ زندگي ماڻڻ چاهي ٿو، پر محسوس ائين ٿئي ٿو ته هو ته موت طرف ئي وڌي رهيو آهي ۽ هاڻي ڪيس موت ئي قرار ڏياري سگهي ٿو.

منير جو درد جيتوڻيڪ پڙهندڙ کي شدت سان محسوس ٿئي ٿو، ۽ اها ڪنهن به ليکڪ جي وڏي ڪاميابي چئبي، جو سندس ڪردار لاءِ همدري پيدا ٿئي. ۽ منير اهڙو ئي ڪردار آهي، جيڪو ڪنهن حساس پڙهندڙ جي دل ۾ ڏک جيان گهڙي وڃي ٿو، پر ڪهاڻي پڙهندي ڪيترائي سوال جنم وٺن ٿا، جيڪي منير بابت آهن؟ نمبر پهريون ته فرد ڪٿي به، ڪنهن به اجڙيل يا ڏتڙيل حالت ۾ پهچندو آهي ته سماج سان گڏ، ان جو پنهنجو به ان ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح وڏو هٿ هوندو آهي. هتي منير بابت جي جيڪا ذهني حالت آهي، اها ڪا ڏينهن ٻن جي محسوس نٿي ٿئي، جيئن هر وڏي ناڪاميءَ پنيان يا هر بيماري پنيان فرد جو پنهنجون ڪئين ذاتي ڪوتاهيون به شامل هونديون آهن، ائين منير به يقيناً ان حالت ۾ نه پهتو هوندو . ان جو يقيناً هڪ وڏو پسمنظر هوندو، جيڪو هن ڪهاڻيءَ ۾ گم آهي؟

ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته هڪ فرد، جنهن جون سماعتون رڳو شور سان پريون پيون هجن، ان جو ڪارڻ رڳو سفارش نه هئڻ ڪري وڏي نوڪري نه ملڻ، نه پر ٻيا به ڪئين ڪارڻ هوندا؟ چوڻ جو مطلب آهي ته

ڪهاڻيءَ ۾،جيڪو منير احمد وٽ درد جو درياءَ آهي، اهو شروع ڪٿان ٿئي ٿو؟ اهو حصو هن ڪهاڻي مان گم آهي؟ اهڙا ڪردار بنيادي طور ڏاڍا حساس هوندا آهن. ۽ ٻيو انساني شخصي تعمير ۾ فرد جو ٻاروتڻ ۽ ان جون محروميون وڏو ڪردار ادا ڪنديون آهن، جيڪي دل ۽ دماغ تي اهڙا تہ گهر اثر ڇڏي وينديون آهن، جو فرد چاهيندي بہ ان مان نہ نڪري سگهندو آهي. نتيجي ۾فرد جي شخصيت جي جيڪا نندي هوندي ڪان وٺي فطري تعمير ٿيڻ گهرجي، اها پيچ ڊاهہ جو شڪار ٿي وڃي ٿي. ان ڪري پوءِ جوڀن جواني ۾ بہ پنهنجي اندر ۾ تتل تتل ۽ وڄايل وڄايل ئي رهندو آهي. ۽ ڪيس هڪ خوف هوندو آهي، جيڪو پوءِ ڪڏهن ڪهڙي صورت وٺندو آهي تہ ڪڏهن ڪهڙي صورت وٺندو آهي. ۽ اهو خوف جيڪو ذهني هوندو آهي. اهو اڳتي هلي فرد کي جسماني بيمارين ۾ بہ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي. پر هن ڪهاڻي ۾ صرف منير جي حال جي ئي منظرنگاري ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ هو لمحو لمحو لڇي رهيو آهي.

ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ پئسي جي اٿهوند، فرد کي سماجي حوالي سان لاچار، مجبور ۽ اڪيلو ڪري ڇڏيندي آهي. پر هڪ حساس فرد کي ان سان ڪان وڏيڪ محبتن جي اٽاٽ بہ نهوڙي رکندي آهي. اهو يقيناً پوءِ سماج جو سڀ ڪان لاچار، مجبور ۽ همدريءَ جي لائق ڪردار نظر ايندو آهي. منير بہ هڪ اهڙو ئي ڪردار آهي. پر ان سان جڙيل اهم ڪردارن کي بہ نالي ماتر بيان ڪيو ويو آهي. جيئن هتي منير ۽ سندس گهرواري جو تعلق بہ سطحي انداز ۾ بيان ڪيل آهي، بلڪ ڪهاڻيءَ مان واضح ئي نٿو ٿئي تہ سندس گهر واري جو ساڻس رويو ڪهڙو آهي؟ اهو بہ نهايت اهم حصو هن ڪهاڻي مان گم ٿيل آهي؟

عام طور سماج ۾اهو ڏٺو ويو آهي تہ غربت هوندي بہ جتي زال مڙس جي پاڻ ۾ محبت يا انڊراسٽينڊنگ هوندي آهي، اتي مشڪل لمحن ۽ امتحانن ۾ بہ گهٽيون شيون سڪون سان گذري وينديون آهن. ۽ فرد جو اصل سڪون پنهنجي گهر ۾ ئي لڪل هوندوآهي. ان ڪري جتي جتي تعلقات خوشگوار نہ هوندا آهن، اتي مسئلا ڪر ڪڍندا آهن، اٽبتون ٿينديون آهن، ۽ زال جو پنهنجي مڙس جي حياتي ناهڻ ۽ ڦٽائڻ ۾بہ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين هٿ ضرور هوندو آهي، پر هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪوبہ اهڙو ڏک بيان ڪيل ڪونهي.

ڪهاڻيءَ مان تہ اهو بہ واضح نٿو ٿئي تہ منير جو پسمنظر ڪهڙو آهي؟ هتي سندس پيڻ جي ڪهاڻيءَ جو ڪردار پڻ اٽپورو آهي؟ خبر نٿي

پئي تہ ان جي ڇا ڪهاڻي آهي؟ ٻيو سندس ذهن ۾ جيڪو عجيب عجيب آواز اڀرن ٿا، اهي دراصل هن جيڪا ماضيءَ ۾ اسپري جون ٿيهہ گوريون کاڌيون هيون، ان جي نتيجي ۾اڀرن ٿا. پر اهي گوريون بنيادي طور کاڌيون ڇو، ان جي خبر نٿي پئي. اهو نظر انداز ڪرڻ جهڙو سوال بہ ڪونهي؟ ڇو جو انهن ئي سيني واقعن ۽ پسمنظر جو ئي، منير جي موجوده اذيتن واري حال ۾ وڏو هٿ آهي؟ جيڪي ڪهاڻيڪار کان ٻڌائڻ رهجي ويا آهن.

رزاق صاحب جو ڪهاڻي جو انداز ئي ٻڌائي ٿو تہ هو ڪو عام ڪهاڻيڪار ناهي ۽ متس جيڪا امرجليل جو اثر قبول ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي تہ، خبر ناهي اها بہ ڪيئن ٿي ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. امرجليل جا ڪردار ٻي طرح جا آهن، انهن وٽ درد جي اها شدت ڪانهي، جيڪا مهر صاحب جي ڪردارن وٽ آهي. ٻيو اهي محبت جا گهرجائو آهن، پر رزاق صاحب جا ڪردار سماجي ۽ معاشي حوالي سان ذلتن واري زندگي گذارين ٿا. امر جليل جا ڪردار سئنيمائن جا آخري شو ڏسڻ وارا آهن، اها سندن عياشي آهي، پر رزاق صاحب جا ڪردار، خالي رڳو هڪ سڪئي ساهہ بہ لاءِ سڪن ٿا. منير ان جو مثال آهي.

پر هي ڪهاڻي، پنهنجي جوهر ۾ هڪ بهترين ڪهاڻي هوندي بہ ڏاڍي مايوسي پيدا ڪندڙ آهي. دراصل رزاق صاحب پنهنجي هن ڪردار کي ڪٿان بہ ڪا جيئڻ جي آس نٿو ڏيکاري؟ ٿيڻ تہ ائين گهرجي تہ ڪهاڻيڪار ڪٿان نہ ڪٿان پنهنجي ڪردار کي زندگي طرف وٺي اچي، جتي اهو ٿڌي دماغ سان پنهنجي حالتن تي ويچاري؟ ڪو دڳ ڳولي پنهنجي جيئڻ لاءِ. ڇاڪاڻ جو زندگي، ڪٿي بہ هجي، اها ڪهاڻيءَ ۾ هجي، نثري نظم ۾ هجي، ناول ۾ هجي يا ڊرامي ۾، ان کي هر حال ۾ روشني ۽ آس ڏي وٺي اچڻ گهرجي. پر رزاق صاحب "سڪون ڪٿي آهي" جي جواب ۾ منير کي، پنهنجي نياڻيءَ جي ڇهري جي مرڪ ۾ ڪا آٿت ڏيکارڻ جي بدران، سڪون ڪٿي بہ نہ آهي جي پسمنظر ۾ پل ۾ ماري، ۽ پل ۾ جياري رهيو آهي؟

هتي اهو سوال اڀري ٿو تہ سماج تہ آهي ئي نردئي، پر منير جو پنهنجي پاڻ ڏانهن ڪهڙو رويو آهي؟ ۽ هن پنهنجي زندگيءَ ۽ پنهنجي فيملي جي زندگيءَ کي سک وارو بنائڻ خاطر ڇا ڇا سوچيو ۽ پلان ڪيو هو، جنهن جي ناڪامي جي صورت ۾ هو نفسياتي طور بيمار ٿي پيو

آهي؟ ۽ ٻيو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو ته پوڳيو آهي، ۽ مسلسل نفسياتي سطح تي پيچ ڊاهه جي شڪار هوندي به مثبت شين جي تمنا گهٽ ڪئي آهي؟ ٽيندو ائين آهي، جو فرد هڪ حد تائين پوڳي پوڳي، منفي شين جي آڳ ۾ جلي، نيٺ مثبت سوچڻ شروع ڪندو آهي. ۽ سندس زندگي اتان ئي اٿل ڪائيندي آهي، پر منير جي زندگيءَ ۾ اهڙو موڙ به نٿو اچي.

جيڪڏهن هن ڪردار جو نفسياتي ڇيد ٿو ڪجي ته، منير بنيادي طور هڪ ناڪام ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي اندر ۾ ڪڙهي ته رهيو آهي، پر عملي طور هن ڪڏهن به پنهنجي سماجي زندگيءَ کي بدلائڻ لاءِ جدوجهد نه ڪئي آهي. ۽ ڪهاڻي ۾ سندس اهي پاسا به نه ڏيکاريا ويا آهن ته هو پنهنجي نوڪريءَ دوران ڪيئن آهي؟ ڇو جو عام طور ته ڪلارڪ طبقو انتهائي ڪرپٽ هوندو آهي ۽ اتي ساڻ به ڪريشن ڪندا آهن ۽ پنهنجن بالا آفيسرن کان به وڌيڪ مال ميڙيندا آهن؟

منير جيڪو سماج مان ايترو تنگ آهي، جنهن کي ڊاڪٽرن ۽ ماڻهن جي اڍنگن روين تي ته خار اچن ٿا ۽ هو معاشي سطح تي ايترو حد کان وڌيڪ لاچار آهي، پر ان مان به نڪرڻ جا جتن نٿو ڪري؟ هو مڪمل طور تي هڪ هارايل شخص نظر اچي رهيو آهي.

جيتوڻيڪ منير جي ڪردار سان اهي سڀ سوال وابسته آهن، ۽ ڪهاڻي پڙهندي ذهن ۾ ايرن به ٿا، جيڪي جائز به آهن، پر انهن کي ٻئي پاسي رکي، سوچجي ٿو ته ڪهاڻي پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي ائپروچ ۾ نفسياتي سطح تي ڏاڍي مضبوط آهي. ڪهاڻي جي منظرنگاري ايتري ته شدت سان ڪيل آهي، جو پڙهندي فرد پاڻ به ان گهٽ ٻوساٽ واري ماحول جو حصو بنجي وڃي ٿو. ۽ اهو به سچ آهي ته ڊاڪٽرن جي روش اڄ به پنهنجن مريض لاءِ ڪا اتساهيندڙ نه آهي. سندن چهري تي ٻاجهه بدران ڪاوڙ، بيزاري ۽ اهڙي طنز آهي، جيڪا ڇيت جيان جسم ۾ ڪپي ويندي آهي ۽ منير اهو سڀ درد محسوس ڪري ٿو.

نفسياتي سطح تي ڪهاڻيڪار، جڏهن منير جي ذهني ڪيفيت جو نقش ڪڍندي لکي ٿو ته:

”اسپتال جي احاطي کان ٻاهرا نظر ايندڙهڪ زبون ٽيل مسجد ڏانهن هو لاڳيتو گهوريندو رهيو، جنهن جون اُپيون اُپيون ڪر ڪٽي ٻينل نيلون، هُن کي پري کان بيمار ماڻهن جيان ڏاڍيون اُداس ۽ ويڳاڻيون نظر اچي رهيون هيون. هو مسجد ۾ جوڙيل انهن نيلن ۾ انساني زندگيءَ جا

چيچلائيندڙ اهنج محسوس ڪندورهيو. ۽ پوءِ هن هڪ آرس پيجي ٻئي پير ڦهلائي اکيون ٻوٽي ڇڏيون. وقت ٽڪل ٽڪل قدم ڪٽي هن جي اڳيان گذرڻ لڳو ۽ هو هر شئي کان بي خبر ٻڌجي اکيونٻوٽي ويٺو رهيو.“(8)

ڏاڍو درد آهي هنن سٽن ۾.

۽ سندس ٻيو جملو آهي: ”هن کي پکين جي آوازن ۾روحن جو روڄ محسوس ٿيو. الائي ڪهڙي جذبي کان هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. ڏنڊ۾ ويڙهيل عورت جي پنې ڏنائين. هوءَ آهستي آهستي ٻاهر وڃي رهي هئي ۽ تڏهن وري هنکي پنهنجي ڌيءُ ياد اچي وئي، جا اڪثر بيمار رهندي آهي. جا ٽڪل ٽڪل ساهه ڪٽي هنجي اڻپوري حاصلات مٿان ڇڻ ڇنول ڪندي آهي.“(9)

ڏنو وڃي ته هن ڪهاڻي جي ڪردار جو وڏي ۾ وڏو ڏک سندس معصوم ڌيءُ جو بيمار هجڻ آهي، جنهن جي ڪري ئي هو شايد بيمار آهي، پر ڪهاڻيڪار اهو ٻڌائي ناهي سگهيو يا منير جي اندر مان اهو ڏک ڪوٺي نه سگهيو آهي، ڀلا جيڪڏهن ڪوٺي نه سگهيو آهي ته ان جو علاج ته گهٽ ۾ گهٽ ۾ ڳولي لهي ها، ۽ منير جو پنهنجو علاج به سندس ننڍڙي جي ڇهري تي ئي لڪل آهي، جيڪا ننڊ ۾ڪنهن خواب تي مرڪي ٿي، حيرت آهي منير انهن لمحن ۾ سڪون، خوشي ۽ زندگيءَ جو مطلب نٿو سمجهي سگهي. شايد تڏهن ئي هن کي ڪٿي به سڪون نظر نٿو اچي. دراصل منير پاڻ ئي صحيح دڳ تي ناهي، هو علاج به صحيح جاءِ تان نه ڪرائي رهيو آهي.

ڏنو وڃي ته منير پنهنجي شخصيت، پنهنجي زندگيءَ کي روڳ ۽ آڳ پاڻ ئي لڳائي آهي، اسپرو جي ٽيهن گورين کائڻ کان وٺي. صحيح ڊاڪٽرن کان علاج نه ڪرائڻ تائين، هن پنهنجي پاڻ سان، پاڻ ئي زيادتيون ڪيون آهن. لوئيو آهي پنهنجي پاڻ کي. ۽ هي هڪ اهڙو ڪردار آهص، جنهن جي تباهي پنيان، جنهن کي لڳل روڳن پنيان، هن جو پنهنجو به ايترو ئي هٿ هوندو آهي، جيترو حالتن يا سماج جو آهي. الميو ته اهو به آهي ته سندن ئي آسپاس تازي هوا جي هڪ دري، ڌيءُ جي صورت ۾ کلي پئي هوندي آهي، ان ذريعي هو زندگي جي ميلي ۾ داخل ٿي، پنهنجي حصي جي زندگي ماڻي سگهي ٿو. حد اها آهي ته هو پنهنجي ننڍڙي ڌيءُ جي علاج بابت به نٿو سوچي، جنهن جي تندرستيءَ ۾ سندس به تندرستي لڪل آهي.

## نتيجو:

مجموعي طور تي ڪهاڻيءَ جي فن ۽ رزاق مهر جي ڪهاڻي، ”سڪون ڪٿي آهي؟“ جو تنقيدي جائزو وٺڻ ڪانپوءِ معلوم ٿئي ٿو ته هن جي ڪهاڻي ۾ سماج جي ڀرپور عڪاسي ملي ٿي. هيءَ ڪهاڻي سماجي حقيقت نگاري تي ٻڌل آهي، ڪهاڻيءَ جي ڪردار وٽ پيڙا به آهي ته ڏک جون ڀيون صورتون به آهن. پر اهم ڳالهه اها آهي ته هيءُ ڪردار حالتن سان سمجهوتو نٿو ڪري. هو مجبور ۽ محروم ضرور نظر اچي ٿو، پر ڪٿي به پنهنجن سماجي قدرن کي ڪرڻ نٿو ڏي. هڪ حقيقي ليکڪ پنهنجي سماج جي تعمير اهڙي نموني سان ئي ڪري سگهي ٿو. جيئن رزاق مهر صاحب ڪئي آهي. رزاق صاحب جون لڳ ڀڳ سڀ ڪهاڻيون هن سماج مان ڪنيل آهن، واقعا حقيقي معلوم ٿين ٿا، ڪردار ڀوڳيندي نظر اچن ٿا، جيڪو اسان جو وڏو الميو پڻ آهي. پر هو ڪٿي به سوديبازي نٿا ڪن.

## حوالا:


1. اياز، شيخ، جي تند برابر توريان (نثر)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع، ص: 23
2. The new encyclopeea of Britannica, vol. 10 page. 761
3. قاضي خادم، ادب ۽ روايتون، سنڌي ساهت گهر، 1992 ص72 :
4. عرساڻي، محمد اسمعيل، چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ 2005ع، ص: 44
5. سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، مختيار احمد ملاح، ڪانياواڙ بڪ اسٽور ڪراچي، ص: 289
6. مهر، رزاق: سڪون ڪٿي آهي (تعارف)، نئين دنيا پبليڪيشن، محلو مراد واهڻ، لاڙڪاڻو، سنڌ، ڇاپو پهريون، مئي 1983ع، ص: 5
7. ملاح، مختيار احمد: سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،ص: 626
8. مهر، رزاق: سڪون ڪٿي آهي، نئين دنيا پبليڪيشن، محلو مراد واهڻ، لاڙڪاڻو، سنڌ، ڇاپو پهريون، مئي 1983ع، ص: 27
9. مهر، رزاق: سڪون ڪٿي آهي، نئين دنيا پبليڪيشن، محلو مراد واهڻ، لاڙڪاڻو، سنڌ، ڇاپو پهريون، مئي 1983ع، ص: 25

بيبي فاطمہ ابڙو

# نورالهديٰ شاھ جي ڪھاڻين ۾ عورتزاد جو تصور

## The concept of Feminism in the short stories of Noor ul Huda Shah

**Abstract:**

The term feminism can be used to illustrate a historical, political, economical, psychological, cultural or profitable movement aimed to establish the equal rights and the legal protection for the women. Feminism involves political and sociological theories and philosophies concerned with issues of gender divergence, as well as a movement that advocates gender egalitarianism for the women and impel for the women's rights and interests. Without the concept of women no society can exist. Few societies have given her the much importance and a few the least. But this is the fact that no society can subsist without the women. In this research paper I have discussed the different aspects of the feminism in the short stories of Noorul Huda Shah. She has depicted the social, economical and psychological problems of the common women. In this research paper I have explored the different dimensions of her stories focusing on the problems of the common women.

عورت قدرت جي حسين ترين تخليق آهي، جنهن کان سواءِ ڪائنات جو وجود ممڪن ناهي. دنيا جو ڪار وهنوار مردن سان گڏ عورتن جو ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪوشش ڪرڻ سان ئي ممڪن آهي. مرد جتي زندگيءَ جون بنيادي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو، ڪاروبار يا نوڪري ڪري ٿو تہ اتي عورت ٻارن جي پرورش سان گڏ مرد جي ڪم ۽ ڪاروبار ۾ هٿ ونڊرائڻ سان گڏ شهري يا نيم شهري سماج ۾ خود بہ ملازمت ڪري ٿي ۽ پنهنجن ٻارڙن جي تعليم تي پڻ مرد کان وڌيڪ توجهہ ڏئي ٿي. ڪنهن بہ سماج جي بهتر اوسر عورت جي هاڪاري ڪردار کان سواءِ ممڪن ناهي ان ڪري ئي عورت کي ادب توڙي سماجيات ۾ تمام گهڻو بحث هيٺ آندو ويو آهي. دنيا جي هر شعبي ۾ عورتن جي ادا ڪيل ڪردار ۽ انهن جي ڪاوشن کي فراموش نٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ جو ڪهڙو بہ شعبو هجي، عورت پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور استعمال ڪندي پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪندي رهي ٿي.

”هن وقت دنيا جي ڪل آبادي لڳ ڀڳ 7 ارب 89 ڪروڙ آهي، جنهن مان 3 ارب 90 ڪروڙ عورتون آهن. يعني دنيا جو لڳ ڀڳ 49.6 سيڪڙو آبادي عورتن جي آهي.“(1)

دنيا جي اڌ آبادي عورتن تي ٻڌل آهي، ۽ عورت جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ کي سنڌي ۾ عورتازاد ۽ انگريزيءَ ۾ فيمينزم، اردو ۾ تاثينيت سڏيو وڃي ٿو.

عورت جي حقن لاءِ ووڙيندڙ فڪر کي انگريزيءَ ۾ فيمينزم چئبو آهي. فيمينزم جو اصطلاح اصل ۾ فرانس مان آيو. جنهن کي سڀ کان پهرين هڪ سماجيات جي ماهر چارلس فوريئر ڪتب آندو ۽ انگريزيءَ ۾ اهو اصطلاح 1890ع عورتن جي برابري لاءِ هلايل تحريڪ لاءِ استعمال ڪيو ويو.

The term “feminism” originated from the French word “feminisme,” coined by the utopian socialist Charles Fourier, and was first used in English in the 1890s, in association with the movement for equal political and legal rights for women(2).

عورتازاد جي هڪ وصف هيءَ به آهي ته، ”عورت تي سماج ۾، خاندان ۾، ڪم تي، ڪٿي به ڪنهن به طريقي سان ٿيندڙ استحصال جي شعور رکڻ ۽ ان حالت کي تبديل ڪرڻ لاءِ باشعور مردن توڙي عورتن پاران ورتل ڪوششن کي فيمينزم چئبو آهي.“(3)

ائين به چيو ويو آهي ته ”فيمينزم“ صرف عورتن جي حقن جي لاءِ اٿاريل فڪر ناهي بلڪ، فيمينزم هڪ اهڙو نظريو آهي، جيڪو سيني صنفن جي سياسي، معاشي ۽ سماجي برابري جي گهر ڪري ٿو.(4)

يعني فيمنزم صرف عورتن جي حقن جي ڳالهه جو نظريو يا فڪر ناهي بلڪ هن ۾ بنان ڪنهن جنسي فرق جي سيني جي حقن جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي. عام طور تي اهو به خيال سامهون اچي ٿو ته مختلف ٻولين ۾ نفسياتي طور تي عورتن کي گهٽ درجو ڏنو ويو جنهن ڪري فيمينزم جي تحريڪ اڀري. جيئن انگريزي لفظ ”وومين“ ۾ ”مين“ موجود آهي. اهڙي ريت ”هيومين“ يعني انسانذات ۾ به ”مين“ موجود آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”مرد“، ٻي پاسي لفظ ”پرسن“ ۾ ”سن“ موجود آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ”پٽ“. لفظ، ”فيميل“ ۾ به ”ميل“ موجود آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ”مرد“، جڏهن ته انگريزيءَ ۾ عورتن جي لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ ناڪاري معنيٰ ڏين ٿا. جهڙوڪ: ”مس بيهيو“، ”مس انڊراسٽينڊنگ“، ”مس ڪال“، ”مس مئنجيمينٽ“ وغيره. ساڳيو بحث ڊاڪٽر قاسم سوڍر پڻ

پنهنجي ڪتاب، ”فيمينزم ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي جدوجهد“ ۾ شامل ڪندي لکيو آهي ته، ”سنڌي ٻولي جي ادارن سميت ٻولي جي ماهرن کي ان نقطي تي ضرور غور ڪرڻ گهرجي ۽ ڪي بهتر متبادل لفظ تلاش ڪرڻ گهرجن، جن سان عورت جي حيثيت مرد جي برابر نظر اچي سگهي.“(5)

سنڌيءَ ۾ فيمينزم جو متبادل اصطلاح ”عورتازاد“ استعمال ٿئي ٿو، جيڪو سڀ کان اول ناليواري ڏاهي ۽ لکيڪ محمد ابراهيم جويي صاحب ڏنو. ته ماهي مهراڻ ۾ لکيل آهي ته هُو عورتن جي جدوجهد جي حمايت ڪندڙ آهي. عورت جدوجهد کي ”عورتازاد“ جو نالو به ابراهيم جويي صاحب جو ڏنل آهي. سنڌ فرينڊس سرڪل حيدرآباد جي ڇپيل ڪتاب ”عورتازاد“ ۾ عورت جي، هر رستي هر روپ ۾، آزاديءَ جي حمايت ٿو ڪري. ماءُ، ڀيڻ، ڌيءَ، جيون ساٿي جي حقن جي برابريءَ لاءِ آواز اٿاري ٿو. سماجي امن، عورت جي جياپي سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. سماجي برابري، تفريقي روين سان قائم نه ٿِي ٿِي سگهي. جويو صاحب، عورتازاد جي فڪر اپارڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي.(6)

عورتازاد جو مطلب عورتن جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ ۽ عورت کي معاشري ۾ جوڳو مقام ڏيارڻ آهي. ڇاڪاڻ ته عورت کي مرد جو ضد پئي سڏيو ويو.

| مرد | عورت |
|---|---|
| طاقتور | هيڻي |
| شڪاري | شڪار |
| لطف وٺندڙ | لطف ڏيندڙ |
| شرارتي | وندر جو سامان |
| متلاشي | تلاش |
| لذت | جسم.(7) |

عورتازاد جو بنيادي مقصد عورت جي آزاد حيثيت تسليم ڪرڻ ۽ تسليم ڪرائڻ آهي. گهڻن معاشرن ۾ عورت کي ان جو گهربل مقام نٿو ڏنو وڃي. ان ڪري عورتازاد جي تحريڪ هلي ۽ ان جو بنيادي مقصد اهو هو ته عورت کي ان جي اها حيثيت ڏني وڃي جيڪا بحيثيت هڪ انسان جي سندس حق آهي. ايني فرگوسن جو چوڻ آهي ته، مرد کي هر طرح سان پنهنجي سڃاڻ آهي، پر عورت جي سڃاڻ مرد سان جوڙي وئي آهي، جيڪا ساڻس نا انصافي آهي. عورت جي سڃاڻپ مرد سان جوڙي هن جي اصل سڃاڻپ کان جهڙوڪر انڪار ڪيو ويو آهي.

"Man has been defined by his relation ship to the out side world. . . to nature, to society, indeed to God ... whereas woman has been defined in relationship to man".(8)

يعني مرد کي پنهنجي ٻاهرين دنيا سان لاڳاپن تحت بيان ڪيو ويجي ٿو، جهڙوڪ، فطرت سان سندس تعلق، سماج سان سندس واسطيداري ايسيتائين جو خدا سان سندس تعلق به بحث هيٺ اچي ٿو، پر عورت کي صرف مرد سان سندس تعلق جي نسبت سڃاتو ويجي ٿو.

اتي عورت جي پنهنجي سڃاڻپ گم ٿي ويجي ٿي، هوءَ پنهنجي سڃاڻ ڳولهي ٿي، ادب ۾ سماج ۾، نفسيات ۾، سائنس ۾ ايسيتائين جو مذهبن ۽ قومن ۾ به عورت پنهنجي سڃاڻپ ڳولهي آهي. مطلب ته عورت پاران پنهنجي گم ٿيل سڃاڻپ لاءِ ڪوشش وٺڻ ئي اصل ۾ عورتازاد يا فيمينزم آهي.

عورتازاد تحريڪ جو پسمنظر تمام گهڻو قديم آهي. چاڪاڻ ته صدين کان وٺي عورت پنهنجي محرومين جي جنگ وڙهي رهي آهي. لڳ ڀڳ دنيا ۾ انسانن جي آباديءَ جي اڌ جيتري آبادي رکندڙ عورت ذات کي درست معنيٰ ۾ اجان پنهنجي سڃاڻ جي جنگ وڙهڻي پئي آهي. هوءَ اڄ به رشتن جي ڄار ۾ پنهنجي سڃاڻپ مرد سان منسوب ڪري ٿي. ڊاڪٽر فهميده حسين لکيو آهي ته، "عورت جي حيثيت جنم ڏيندڙ ماءُ جي به آهي ته ساڳئي پيٽ مان جنم وٺندڙ ڀيڻ جي به آهي. هوءَ زندگيءَ جي ڏکن سکن ۾ ساٿ ڏيندڙ زال به آهي ته پيار ۽ محبت، سک ۽ سلامتي جو اهڃاڻ ڌيءَ به آهي. سندس اهي حيثيتون پنهنجي جاءِ تي اٽل آهن. عورت جي هڪ حيثيت اهڙي به آهي جنهن تي سموري دنيا جي شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن پنهنجي پنهنجي طريقي سان اظهار خيال ڪيو آهي ۽ ڪيس پنهنجي ذهني ارتقا، سماجي پس منظر ۽ شخصي تجربن جي روشنيءَ ۾ هڪ روپ ڏنو آهي جيڪو ڪيس محبوب، پرين يا سپرينءَ جهڙن خوبصورت لفظن سان سينگاري ٿو.(9)

هاڪاري ۽ مثبت ئي سهي پر عورت کي بهرحال مرد سان جڙيل رشتن جي آڌار سڃاتو ويجي ٿو. هن کي ڪنهن مرد جي ماءُ، ڪنهن مرد جي ڀيڻ، ڪنهن مرد جي زال، ڪنهن مرد جي ڌي وغيره ته سڏيو ويجي ٿو.

نورالهديٰ شاهه 22 جولاءِ 1957 ع تي حيدر آباد ۾ ڄائي. سندس والد جو نالو عبدالهادي شاهه آهي، سندس واسطو ٽکڙ شهر جي معزز سيد گهراڻي سان آهي، جنهن جون سنڌ جي سياسي ۽ ادبي ميدان ۾ وڏيون

خدمتون آهن. هن پرائمري تعليم لاهور ۾ حاصل ڪئي، انٽر ڪراچي ۾ ۽ پوءِ حيدر آباد مان بي اي فاطمه جناح ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيائين.

سنڌي عورت ليکڪائن ۾ نور الهديٰ شاهه پنهنجي منفرد لکڻ جي انداز سبب پنهنجو الڳ مقام رکي ٿي. هوءَ سٺي ڪهاڻيڪاره هئڻ سان گڏ بهترين ڊراما نويس ۽ نثري نظم لکندڙ سٺي شاعره پڻ آهي. نورالهديٰ شاهه جو ننڍپڻ لاهور ۽ ڪراچي ۾ گذريو، جتي سندس والد صاحب جي نوڪري هوندي هئي.

سندس اڪثر ڪهاڻين ۾ ڏکن ۽ دردن ۾ ويڙهيل مظلوم عورت جي مظلوميت بابت وڏي بهادريءَ سان لکيو آهي. نورالهديٰ شاهه جي اهڙي اظهار تي ڪجهه اعتراض پڻ ٿيا. پر هن بهادريءَ سان عورت جي درد کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو.

نور الهديٰ شاهه حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجين ڪهاڻين توڙي ڊرامن يا ٻين لکڻين ۾ عورتن جي حقن جو سوال اپاري عورت جي عظمت جي ڳالهه ڪئي آهي. سندس ڪهاڻين ۾ عورت جي داخليت واري دنيا سان گڏ سماج جي خارجيت پڻ آهي.

سندس ڪهاڻي جلاوطن ۾ عورت جي بي وسي لاچاري مرد جي بي رحمي، بي دلي جي اُپٽار سندس ڪردار مريم جي واتان هن ريت ڪئي اٿس:

”هر گناهه ۾ تون ۽ مان برابر جا شريڪ ٿيون، ته گناهن جا داغ صرف منهنجو ئي پلاند ڇو ٿا آلو ڪن. منهنجي بدن جي نس، نس گناهه جو ثبوت بنجيو وڃي. ڇو منهنجي بدن ۾ مون لاءِ دوزخ جو عذاب رکيو ويو آهي. روايت آهي ته هڪ ڀيرو جڏهن مرد ۽ عورت کي ناقابل معافي ڏوهه ۾ سنگسار ڪيو ويو ته مڙد عورت کي پٿرن کان بچائڻ لاءِ عورت جي مٿان نمي ٿي ويو، پر تو ته ائين نه ڪيو. سمورا پٿر مون اڪيلي سر پلاند ۾ ميڙي ورتا هيا.“(10)

اهڙي طرح هو ڪهاڻين جي مجموعي ڪربلا ۾ وري ظلمن، ٽٽل سپنن محرومين، ناڪامين جي موٽ ۾ احتجاج جي صدا بلند ڪري ٿي.

هڪ ڪهاڻي ”اداس ڏيئو اڌ رات ديوداسي“ مريم چوي ٿي ته ”منهنجو اهو گمان غلط هو ته هي ڪائنات منهنجي لاءِ جڙي آهي. جنهن جو ڪو ٻه تصرف نه هوندو آهي پر جنهن کي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ ايڊجسٽ ڪرڻو هوندو آهي“(11)

نورالهديٰ شاهه حويلين ۾ رهندڙ انهن عورتن جي مسئلن کي خاص طور تي پنهنجين ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو، جن کي حويلين جون ديوارون ڪنهن قيد کان گهٽ ناهن لڳنديون. هوءَ عورت جي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول مان ٻاهر ڪڍڻ چاهي ٿي.

”هن جي ڪهاڻين ۾ پلاٽ ۽ ڪردار نگاري ٻيون فني گهرجون ڪندي موضوعن کي روايت ۽ جدت جي امتزاج سان پيش ڪيو ويو آهي. ليکڪا جي قلم تي داخلي ڪيفيتن کان وڌيڪ خارجي به ڳالهه ڪئي وئي آهي. هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ عورت جي استحصال جنسي، ذمينداري سماج جي حالتن ريتن رسمن تي به نظر وڌي آهي.“(12)

نورالهديٰ شاهه پنهنجين ڪهاڻين جي عورت ڪردارن کي بهادريءَ جو رستو ٻڌائي ٿي. سندس ڪهاڻيون ڪيترين ئي منجهيل عورتن جي دل جي عڪاسي ڪن ٿيون. ڪهاڻي ”وشواس“ ۾ هن هڪ عورت کان چورايو آهي ته ”مان وجائجي چڪي آهيان...شروع ۾ مون کي محسوس ٿيندو هو ته مان وڙهڻ چاهيان ٿي. وڙي سگهان ٿي گهٽو اڳتي هلي منهنجا هٿ ويڙهه جي انهي پاونا ته ڍرا ٿيڻ لڳا. سمجهيو تن جا ڪيترائي بليڪ پيپرز مون کان سائن ڪرايا ويا.“(13)

نورالهديٰ شاهه مڙني سنڌي ڪهاڻيڪار خواتين کان منفرد آهي. جو هن وڏن جي ويچارن ۽ حويلين جي قانونن تي اظاهر ظهور قلم ڪنيو آهي. وڏين حويلين جا وڏا راز آهن. وڏا سائين ۽ ننڍا سائين انسانن جي آئيندي جا مالڪ آهن. وٺي ته فيصلو ڪري ٻانهن هڪ يا ٻئي ڌر کي ڏين وٺي ته اها ٿيئن ڌر پاڻ وٽ امانت رکن اتفاق سان جي حويلي مان ڪو جيو ٻاهر نڪري وڃي ته حويلي اٿلي پوندي آسمان ٻاهه وسائيندا ماٽ ميٽ ۾ عزت سادات جي بچائڻ لاءِ چپ رهيو ان جيو کي اٽڪل سان شرط مشروط مجي واپش آٽبو ۽ ڪنهن پوڙهي نوڙهي ڪاري ڪٽ مائٽ جي ۾ ڏڪي ڇڏبو. جڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪو نه هو. نورالهديٰ شاهه اهڙن ظلمن تي قلم کي سراپا احتجاج بنائي ڇڏيو.

ڪهاڻي ”پارتو گوشت“ ۾ عورت جي حوالي کان مرد جي نفسيات کي وائڪو ڪيو آهي. نورالهديٰ شاهه لکي ٿي ته ڪاٻه عورت مرد لاءِ صرف ان وقت تائين پر ڪشش آهي، جيستائين هو ڪيس پنهنجي هوس جو نشانو نٿو بڻائي اهڙي وڏيري وٽ پيار جو ڪوبه تصور نٿو ملي. (14)

نور الهديٰ شاهه هن سماج جي ڪٽين رسمن کي للڪاري پنهنجي قلم کي طاقت ڏني آهي، جنهن جي ڪري ڪيس تمام گهٽي تنقيد به

برداشت ڪرڻي پئي. سندس تحريرن ۾ سماج جي خلاف تمام گهڻي نفرت ۽ ڪاوڙ ملي ٿي. جنهن جو اظهار هن پنهنجي ڪتاب جلاوطن جي مهاڳ ۾ هيئن ڪيو آهي ته:

”ظاهري اک سان ڏٺل منظر ۽ احساس جي اک رستي انهن جو اظهار ڪيل سنڌي سماج تي منهنجي ڪاوڙ آهي ۽ غصو آهي. جلاوطن جون ڪهاڻيون ان حساس فرد جا، سماج جاهلاڻه قدرن کي قائم رکندڙ قوت کان سوال آهن. اهي سوال مجموعي طرح سنڌي سماج ۾ عورت جي وجودي ذهني ۽ سماجي آزادي جا سوال آهن.“(15)

ائين نورالهديٰ شاهه سماجي براين جي خلاف به بيباڪي سان لکيو آهي، هن عورت سان ٿيندڙ متڀيد کي چٽيءَ طرح سان عڪس ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين جي لکڻ واري ڪيفيت هن ريت ٿي بيان ڪري:

”مون جڏهن سنڌي ۾ سنجيدگي سان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هيون، تڏهن اهو منهنجي حيرتن جو زمانو هو، سنڌي سماج منهنجي لاءِ حيران ڪندڙ انڪشاف هو. هڪ ڏينهن خواب مان ڪلي پيل اک جيان پاڻ کي هڪ اڻبرابري واري ۽ ريتن ۽ رواجن ۾ قاتل سماج ۾ ڏسي منهنجي اندر ڪائي چٽنگ ڏُکي پوڻ ڪان پهرين ڪو مڇ ٻري پيو هو.“(16)

نور الهديٰ شاهه هڪ عورت جي حيثيت سان عورت جي درد کي محسوس ڪري لکيو آهي، هوءَ لکي ٿي.

”پنهنجي سهاڳ جي چانوَ ۾ ويهي به مون انهن نياڻين جا دک پوڳيا آهن، جيڪي حويليءَ جي اوچن ڪوٽن ۾ بند آهن ۽ ڪو به شهزادو ڪنهن چاندوڪي رات ۾ انهن سان لائون لهڻ ڪونه ايندو. مون انهن ٻانهين جو به عذاب سنو آهي جيڪي ستن پيڙهين کان مالڪن جي بسترن جو شوپيس بڻجنديون ٿيون اچن. ۽ مون ان خوبصورت شهزادين جي احساسن جا به صليب ڪنيا آهن جيڪي نڪاح جي ٽن ٻولن جي عيوض ڪنهن پوڙهي مير، پير، رئيس جي پوڙهي جسم جي گهنجن ۾ سجايون ٿيون وڃن سو، منهنجين انيڪ ڪهاڻين جو ڪردار آئون پاڻ به آهيان. ڪهاڻي پوري ٿيڻ تائين مون انهيءَ ڪردار جا سمورا دک پوڳيا آهن وڏيڪ چوي ٿي ته: ڪڏهين ڪڏهين ڪيڏي شدت سان چاهيندي آهيان ته سٽ ڏئي اهي اڃيون پڳون لاهي ڪنين ڪسبن ۾ اڇلائي ڇڏيان. ڪوٽن ۾ زمانن کان قيد شهزاديون بچائي وڃان. چڪلن جون ڪسباڻيون باعزت پڳدارن سان پرڻائي ڇڏيان، بنگلن کي باهيون ڏياري ڇڏيان، تجوڙين ۽ بينڪن ۾ ڏاڙا هڻائي اها سموري دولت سنڌوءَ ۾ لوڙهي ڇڏيان، جيڪا ٿر جي بک ۽

اج نہ تي وسائي سگهي.  منهنجن انگ اگهاڙن مارو‌ئڙن جوانگ نہ تي ڍڪي سگهي پر آئون ڪجھ بہ نہ ڪري سگهندي آهيان. اهڙي سمي آئون ڪهاڻيون لکندي آهيان، آئون جيڪا سنڌي سماج جي هڪ بي حد عام عورت آهيان.“(17)

سماج ۾ عورت کي سندس حق شروع کان ئي ناهي مليو. پر اها بہ حقيقت آهي تہ هوءَ اعلانيا پنهنجو حق گهري بہ ناهي سگهي. نور الهديٰ شاهہ حقيقت ۾ عورت کي ان جي زبان عطا ڪئي آهي. ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب، نور الهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: ”سندس شروعاتي ڪهاڻين ۾ داخلي موضوعن ۾ هوءَ سماج کان، ريتن رسمن کان ۽ اخلاقي قدرن کان مڪمل باغي نظر اچي ٿي. خاص طور سان جاگيرداري سماج ۾ عورت جي وجود سندس جذبن سان هٽ چراند، اخلاق، مذهب، روايتن جي نالي ۾ عورتن تي پابنديون سندس موضوع رهيا آهن. نورالهديٰ شاهہ انسان کي سندس سيني پرمن ۽ لباس مان ڪڍي سندس فطري اندازمہ ڪيس پيش ڪيو آهي. وجود جي جيڪا بہ ڪوڙاڻ آهي ان کي چوندي سماج جي منهن تي ٺوڪاريو آهي. نتيجي طور نورالهديٰ شاهہ وٽ وجودي وارداتن ۾ گهيريل عورت جا سڀ روپ ملن ٿا، جن ۾ جنسي گهٽ ۽ ٻوساٽ سبب پيدا ٿيندڙ اڪيلائي، سماجي پابندين منجهان جنم وٺندڙ مايوسي، موت جا پاڇا ۽ بغاوت سڀ ڪجھ موجود آهي.“(18)

هن وقت نور الهديٰ شاهہ پنهنجين ڪهاڻين جي فڪري توڙي فني اعتبار کان پنهنجي عروج تي نظر اچي ٿي، هن جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جو سرمايو آهن. هن جو انداز ٻين ڪهاڻيڪارائن کان بنهہ مختلف ۽ منفرد آهي. جيڪو وٽندڙ ۽ عورتن کي حوصلوڏيندڙ آهي، هن کي هڪ ئي وقت ڪهاڻي، نثري شاعري ۽ ڊرامي جي فن تي عبورمهارت حاصل آهي.

سيد مظهر جميل نور الهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين بابت ڳالهائيندي لکي ٿو تہ،

”نورالہدیٰ شاہ نے عورت کے معاشرتی اور اخلاقی مسائل کے ساتھ اس کے صنفی اور وجودی مسئلوں کو بھی چھیڑا ہے اور ایسی کہانیاں بھی لکھی ہیں جن میں عورت ذات کے وجود کا بطور 'انسان' احترام نہ کیے جانے کے خلاف احتجاج ملتا ہے۔ ان کی شہرہء آفاق کہانی 'جلا وطن' میں عورت کا کردار مکمل باغی ہے، جو نہ صرف سماج کے فرسودہ رواجوں اور اخلاقی پابندیوں سے بغاوت کرتا ہے، بلکہ بعض مذہبی اوہام اور تصورات کی بھی نفی کرتا ہے۔“(19)

نور الهديٰ شاهه خاص طور تي ”جلاوطن“ ۽ ”ڪربلا“ ۾ سماجي حقيقت نگاري جي فڪر کي بيان ڪيو آهي. هن پنهنجا ڪردار سماج مان کنيا آهن. ليڪڪا انهن ڪتابن ۾ موجود ڪهاڻين ۾ اهڙي عورت جي تصوير پيش ڪئي آهي جيڪا درد جي رڻ مان اڪيلي گذرندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ ڪير بہ سندس مدد ڪرڻ لاءِ موجود ناهي،پاڻ جتي بہ رهي ٿي اتي غيرمحفوظ تصور ڪري ٿي. ڪير بہ ناهي جيڪو نہ رڳو احساسن جو پر سندس عزت جو بہ محافظ ٿئي سندس عزت نفس ڦرڻ جو ذميواراڪيلو مرد ئي آهي. هنن ڪهاڻي ڪتابن ۾ عورت جي داخلي احساسن جي ترجماني جذباتي حد تائين ٿيل آهي. هوءَ عورت جي درست معنيٰ ۾ ترجمان آهي.

سندس ڪهاڻي، ”ديوارون“، ٻن عورتن جي ڪهاڻي آهي، جن مان هڪڙي شريفن جي پاڙي ۾ تہ رهي ٿي، پر هوءَ سماجي مجبورين سبب ۽ معاشي مسئلن جي حل لاءِ اهڙو ڌنڌو ڪري ٿي، جيڪو ٻين جي نگاهه ۾ مناسب ناهي. ۽ ٻي عورت ساڳيو ئي ڌنڌو رات جي اونداهيءَ ۾ پنهنجي مرضيءَ سان ڪري ٿي، جنهن کي بظاهر ڪو بہ معاشي مسئلو ناهي. هوءَ هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج تي وڏي تنقيد ڪري ٿي.

سندس ٻي ڪهاڻي، ”ناگا ساڪي“ هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪا پنهنجي ٿيندڙ شادي کان انڪار ڪري ٿي. پر امڙ جي طرفان خود ڪشي واري ڌمڪي ۽ پيءُ طرفان هٿ ٻڌي ليلائڻ ڪري مجبورن زهر جو ڍڪ پي شادي ڪري ٿي. جنهن سان شادي ٿئيس ٿي اهو سندس پيءُ جيڏي عمر جو هو. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار سڪينہ آهي. جنهن جي جنهن رئيس سان سندس شادي ٿئي ٿي، هو اڳ ئي ٽي شاديون ڪيل آهي. سندس پهرين زال مان حميد نالي هڪ پٽ اٿس. جيڪو سڪينہ جي عمر جو آهي. رئيس پاران نوجوان گهرواري کي وقت نہ ڏيڻ سبب حميد پنهنجي ويڳي ماءُ سان لاڳاپن ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ پڻ سماج ۾ ناسور بڻيل رسمن کي تنقيد جو نشان بڻايو ويو آهي.

سندس ڪهاڻي، ”منهنجي پٽ جي ماءُ“ جا مرڪزي ڪردار بہ زال مڙس آهن جيڪي پنهنجي جواني ڌرتي ۽ وطن کي ڦرمار ڪندڙ طبقي مان آجو ڪرائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏين ٿا. ٻئي پاڻ ايڏا تہ ايماندار ۽ سچار آهن جو پويان پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ بچائي نہ ٿا سگهن. سندن پارٽيءَ ۾ هنن جو ايڏو تہ پورهيو شامل آهي جو ملڪي ليول تي سڃاتا وڃن ٿا. شاديءَ کان

اڳ بہ ورهين تائين هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئا پر پارٽيءَ جي ڪم ۾ ايڏا تہ مصروف هوندا هيا جو ملاقات ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي هين. شاديءَ کان پوءِ جڏهن عملي زندگيءَ ۾ پير رکن ٿا تہ ڏاڍا ڏکيا ڏينهن سندن آجيان ڪندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ايستائين جو ماني ٽڪي لاءِ بہ پريشان رهن ٿا. پر هو ڏک جي رڻ ۾ تڏهن پٽڪڻ لڳن ٿا جڏهن پنهنجي ڇهن مهينن جي پٽ لاءِ کير وٺڻ لاءِ محتاج بڻجي وڃن ٿا. پوءِ ٻنهيءَ جي وچ ۾ تلخي ٿئي ٿي. ۽ عورت مرد کي چوي ٿي تہ ”ههڙن ڏينهن لاءِ ڪجھ بہ بچائي نہ رکيئي، سڄي زندگي قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏيئي.“ سندس مڙس ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش ٻڌندو رهيس ٿو. هو سوچي ٿو تہ پاڻ بہ ان پارٽيءَ ۾ شامل رهي آهين. ورهين تائين وطن ۽ ڌرتيءَ لاءِ سسئيءَ جيان اذيتن جو سفر ڪيو اتائين پوءِ اڪيلو مون کي ئي ڇو ڏوهي ٺهرائي ٿي ٻيا بار بہ ٿين ٿا پر هنن وچ ۾ مفاصلو اچي وڃي ٿو پنهنجي پارٽي اڳواڻن جي ڊوڪيبازيءَ ڪري هي پارٽيءَ کان ڇڄي وڃن ٿا. گذر سفر لاءِ سندس زال سستي اگھ تي ٽيوشن پڙهائڻ لڳي ۽ سندس مڙس گھٽ ۾ گھٽ معاوضي تي پريس ۾ پروف ڏسڻ جي نوڪري ڪرڻ لڳو. ٻئي ان وقت وري هڪ ٻئي زلزلي مان گذرن ٿا جڏهن سندن ورهين کان برسات ۾ ٽمندڙ ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي جنهن ۾ سندن هڪ ننڍڙي نياڻي زخمي حالت ۾ سرڪاري اسپتال ڪٽي پهچن ٿا ۽ ٻئي دانهون ڪندي اسپتال جي عملي کي چون ٿا تہ اسان پنهنجي حياتي وطن لاءِ وقف ڪري ڇڏي توهان سڀ سڃاڻو ٿا خدارا اسان جي نياڻيءَ لاءِ ڪجھ ڪريو. پر سندن ڪنهن بہ مدد نہ ڪئي ۽ سندن نياڻي تڙپي تڙپي گذاري وئي. ان کان پوءِ سندس زال ڏک ۽ درد جو مجسمو بڻجي گھر ۾ گذارڻ لڳي ٿي. پر سندن نوجوان پٽ جڏهن ان پارٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لڳي ٿو تہ هوءَ جذباتي ٿي وڃي ٿيءَ چويس ٿي تہ ڪنهن بہ پارٽيءَ ۾نہ وڃ. زندگي اسان وانگر برباد ٿي ويندئي. خدارا پاڻ تي رحم ڪر، پڙھ ۽ نوڪري ڪر. گھر سنڀال پر سندن پٽ هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ پوءِ ورهين جا ورهيہ غائب رهندو آهي. ان وچ ۾ شهر اندر ٿيندڙ اڻ وڻندڙ واقعي کان پوءِ پوليس ۽ فوج هنن جو در کڙڪائي ٿي. ڪهاڻي اُتي ختم ٿئي ٿي جڏهن سالن جي وٿيءَ کان پوءِ پٽ گھر اچين ٿو پهريان تہ سندس امڙ نہ ٿي سڃاڻيس پر جڏهن تعارف ڪرائيس ٿو تہ توهان جو پٽ آهيان هاڻي مان اقتدار ۾ رهندڙ پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو آهيان ۽ مون کي وزارت ملڻ واري آهي ڏسو سرڪاري گاڏيءَ ۾ پروٽوڪول سان آيو آهيان توهان جا ڏکيا ڏينهن هاڻي ختم ٿيڻ وارا آهن تہ اتي موجود سندس ماءُ ڏک

۽ درد سان پرجي وڃي ٿي ۽ ڪيس چوي ٿي تہ تو ان پارٽيءَ سان اتحاد ڪيو آهي، جيڪا اسان جي نسلن جي دشمن آهي. تون اڄ کان پوءِ اسان جو پٽ ناهين تون تہ غدار آهين. عورت جو غربت جي باوجود پنهنجن اصولن تي رهڻ يقنن وڏو ڪردار آهي، جنهن کي نورالهديٰ شاھ هن ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. سيد مظهر جميل هن ڪهاڻي بابت لکي ٿو،

"نورالهدیٰ شاہ کا جہانِ فن مختلف اور متنوع موضوعات سے گونجتا ہے اور وہ ہر موضوع، ہر واقع کو ایک جداگانہ انداز میں برتری کا ہنر جانتی ہیں۔ چنانچہ ان کی شہرہء آفاق کہانی 'میرے بیٹے کی ماں' (ترجمہ شاہد حنائی) بالکل مختلف موضوع، فضا آہنگ اور تاثر کی کہانی ہے۔ یہ ایک ایسی ماں کی کہانی ہے جو قومی جدوجہد میں اپنی پوری زندگی گزار دیتی ہے۔ اس کہانی میں وہ سب خوبیاں موجود ہیں جو فنی اعتبار سے ایک مکمل اور معیاری کہانی میں تلاش کی جاتی ہیں کہ نورالہدیٰ شاہ نے پورے ماجرے اور قصے کو نہایت چابک دستی سے بنا ہے، وہ آہستہ آہستہ مناسب فضابندی کرتی جاتی ہیں، جس میں کرداروں کے مختلف رویے، موڑ اور رد عمل ابھر کر سامنے آتے ہیں۔ یہ سارے عناصر اس طرح ایک دوسرے میں پیوست ہیں کہ انہیں جدا بھی نہیں کیا جا سکتا اور اسی وحدت عملی سے کہانی میں وحدت کا تاثر پیدا ہوتا ہے۔"(20)

نور الهديٰ شاھ جون اهڙيون ڪيترڀون ئي ڪهاڻيون آهن جن ۾ انساني احساس ۽ درد جي عڪاسي ٿئي ٿي. جنهن ۾ فوٽ پاٿ، شريف زادي، سرحدون ۽ فاصلا، جلاوطن، منهنجو من پنيور، زندگي جو زهر، منهنجي زندگي جو جنم قيد، آخري مئل ماڻهو، اڻ پورو آسمان، ٽٽي پرزا ٿيل عڪس وغيره ڪهاڻين ۾ فرد جي اندر جي اڪيلائي، احساس، درد واري ڪيفيت پرپور نموني سان عڪس ٿيل آهي.

سندس ڪهاڻين ۾ وجودي ڪيفيت تمام گهڻي ملي ٿي جنهن جو نمونو سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "رڻ ۽ رڃ جو اتهاس" ۾ موجود آهي. نور الهديٰ شاھ جي ڪهاڻين تي محترم مختيار احمد ملاح ڏاڍو خوبصورت تبصرو ڪيو آهي:

"نورالهديٰ شاھ جي ڪهاڻين ۾ داخلي سپنن جي خوبصورت دنيا ۽ خارجي اداس منظرن جو ٽڪر آهي ۽ ان ٽڪر مان احتجاج جنم وٺي ٿو."(21)

**نتيجو:**

مجموعي طور تي نور الهديٰ شاھ جون ڪهاڻيون عورت جي انهن دردن جو داستان آهن، جيڪي عورت سان گڏ بلند پٿين وارين ديوارن ۾ قيد آهن. هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ گهڻو ڪري انهن عورتن جو درد،

تڪليف ۽ سور بيان ڪيو آهي، جن جو درد لکڻ لاءِ ڪڏهن ڪنهن مرد به ڪوشش ناهي ورتي. توڙي جو حويلي سنڌي ڪهاڻي جو وڏو موضوع رهيو آهي، پر حقيقت ۾ جنهن گهرائيءَ سان نورالهديٰ شاهه اتي جي عورت جو درد، اميد، خواب، خواهشون، آسون ۽ سور بيان ڪيا آهن، اهڙي باريڪ بينيءَ سان ڪو به ڪهاڻيڪار ناهي بيان ڪري سگهيو. هوءَ عورت جي حيثيت ۾ عورت جو درد سمجهي ٿي ۽ حويليءَ ۾ رهي ڪري حويليءَ ۾ رهندڙ عورت جو درد اجان وڌيڪ گهرائي سان ڏسي، محسوس ڪري لکي ٿي. سندس ڪهاڻيون حقيقي معنيٰ ۾ عورتن جي حقن جو آواز آهن.

## حوالا:


1. https://countrymeters.info/en/World
2. https://www.newworldencyclopedia.org/entry/feminism
3. فيمينزم: ڪجهه بنيادي سوال، ڪمال ڀاسن، نگهت سعيد خان، سنڌيڪار، امر سنڌو، اثر پبليڪيشن، لاهور، 2001ع، ص، 12، 13
4. سوڍر، ڊاڪٽر قاسم، فيمينزم ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي جدوجهد، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2021ع، ص، xxv
5. ساڳيو حوالو، ص، xxvi
6. ٽه ماهي مهراڻ، محمد ابراهيم جويو نمبر، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2018ع، ص، 45
7. لاشاري، مبارڪ علي ڊاڪٽر، جديد ادبي نظريا، ماء پبليڪيشن سکر، 2018ع، ص، 135
8. Mary Anne Ferguson image of women in literature, Boston, Mifflin company 1981 Page .5
9. حسين فهميده ڊاڪٽر، شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، 1992ع، ص، 15
10. شاهه، نورالهديٰ، ڪيڏارو (ڪهاڻي ڪليات)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون، 2006ع ص 120-119
11. ميمڻ پروين موسيٰ، ڊاڪٽر، سنڌي ڪهاڻي ۾ عورت جو روپ، رسالو مهراڻ، 1993ع، ص83
12. ساڳيو حوالو
13. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ" جلد ٽيون سال2006اداري پاران سنڌي لئنگويج اٿارٽي" ص 99
14. شاهه، نورالهديٰ: (مهاڳ) ڪيڏارو (ڪهاڻي ڪليات)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون، 2006ع، ص، 61
15. ساڳيو حوالو، ص، 12
16. نورالهديٰ شاهه، جلاوطن، آگم پبليڪيشن ايجنسي حيدرآباد، ڇاپو پهريون، فيبروري 1980ع، ص 8 _ 12
17. ساڳيو حوالو، 13
18. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي 2002ع، صفحو 584
19. مظهر جميل، سيد، جديد سنڌي ادب، (ميلانات، رجحانات اور امڪانات) اڪادمي بازيافت ڪراچي، ڇاپو پهريون 2004ع، ص 1294
20. مظهر جميل، سيد، جديد سنڌي ادب، (ميلانات، رجحانات اور امڪانات) اڪادمي بازيافت ڪراچي، ڇاپو پهريون 2004ع، ص 1294
21. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2015ع ص 356

**Introduction to Contributors:**

**Dr. Parveen Moosa Memon**, Research Scholar is working as Assistant Professor in Govt. Nuzrat Girls College, Hyderabad. 13 Books to her credit.

**Dr. Asmat Fatima Veesar**, Research Scholar She is working as an Assistant Director, District Educational Technology Resource Center, Thatta @ Makli.

**Dr. Abida Ghanghro**, Research Scholar is working as an Assistant Professor (Contract) in the Department of Sindhi, Federal Urdu University (FUUAST), Karachi. 13 research papers and 6 literary books to her credit.

**Mr. Abdul Karim Azad Samejo**, Research Scholar for Ph.D. He is completing his research in Department of Education, Sindh Madrast-ul-Islam University, Karachi. He is working as an Additional Secretary, Schools, Education & Literacy Department, Govt. of Sindh.

**Ms. Naheed Shah Naqvi**, Research Scholar for Ph.D. She is completing her research in Department of Sindhi, University of Sindh, Jamshoro. She is working as a Lecturer (Sindhi), Model College, Sindh University old Campus, Hyderabad.

**Dr. Zulfiqar Ali Jalbani**, Research Scholar is working as an Assistant Professor in Govt. Boys Degree College, Mehrabpur. Seven research papers and 51 articles published and one literary book to his credit.

**Mr. Mushtaq Gabol**, Research Scholar, for Ph.D. He is completing his research from Department of Sindhi, University of Sindh, Jamshoro. He is working as Lecturer at Federal Government College, Hyderabad. Five literary books & 15 Research Papers to his credit.

**Mr. Anwer Pardesi**, Research Scholar for Ph.D. He is completing his research from department of Sindhi, Shah Latif University, Khairpur. He is working as an Assistant Professor, Superior Science College, Khairpur (Mirs). Writer and poet, two literary books to his credit

**Ms. Um-e-Haani Sindhu**, Research Scholar for Ph.D. She is completing her research from Department of Sindhi, University of Karachi. She is working as a Lecturer (Contract), Department of Sindhi, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazirabad (Nawabshah).

**Dr. Akhter Ali Ghunio**, Research Scholar working as an Assistant Professor (Sindhi), Govt. Boys Science & Commerce College, Gulistan-e-Johar, Karachi. Three research paper published in HEC recognized journals.

**Mr. Abdul Fatah Supro**, Research Scholar, for Ph.D. He is completing his research from Department of Sindhi, University of Sindh, Jamshoro. He is working as an Assistant Professor, Govt. Degree College Larkana.

**Ms. Hira Jan**, Research Scholar, for Ph.D. She is completing her research from Department of Sindhi, University of Karachi.

**Ms. Bibi Fatima Abro**, Research Scholar, for Ph.D. She is completing her research from Department of Sindhi, University of Karachi. She is working as a visiting faculty in Department of Sindhi, University of Karachi.

Recognized by Higher Education Commission

# KAROONJHAR

Bi- annual
(RESEARCH JOURNAL)

ISSN# 2222-2375
VOL.14. ISSUE 26, December 2022

Editor
DR. INAYAT HUSSAIN LAGHARI

DEPARTMENT OF SINDH
Federal Urdu University of Arts, Science & Technology,
Abdul Haq Campus, Karachi, Sindh, Pakistan